# نيويارڪ جو سير



شوڪت علي شاھ بخاري

كتاب جا سڀ حق ۽ واسطا محفوظ

كتاب جو نالو: نيويارڪ جو سير
ليکڪ: شوڪت علي شاهہ بخاري
ڪمپوزنگ: پيس ڪمپوزرس 5/11 رمپا پلازه ايم اي جناح
روڊ ڪراچي. فون: 7762272
ڇپائيندڙ: پيس پبلشرس ڪراچي
ڇپائي جو سال: آگسٽ 2000ع
قيمت: =/100

# Contents


| | |
|---|---|
| پنهنجي پاران | 7 |
| پيش لفظ 2 | 9 |
| 3 New York | 23 |
| 4 Sub way Train system in New york | 28 |
| 5 Yelow Cab and lemosine | 34 |
| 6 Parking system in New york | 36 |
| 7 New York Public Liberery | 41 |
| 8 T.L.C Taxi Lemosine commission | 46 |
| 9 Brooklyn | 48 |
| 10 Brooklyn ~~Borough~~ Botanic garden | 53 |
| 11 Public School | 54 |
| 12 Cony Island | 61 |
| 13 Rite Aid | 64 |
| 14 Verazano Bridge and shore park | 66 |
| 15 Britern Beach | 68 |
| 16 Bronx Zoo | 73 |
| 17 Statue of Liberty | 77 |
| 18 Pregment Hard ware store | 84 |
| 19 American musuem of Natural History | 68 |
| 20 Garrag Market | 90 |

| | |
|---|---|
| 21 Long Island | 93 |
| 22 ManHattan | 96 |
| 23 Impartant Places in manHattan | 105 |
| 24 Wild Wild [redacted] west | 107 |
| 25 Pros Pect Park | 109 |
| 26 Grey Hounds | 111 |
| 27 A.m (Track)Train | 113 |
| 28 Roosevelt Island | 120 |
| 29 Dogs and Pets | 124 |
| 30 America beggars | 128 |
| 31 Queens | 131 |
| 32 Mehfl Bar | 134 |
| 33 Vigra | 136 |
| 34 New York to Washington by Road | 139 |
| 35 Hydro plan shuttle Service | 144 |
| 36 Pryant Park | 145 |
| 37 Washing of cloth in New york | 149 |
| 38 Fire Hydrant system | 152 |
| 39 United Nation organization | 166 |
| 40 Jeneeva | 160 |
| 41 Niagra Falls | 162 |
| 42 Rochester | 170 |
| 43 Bufflo | 173 |
| 44 Lisa of Webster | 176 |

45 Cave of the winds Trip 180

46 Ferry Servise 181

47 Atlantic City 185

48 Phela dal-Phia 190

49 Hudson river 195

50 World Trade center 197

# پنهنجي پاران

ارڙهين صديءَ جي انگريز مها وديا دان سئميوئل جانسن 1769ع ۾ آمريڪين لاءِ هنن ٻولن ۾ اظهار ڪيو آهي، ”هو انگريز قوم جي سزاوار قيدين جو نسل آهن جن کي (آمريڪا ڏانهن) وڃڻ جي اجازت ملڻ ڪري اسان جا ٿورا مڃڻ گهرجن“ انهيءَ ساڳي سزا يافته قوم جي پوين لاءِ پوڻا ٻه سئو سال پوءِ ويهين صديءَ جي وچ ڌاري انگريزن جي ناميارِي ۽ مڃيل سياستدان سرونسٽن چرچل مجبور ٿي هئن چرچا ڪيا آهن. ”ڪيترن ئي حڪومتن يا ملڪن جن جنگ ذريعي فتحون حاصل ڪرڻ ڪانپوءِ (دنيا ۾) اعليٰ مقام حاصل ڪيو آهي انهن جي ڀيٽ ۾ آمريڪا تمام گهڻو وڏيڪ اعتماد ۽ نيڪ ناميءَ جو مظاهرو ڪري پاڻ موڪيو آهي“.

اڄ انهيءَ ”سزا يافته“ قوم جا پونير ميوزڪ ڊائريڪٽر وانگر چڙيءَ جي اشاري سان ڪيترن ئي حڪومتنکي نچائي رهيا آهن. اهو ڄاڻڻ گهرجي ته انهيءَ منزل تي پهچڻ لاءِ هن قوم ڪيتري محنت ڪئي هوندي جنهن جوڦل ان جا پويان ڪائي رهيا آهن.

هن جيڪا ترقي پنهنجي ملڪ جي ايراضي کي مدنظر رکندي ڪئي آهي سا اڪين سان ڏسڻ سان ئي محسوس ڪري سگهجي ٿي. ياد رهي ته هڪ طرف ايراضيءَ جي لحاظ کان آمريڪا پاڪستان کان سورهونڻو ۽ هندستان کان ساڍو چئونڻو وڏو آهي ته ٻئي طرف سندن آدمشماريءَ پاڪستان (14 ڪروڙ) ۽ هندستان (سئو ڪروڙ) جي ڀيٽ ۾ صرف ويهه ڪروڙ آهي.

اصل ڳالھ دل جي لڳن ۽ ڪم ڪرڻ جي نيت سان آهي هي عظيم انسان هئا جن محنت ڪري پنهنجي ملڪ ۽ قوم لاءِ رستا، پلون، عمارتون، زير زمين ريلون، ٽنل، پارڪ، ميوزم، لائبرريون ۽ بهترين نظام، قانون ۽ ان تي عمل ڪرڻ جا طريقا ٺاهيا، سوين سال گذرڻ بعد اڄ بہ هي سڀ ڪجھ نئون جديد ۽ ڪارآمد لڳي ٿو. اهي انگريز ڳورا پنهنجي پراڻين تاريخي عمارتن، شاهڪارن کي سنڀالين ٿا ان شين جي حفاظت ڪن ٿا جن سان ان قوم ۽ ملڪ جو وقار بلند آهي نيويارڪ ۾ مجسمہ آزادي، امپائر اسٽيٽ، مين هٽن جون عمارتون، نيويارڪ پبلڪ لائبريري، بروڪلن برج، زير زمين ريل جو نظام، ٽنل ۽ رستا آمريڪن جي سچائي حب الوطني جوزنده ثبوت آهي.

اسان جي ملڪ پاڪستان ۾ جيڪي ڪجھ تاريخي عمارتون جن ۾ قلعہ، مسجدون، ڪورٽون، چرچ ۽ تعليمي ادارا آهن اهي بہ انگريز سرڪار هندن ۽ مسلمانن جا ٺاهيل آهن اسان جي حڪومتن ڪڏهن بہ سنجيدگي سان اهڙن شاهڪارن جي حفاظت لاءِ ڪو جوڳو قدم نہ کنيو آهي. ساڳيءَ قوم کي اهڙو ڪودرد يا احساس نہ آهي هن ملڪ ۾ طبقاتي جنگن جي ڪري اسين سڀ ڪان پوئتي آهيون هر شئي کي لساني نظر سان ڏسون ٿا. آمريڪا ۾ بہ سوين طبقا ۽ قومون آهن پر هو هر ڪم قومي مفاد ۾، آمريڪن ٿي ڪن ٿا،

حيدرآباد ۾ پڪو قلعو، ڪچو قلعو، دادو ۾ رني ڪوٽ ۽ ٻيا ڪيترا تاريخي مقامات جيڪي اگر آمريڪا ۾ هجن تہ حڪومت انهن مان ڪروڙين ڊالر ڪمائي ڪري پر هت عدم توجہ ۽ اندروني انتشار جي ڪري اسين ڏينهون ڏينهن پريشان پوئتي ۽ پسمانده ٿيندا وڃون.

منهنجي سفر نامي ۾ اکين ڏٺو احوال، اندر جا اڌما ۽ ٻاهرين ملڪن جي محنتن، شعرتن ۽ لذتن جو احوال هوندو. جيئن اسان جي ديس جا دلبر ۽ ديوانا هن ڪتاب ذريعي ڪجھ حاصل ڪن ۽ لست وٺن. سفرنامي لکڻ جو مقصد ئي آهي جيڪي ڏسو سو دل کولي لکو. جيئن ڪيرت ٻاٻاڻي پنهنجن چئن ڪتابن ۾ لکيو آهي ” ڪجھ لڪايم ڪجھ ٻڌايم“.

**شوڪت علي شاھ بخاري**

# پيش لفظ

شوڪت شاھہ بخاري اسان جو گهڻو پراڻو دوست آهي. سندس پهرين شايع ٿيل ٻہ سفر نامہ لنڊن جو سير ۽ بنڪاڪ جو سير، عام ٻوليءَ ۾ لکيل سٺا، معلوماتي ۽ دلچسپ ڪتاب آهن.

نيويارڪ جو سير لکڻ دوران شاھہ صاحب مونکي ڪتاب جو پيش لفظ لکڻ لاءِ چيو هو، هيترو سارو ڪتاب لکجي ويو جنهن لاءِ محنت ۽ وقت لڳو هوندو، ٻہ صفحا پيش لفظ لکڻ لاءِ مان انڪار نٿو ڪري سگهان.

نيويارڪ جو سير ڪتاب شاھہ صاحب جو اکين ڏٺو، سچو احوال آهي، گهمي ڦري ڪائي پي يادگيرين مشاهدي ۽ پيش ايندڙ لمحن کي ترتيب وار تحرير ۾ لکڻ هڪ غير پيشہ ور Non Professional اديب لاءِ وڏو ڪم آهي. خاص ڪري سرڪاري نوڪري، سوشل سرڪل، خانداني معاملات وري ذاتي زندگي جي جهميلن مان وقت ڪڍي سفرنامي جو ڪتاب لکڻ اهو بہ تفصيل سان. آسان سنڌي زبان ۾ قابل تحسين ڪم آهي. هي نيڪ جذبو ۽ سنڌي ٻوليءَ جي بي لوث خدمت آهي.

نيويارڪ جو سير پڙهڻ سان صحيح معنيٰ ۾ نيويارڪ جو سير ٿيو وڃي. هي سفر نامو ٻين سفر نامن وانگر هڪ آپ بيتي ناهي پر هڪ

دلچسپ تفريح ۽ مفيد معلومات پڻ آهي.

نيويارڪ آمريڪا جي اهم رياست ۽ وڏو صوبو آهي ان بابت گهڻ ويٺي هن ڪتاب پڙهڻ سان گهڻو ڪجهه معلوم ٿئي ٿو، ۽ ايئن محسوس ٿئي ٿو ڄڻ نيويارڪ ڏٺل هجي.

بخاري صاحب جتي به ويو آهي اتي جي منظر ڪشي ۽ حالات کي سٺي طرح واضع ڪري بيان ڪيو اٿس، خاص ڪري نيويارڪ جي رنگا رنگي حسينائن ۽ پوپٽين جو ذڪر انهن جي لباس، رنگ روپ ۽ ڪيفيت جو ذڪر وري انسان گڏوگڏ اڪيلائي جو احساس ڄڻ ته اهي لمحا ڏاڍا نازڪ آهن. پرديس ۾ اهڙين بي تڪلف ۽ بيپرواه حسينائن جو ساٿ جن لاءِ مرد ۽ عورت هڪ ڳالهه آهي، هميشه ياد رهي ٿو. نيويارڪ جي سير ۾ بخاري صاحب لزا جيني ۽ ٻين گمنام جوانين جو ذڪر ڪيو آهي جيڪو اڻ پورو لڳي ٿو.

ڪتاب ۾ مٺن هٽن، نائگرا فال، مجسمو آزادي، بوٽانڪ پارڪ، برائيٽن بيچ، زير زمين ٽيوب، نيويارڪ پبلڪ لائبريري ۽ ٻين ڪيترن جاين جو تفصيل سان بيان ڪيل آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ اهڙا بيباڪ ڪتاب گهٽ لکيل آهن. ڪتاب جي عمر ماڻهوءَ جي زندگي کان وڏي آهي زندگي فنا آهي ڪتاب دائم ۽ قائم آهي.

آمريڪن انسان توڙي جانور سڀ سان محبت ڪن ٿا. خاص ڪري قدرتي ڪرشمن ۽ مالڪ جي لڪل تخليق ۽ عجيب اسرارن کي ڳولي ڪوجنا ڪري ظاهر ڪرڻ ۽ دنيا لاءِ روشناس ڪرڻ ۽ اهڙن شاهڪارن جي نمائش ڪرڻ هڪ وڏو عظيم ڪارنامو آهي.

بروٽرزو، ميوزيم آف آمريڪن نيچرل هسٽري، بروڪلن بوٽانڪ پارڪ امريڪا جا اهڙا ڪارناما آهن جن ۾ مالڪ جي تخليق کي هر طرح سان اجاگر ڪيو ويو آهي. شاهه صاحب جنهن خوبصورت ۽ سهڻي طريقي سان هنن مضمونن کي بيان ڪيو آهي ان مان سندس محنت سچي لگن ۽ جذبن جو اظهار ٿئي ٿو.

مان وري بہ اهو چوندس تہ سفر ڪرڻ أسان پر سفر نامو لکڻ اهو بہ اکين ڏٺو احوال تفصيل سان بيان ڪرڻ نهايت مشڪل آهي ۽ هر ڪنهن جو ڪم ناهي. هي خدا داد صلاحيت آهي جو هڪ ماڻهو گهمي ڦري ۽ اهي واقعا لکي ان مان هزارين مستفيض ٿين ۽ گهر ويٺي تفريح ڪن.

شوڪت شاھ بخاري جو هي ڪتاب نہ صرف سندس نالو روشن ڪندو پر سنڌي ادب ۾ سفرنامي جي ڪتابن جو واڌارو آهي.

اسان جي دعا آهي تہ شل بخاري صاحب هي مشغلو جاري رکي دنيا جا ملڪ گهمي ۽ همت ڪري اهڙا دلربا ۽ منفرد سفرنامہ لکي جن کي هڪ وار پڙهي وري ٻيهر پڙهڻ تي دل چئي ٿي.

***امتياز قاضي***
ڪمشنر حيدرآباد
ڊويزن حيدرآباد سنڌ

# نيويارڪ جو سير

سفر نامو مان ڪنهن ڪان متاثر ٿي ڪنهن ڪي ڏسي نقل ڪري ذاتي شهرت ۽ ڪمائڻ لاءِ نٿو لکان هي ڏاڍو مشڪل ڪم آهي ۽ ڳالهه نصيب جي آهي. جنهن ڪي اهي پرائي ديس جا پاڻي نصيب ٿين. هي منهنجو ذاتي شوق، مشغلو، جذبو ۽ جنون آهي. مان مرڻ بعد زنده رهڻ چاهيان ٿو.

1992ع دبئي، لنڊن ۽ اسڪاٽ لينڊ، گلاسگو جو سير ڪيم، واپس اچي ڳالهين ڪندي ڪن دوستن جي همت افزائي ۽ پنهنجي شوق ڪي شهه ڏيندي لنڊن جو سير نالي سفرنامو تيار ڪيم، پنهنجي امڙ جي مٺي ٻولي سنڌيءَ ۾ لکيم بعد ۾ هڪ دوست محترم خدا بخش سحر قريشيءَ جي مدد سان اردو ۾ ترجمو ڪري ڇپايم ان جو ٻيو ايڊيشن هاڻ ڇپيو آهي.

1993ع ۾ بنڪاڪ ۽ سينگاپور جو سفر ڪيم پنهنجي انڌي شوق کي قائم رکندي بنڪاڪ جو سير لکيم جنهن جو اردو ترجمو ٿي ويو آهي. ڇپائي هيٺ آهي.

1994ع ۾ اسلام آباد کان شاهراهه قراقرم جنهن کي شاهراه ريشم به چون ٿا خنجراب چائنا باردر تائين سفر ڪيوسين اهو به يادگار سفر آهي. اسان هڪ وين ڪرائي تي ڪئي هئي جنهن ۾ مان منهنجو

پٽ، سبطين، ذوالقرنين ڏيءَ مهرالنساءَ پائنيو، امير شاهه گڏ هئا. اسلام آباد کان گلگت اسين سورهن ڪلاڪن ۾ پهتاسين. شاهراه قراقرم جا سرسبز ۽ ويران پهاڙ، ٽڪريون، واديون، لاهيون چاڙهيون خطرناڪ موڙ ڏٺاسين دنيا جي ٻيو نمبر برفاني چوٽي ڪي ٽو جنهن کي Godwin Astin چون ٿا. ننگا بربت جو خطرناڪ پهاڙ، گولڊن پيڪ، ليڊي فنگر ڏٺاسين، گلگت، هنزا، ست جون واديون ڏٺيون سين اُتي جي مشهور سلڪروٽ هوٽل ۾ رهياسين.

درياءَ سنڌ جيڪو گلگت ۾ به سنڌو دريا چوائي ٿو ان جو لنگهه، موج مستي ۽ اوج ڏٺوسين نائگرافال جو پاڻي ڪرڻ کان پهرين جڏهن نائگرا ندي مان تيز تيز ڊوڙي ٿو تڏهن اهو ڏسي مون کي سنڌو دريا جو اسڪردو وٽان بادلن جي گجگوڙ واري آواز سان تيز وهڪرو ياد اچي ويو هي سڀ وقت مليو ته لکنداسين.

ان سان گڏ اسڪردو ۾ وڃڻ ٿيو جتان سياچن هڪ سو ڪلوميٽر آهي هوٽل شنگريلا ۾ رهياسين جيڪا پهاڙن جي وچ ۾ ڪچورا ڍنڍ سان گڏ هڪ حسين ريزارٽ آهي 1998ع ۾ آمريڪا وڃڻ ٿيو گهٽڻ ڏينهن کان اها خواهش هئي ته ١۴٩٣ ۾ ڪرسٽافر ڪولمبس جو دريافت ڪيل دنيا جو هي وسيع عظيم ۽ حسين ملڪ ڏسون جنهن پوري دنيا کي پاڻ ڏانهن متوجع ڪيو آهي سپرپاور ۽ جمهوريت جو علمبردار آهي.

لنڊن جو سير لکڻ بعد آمريڪا جو گهڻا مهربان پڇندا هئا پر هي ملڪ ڏٺل ڪونه هو. حالانڪه مون وٽ 1993ع کان ملٽي پل ويزا هئي. آمريڪا وڃڻ جو موڊ گهٽي عرصي کان هو جو منهنجو ننڍپڻ جو هڪ بي وفا دوست زاهد به سترهن ارڙهن سالن کان اتي آهي پر سندس ائڊريس نه هئي ۽ نه وري ڪڏهن آيو پنهنجي پائرن سان به نٿو واسطو رکي ها البته هڪ دلبر دوست طارق عباسي هميشه لاءِ اتي هليو ويو آهي ڪجهه مهينا پهرين آيل هو. پاڻ انڊيانا پوليس ۾ رهي ٿو. هن

گھٽا فون ڪيا ڪوشش ڪيم پر نيويارڪ مان وقت نہ ڪڍي سگهيس ۽ انڊيانا پوليس نہ وڃي سگهيس.

ٽين سيپٽمبر 1996ع تي منهنجو پيارو دوست محترم امتياز الدين فاروقي پنهنجي آمريڪي زال سان گڏ نيويارڪ شفٽ ٿي ويو آهي امتياز پهرين بہ آمريڪا ۾ رهي چڪو آهي سندس فون ۽ خطن جو سلسلو ۽ آمريڪا اچڻ جون دعوتون منهنجي سفر جو خاص سبب بڻيون.

سچ تہ مان آمريڪا امتياز جي ڪري ئي ويس ۽ سفرنامو لکڻ جو شوق بہ ڪنيو بيٺو هو.

امتياز ڪي خط لکي ڇڏيم هو بي چيني سان انتظارر ڪرڻ لڳو هن پاڻ نيايو دل و جان سان منهنجو اڏرياءَ ڪيو اسان وٽ شناسائي آهي تہ امتياز وٽ وفا شعاري آهي هن هر طرح سان منهنجو خيال رکيو پاپي پروين بہ منهنجي سٺي خدمت ڪئي. امتياز منهنجي خاطر گهر جو نئون ڪارپٽ خريد ڪيو الڳ ڪمرو ڏنو طرح طرح جا مال ڪاڏا ۽ پيتاسين، جيترو ٿي سگهيو نيويارڪ گهمياسين.

خدا جو شڪر امتياز وٽ لنڪن ٽائون هڪ لگذري آمريڪن ڪار آهي جنهن ۾ اسين خوب گهمندا هئاسين.

نيويارڪ وڃڻ لاءِ ٽڪيٽ ۽ روٽ جي معلومات جي سلسلي ۾ دوستن کان معلومات ورتم ايئر فرانس ڪراچي دبئي پيئرس نيويارڪ 43130 رپيا، ڪميشن ڪٽي پي آءِ اي ڪراچي دبئي لنڊن يا ڪو بيو شهر نيويارڪ تائين 46040 رپيا هڪ پاڙيسري دوست مسٽر تيمور جيڪو ٽرانس ايئر ٽريول پررل ڪانٽينٽل ۾ ڪم ڪري ٿو ان لفٿنسا ايئر لائين ۾ 42800 رپيا ۾ ٽڪيٽ ڪرائي ڏني جيڪا ڪراچي دبئي، فرنڪ فرٽ نيويارڪ هئي اينڊي ويندي مون Vegitarian مطلب ڀاڄي خور جنهن کي ويشنو چون ٿا. لکايو تہ جيئن ڪو غلط گوشت نہ کائي وڃان ٽڪيٽ وٺڻ کان اڳ ۾ سائين حسن شاہ بخاري (جج)

تخليق هوائي جهاز مطلب موت جي گهوڙي تي سوار جنهن ۾ طرح طرح جا انسان زندگي جي مختلف هنڌن تي مختلف منزلن ڏانهن روانا اتي فطرتن هڪٻئي سان ڳالهائڻ تي دل چاهي ٿي هن سدوري پهل ڪئي چيو توهان نيويارڪ ٿا وڃو مون چيو ها بس پوءِ خبرون چارون ڪيون سين. پاڻ لاهور جي هئي سندس نالو لبنہ فيروز هو سندس مڙس جي زميداري آهي ميرپور خاص ۾ رهي چڪا آهن هڪ ڌيءَ نيويارڪ ۾ پي لنڊن ۾ ۽ لاهور ۾ جيڪي جون جي ويڪيشن ۾ پيءَ سان گڏ نيويارڪ اينديون ڪيس فرنڪ فرٽ لهڻو هو جتي سندس سهيلي رهي ٿي تن ڏينهن بعد هي نيويارڪ ايندي ڪهڙا سخت ۽ بهادر انسان آهن جو ۽ ڏيئرون چڏي اڪيلي آمريڪا ۽ جرمني گهمڻ نڪتي آهي.

ڪراچي مان جڏهن ٽيڪ آف ڪري جڏهن جهاز آسمان جي بلندي تي پهتو تہ ٻار ياد اچي ويا ۽ اندر جي اکين ڳوڙها ڳاڙيا. مان ٻارن کان دور گهمڻ وڃي رهيو آهيان هو هاڻ وڏا ٿي ويا آهن پر اڪيلا لڳندا ماءُ ۽ پيءُ لاءِ اولاد هر وقت ننڍو آهي يا خدا تون هنن جي حفاظت ڪج.

ڏيڍ ٻن ڪلاڪن بعد جهاز دبئي پهتو ٿوري دير لاءِ لهي ڊيوٽي فري شاپ ويس ان کان پهرين پنهنجي دوست سجاد جوکئي جي چاچي ۽ محترم حبيب الله جوکئي جي ڀاءُ امان الله جوکئي جي پيچا ڪيم جيڪو ڊائريڪٽر ٽيڪنيڪل پي آءِ اي دبئي آهي پر هن سان ڳالهہ نہ ٿي سگهي.

جهاز فرنڪفرٽ روانو ٿيو مائي سان هتان هتان جون ڳالهيون ڪري وقت پاس ڪيوسين وچ ۾ لفٽنسا وارن لنچ ڪارائي ڊرنڪ عام هئي شام جا پنج ٿيا هئا فرنڪفرٽ پهتاسين جهاز تبديل ٿيو اسان اميگريشن مان واندا ٿي ٻئي جهاز لاءِ بورڊنگ ڪارڊ وٺي لائونج ۾ آياسين. لبنا فيروز موڪلايو ۽ ٻاهر وڃڻ لاءِ انهن مسافرن جي قطار ۾ بيٺي جن کي هتي لهڻو هو. مان پنهنجو پاسپورٽ ٽڪٽ سنڀالي جن جي سفر ۾ جان کان وڌيڪ حفاظت ڪرڻي پوي ٿي فرنڪ فرٽ ايئرپورٽ

جو جائزو ونڻ لڳس مون کي بورڊنگ ڪارڊ مليو ويو هو جنهن ۾ جهاز جو سيٽ نمبر هو هتان ٻئي جهاز ۾ نيويارڪ وڃڻو هو هاڻ ٻه ڪلاڪ گذرڻا هئا. هيڏانهن هوڏانهن ڏسڻ ۽ وائسڻ لڳس رش گهٽي هئي گهٽيون فلائٽيون فرنڪ فرٽ اچن ٿيون پوءِ اتان مختلف شهرن ۾ مسافر روانا ٿين ٿا.

ايتري رش جي باوجود آواز ڪونه هو جو هتي ماڻهو ڪونه هئا بلڪه انسان هئا. هر ڪو مرد عورت سائيڊ وٺيو ويٺو هو ڪيترائي مسافر پنهنجين فلائيٽن جي انتظار ۾ ويٺا هئا گهڻو ڪري ڪتاب يا اخبار پڙهي رهيا هئا. مان پنهنجو ٿيلو ڪڍي ان لائونج واري گيٽ جي پاسي ۾ وڇي بينس اچا ٻه ڏيڍ ڪلاڪ انتظار ڪرڻو هو منهنجي پاسي ۾ هڪ اڇي رنگ جي گول مٿول انتي ٻه اچي ٿيلو رکيو جيڪا نيويارڪ وڃي رهي هئي ساڳئي فلائيٽ ۾ فرنڪ فرٽ ايئرپورٽ تي مان هڪ ڪپ ڪافي جو پيتو جيڪو پنجن امريڪن ڊالرن جو هو مان ڪائونٽر واري کي چيو ته هڪ ڪپ پنج ڊالرن جو گهڻو مهانگو آهي اسان جي ملڪ ۾ هڪ ڊالر ۾ ملي ٿو. هو ڏاڍو تيز ماڻهو هو چيائين پوءِ چو ڏهه هزار پاڪستاني جرمني ۾ ڪم ڪن ٿا ۽ واپس وڃڻ جو نالو ئي ڪونه ٿا وٺن ۽ هي ايئرپورٽ آهي مون چيو ڊوڙ وڃي پائي چپ ڪري پنهنجي ٿيلي وٽ اچي ويٺس. جهاز هلڻ جو وقت ٿيو ڪافي مسافر اچي چڪا هئا.

هاڻ اسين لفتنسا جي ٻئي جهاز ۾ نيويارڪ لاءِ سوار ٿياسين وقت تبديل ٿي چڪو هو منهنجي گهڙي پاڪستاني ٽائم ٻڌائي مون کي منجهائي رهي هئي مون چيو يڪو وڃي نيويارڪ ٽائيم سيٽ ڪبو.

فرنڪ فرٽ مان منهنجو هم سفر هڪ جرمن سفارتڪار هو جيڪو نيويارڪ ڪونسليٽ ۾ ڪم ڪري ٿو سندس نالو Klasdicter Strack هو ڀلو ماڻهو هو ان جي ڳالهين مان گهڻي معلومات حاصل ٿي. جڏهن نيويارڪ ويجهو آيو ته سڀني مسافرن

کي Embarcation Card ڏنائون جنهن ۾ تفصيلات لکڻا پون ٿا. ان ۾ اهو به آهي تہ اگر ڏهن هزارن ڊالرن کان مٿي رقم آهي تہ ظاهر ڪريو ۽ اگر ڪا کائڻ جي شي آهي ۽ اهو بہ Declare ڪيو مون وٽ Tins ۾ مختلف پوڙ هئا اچار گوشت چکن ڪڙهائي، ڪوفتا، قيمون وغيره مون هن کان صلاح ورتي هن چيو اگر توهان ظاهر ڪندا تہ سڀ ڪاڏو رکي ڇڏيندا جو تيل واري شيءِ ڪٽڻ اجازت نٿا ڏين مٿان ڪا بيماري ڦهلائي ان ڪري ڪالم ۾ Nil ڪري ڇڏ مون بہ ان ڪالم ۾ Nil ڪري ڇڏيو.

نيويارڪ هوائي اڏي تي جهاز سادي ستين بجي لينڊ ڪيو اجا سج بيٺو هو جهاز مان ائٽلانٽڪ سمنڊ جو نظآرو ڪيوسين جو هوائي اڏو سمنڊ جي ويجهو هو پاڻيءَ جا ڪارگو ۽ پئسنجر جهاز ويندي مٿان جهاز مان نظر اچن ٿا. جهاز مان ويروزانو برج نظر اچي ٿي.

سمنڊ خاموش موگي رنگ جو ٿي لڳو جنهن نيويارڪ نہ ڏٺو آهي ان لاءِ هي نظارا قيمتي آهن. منهنجي سيٽ بہ درياءَ جي پاسي ۾ هئي مزي سان سڀ ڪجهہ ڏسي رهيو هئس.

جهاز لينڊ ٿيو خدا جو شڪر ڪيوسين هوائي اڏي تي پين ملڪن جا ڪيترا جهاز بيٺا هئا پي آءِ اي جو هڪ جهاز بيٺو نظر آيو مان پنهنجي هٿ واري بئگ ڪٺي مسافرن سان گڏ آهستي آهستي هلڻ لڳس ڪجهہ هلڻ بعد فرشي ايلويٽر تي اچٽو پوي ٿو وري هيٺ لهٽو پوي ٿو جهاز ۾ بہ اڍائي سو مسافر هئا. بہ گوريون جن جي هٿن ۾ واڪي ٽاڪيون هيون انهن اسان کي لائن ڪري بيهاريو چيائون آمريڪن پاسپورٽ هولڊرز پهرين اچن ڪيترائي آمريڪي سٽيزن بلورنگ پاسپورٽ هٿن ۾ کنيو سيني کان پهرين اميگريشن ڪرائڻ تڪڙا تڪڙا نڪري ويا.

آمريڪن پاسپورٽ رکندڙن جي دنيا ۾ هر جڳهہ عزت آهي ان بعد اسان کي اڌ منو ڪلاڪ لائن ۾ بهٽو پيو. هڪ تہ رش گهٽي هئي پيو

هتي ڏگهي لائن نہ آهي ٿوري جڳهہ تي ور وڪڙ ڏيئي لائن هلائين ٿا. تي چار ڪائونٽر هئا جن تي اميگريشن وارو هڪ مرد يا عورت ويٺل هو هڪ هڪ ماڻهوءَ کي وڃڻو پوي ٿو گورو سوال پڇي ٿو توهان ڪٿي رهندا، ڇا ڪندا. ڪيترو وقت رهندا ان بعد ٺپو هڻي ٿو جنهن ۾ ڇهن مهينن جي ويزا ڏين ٿا. هڪ نظم ضبط ۽ خاموشي هوندي آهي مجال آهي جو ڪو بغير نمبر جي اڳيان وڃي يا ڪنهن قسم جي ٽڪڙ ڪري. اهو رواج صرف هتي آهي جو FIA ڪسٽم يا ASF جي ڪنهن اهلڪار سان تعلقات هجن تہ لائن ۾ بيهڻ جي ڪا ضرورت ڪونهي هن جو سامان بہ چيڪ نہ ٿيندو هن طريقي کي اسين پروٽوڪول چوندا آهيون.

اميگريشن مان واندا ٿي وڏي لائونج ۾ آياسين. جتي بئگون پيل هيون جن کي ٽرالي ۾ رکي اڳتي Exit طرف هلڻ لڳس. هتي هڪ عجيب خوف ٿئي ٿو پلي توهان وٽ ڪجهہ ناجائز نہ هجي ڏاريو ملڪ ڏاريا ماڻهو وري هڪ پاڪستاني آمريڪا ۾ ڦريون دفعو پيو وري اسان جي هر وطن منشيات جي اسمگلنگ ۾ دنيا ۾ نالو ڪڍيو آهي ان ڪري ڪجهہ خوف ٿئي ٿو. ڪسٽم آفيسر بيٺا هئا جيڪي مسافرن کي ڏسي رهيا هئا. هڪ نوجوان ڪسٽم آفيسر مون ڏي آيو چيائين معاف ڪجو هيءَ بئگ ڏسندس مان چيو بلڪل ۽ کولي ڏنومانس هن بئگ کي ٺوڪي دبائي ڏنو بئگ ڏسڻ چاهي ٿي مان کولي اڳيان رکي هاڻ مان ڪجهہ پريشان ٿيس جو ان ۾ ڪاڏي جا آئٽم هئا جن لاءِ مان Nil لکي آيو هئس. هن هڪ اسڪائوٽ ڪٽ مان چاقو ڪڍي ان پيڪ ٽين پوڙ واري ٽن ۾ اندر وڌو ۽ چيائين هي ڇا آهي مان چيو هي اسان جي ٽريڊيشنل چٽني آهي جيڪا منهنجي ماءُ منهنجي دوست لاءِ موڪلي آهي. اهڙي طرح منهنجي جان ڇٽي.

هاڻ مان ٽرالي ڇڪيندو جنهن ۾ بہ بئگون هڪ ۾ منهنجا ڪپڙا ٻي ۾ دوستن ۽ مهربانن جا تحفا هئا ٻاهر نڪتس منهنجو عزيز دوست

امتياز فاروقي سندس گهر واري ڀاڀي پروين ۽ ڌيءَ زارا سان گڏ منهنجي آڌرڀاءَ ۽ استقبال لاءِ بيٺا هئا. ٽرالي گهڻو اڳتي ڇڪي ڪار پارڪنگ ۾ آياسين جتي امتياز جي Lincon town Car بيٺي هئي گاڏيءَ جي ڊگي گهڻي ڪشاده هئي سامان آرام سان اچي ويو.

رات ٿي چڪي هئي پارڪنگ روٽ ڪافي وڏو هو جيڪو صرف اچڻ وارن مسافرن لاءِ هو. امتياز جي ڪار جي ڊگي ۾ سڀ سامان اچي ويو گاڏي اسٽارٽ ٿي اڳيان مان وينس پٺيان زارا ۽ ڀاڀي ڪار ڊوڙڻ لڳي مان گاڏين، عمارتن ۽ رستي تي لڳل بتين کي ڏسي مولا سائين جو شڪر بجا آندو جنهن همت ڏني. سفر خير سان گذريو.

امتياز مونکي ٻڌائي رهيو هو خاص ڪري بيلٽ وي بابت جتان هلي اسين بروڪلين مان ڪئيس ۾ جان ايف ڪينيڊي هوائي اڏي تي پهتاسين. ڪجهه دير بعد امتياز جو گهر اچي ويو. بروڪلن 18th ايونيو. هي علائقو بلڪل لنڊن وانگر ٿي لڳو هڪ ئي طرز جا گهر ٺهيل.

امتياز جو گهر ٻه بيڊ روم هڪ هال جنهن سان گڏ ڪچن باٿ ۽ پٺيان بئڪ يارڊ ٺهيل امتياز منهنجي لاءِ گهر جو ڪارپيٽ نئون ورتو الڳ بيڊروم ڏنو گهڻيون خبرون چارون ڪيون سين. منهنجي اچڻ تي ڀاڀي ۽ خاص ڪري زارا گهڻو خوش هيون. رات ڪافي ٿي چڪي هئي امتياز وٽ ٺهيل بهترين ڊنر ڪيوسين مان سمهڻ جي ڪئي ڪمرو ٿڌو هو جو دري بئڪ يارڊ طرف کلي ٿي جتان ٿڌي هوا آمريڪا جي خوشگوار موسم جي گواهي ڏئي رهي هئي.

ٿڪاوٽ ٻه گهڻي هئي جو جهاز ۾ 90 ڊگري تي ويٺا هئاسين ننڊ نالي ماتر ڪئيسين. پيو رات جيڪا ڪري سين ڪي مات وري صبح جو سڀ ڪجهه ڏسڻ جو شوق، مٿان امتياز خان ٻڌي وزير جي تواتر ڪئي بس اک نه ڏسي گوڏي کي سمهڻ سان وڃين چوٿون گيئر پيو ڪوبه خواب نه آيو صبح جو سوير مطلب ستين بجي اک کلي وري ليٽي پيس

جو گهر جا پاتي سمهيا پيا هئا.

اٺين بجي امتياز اٿيو پاپي چاءِ ۽ چيز ڪيڪ سان ناشتو ڪرايو ڪيڪ گهڻو لذيذ هو.

امتياز ۽ مان يارهين ڏاري پاهر نڪتاسين سبحان الله بروڪ لن 18th ايونيو هڪ ڪشادي سڙڪ جنهن جي ٻنهين پاسي شاپنگ سينٽر بلڪل ڪراچي جي زيب النساءَ اسٽريٽ وانگر پهرين ڏينهن اتي جي هر شيءِ مطلب مڪان، اسٽور، فوڊ سينٽرز، سنيڪ بار، لڪر شاپ، فٽ پاٿ، بس اسٽاپ، اسٽورن تي ڪم ڪندڙ سيلز بواءِ گرلز دڪانن تي رکيل خوبصورت شيون بس اسٽاپن تي بيٺل لوڪل پئسنجر نوان سوان ٿي لڳا پر ڪجهه ڏينهن بعد مان اتي جو باشندو ٿي ويس اسٽورن تي ڪم ڪندڙ پوڙهيون، نوجوان، اڌوڙٽ سين سان هلو هاءِ ٿي ويئي هروڀرو بغير ڪنهن ڪم ڪار جي به هلو هاءِ ڪري هڪ ٻئي کي ڏند ڏيکاريندا هئاسين. خاص ڪري شام ملڪ جي هڪ عرب عورت سوزي جو گارمنٽ جو علاوالدين نالي اسٽور هو، سوزي چڱي موهيندڙ هئي سندس هر دفعي چانديءَ جهڙا اڇا ڏند ڪڍي مسڪرائڻ ۽ سليوليس ٽي شرٽ پاتل گول گول ٻانهون اڌڪارا ۽ اڌ سنهري وار ڪليل اصل متوجه ڪندا هئا هو گهڻي ملنسار هئي اسان هن کان گهڻا گارمنٽ ورتا جيڪي انڊيا، گوئٽي مالا، پيرو ۽ بنگلاديش جا ٺهيل هئا سوزي جو ملڻ ۽ ڪلڻ صرف دڪان اندر هو.

امتياز سال گڏ گهمڻ ڦرڻ جو گهڻو لطف آيو. امتياز گهڻو احتياط ۽ قانون جو احترام ڪندو هو سندس سوچ ۽ دماغ بلڪل آمريڪن آهي. ٿوري عرصي ۾ گرين ڪارڊ ملي ويندس ۽ مستقل آمريڪن شهري ٿي ويندو. امتياز ۾ هزارين خوبيون آهن. انڪري ته هو چار شاديون ڪري سگهيو اڪثر پاپي پروين مطلب مسزا امتياز کي سندس فڪر رهي ٿو مون کي چوندي هئي ته گرين ڪارڊ ملڻ بعد هي ٿي سگهي ٿو پنجين شادي ڪري مان کيس سمجهائيندو هئس ايئن ڪونهي. شل رب سائين کيس هميشه خوش تندرست رکي ۽ امتياز جهڙو دوست هر هڪ کي ڏي.

# Newyork

نيويارڪ آمريڪا جو وڏو ۽ اهم صوبو جنهن ۾ پنج Borough مطلب ڊويزن آهن بروڪلن. ڪئينز. مئن هٽن، اسٽيٽن آئلينڊ ۽ بروٽر.

سڀ بورو ڏسڻ وٽان مصروف ۽ مشهور مئن هٽن جو خاص مقام هڪ هڪ عمارت لاجواب ۽ بيمثال.

نيويارڪ جي گادي جو هنڌ الباني جتي ميئر ويهي ٿو جيڪو اڄڪلهه مسٽر جولياني آهي.

ائٽلانٽڪ اوشين جي اتر ۾ گهيريل هڊسن ۽ ايسٽ ندي تي آباد تجارتي، مالياتي، ثقافتي ۽ فني لحاظ کان آمريڪا جي هڪ اهم رياست.

پهرين آمريڪا جي گاديءَ جو هنڌ نيويارڪ هو.

اقوام متحده جي ٺهڻ بعد ۽ ان جو هيڊ ڪوارٽر نيويارڪ مئن هٽن ۾ قائم ٿيڻ بعد نيويارڪ جي اهميت دنيا ۾ وڌي ويئي آهي. آمريڪا جا سڀ شهر ۽ رياستون سبحان الله پر هن فقير کي سڀ کان پهرين نيويارڪ ڏسڻ نصيب ٿيو.

نيويارڪ تي مالڪ مهربان جون اڻڳڻ مهربانيون ۽ احسان آهن. قدرتي نعمتن ۽ مناظرن سان مالامال هي رياست دنيا ۾ ڏاڍي مشهور آهي.

هتي وچ سمنڊ ۾ رکيل آزاديءَ جو مجسمو دنيا جو حسين ابشار

ڪينيڊا ۾ نيويارڪ وٽ نائگرا فال، دنيا جي پهرين ڊگهي عمارت امپائر اسٽيٽ ۽ ٻي ورلڊ ٽريڊ سينٽر ڏسڻ وٽان آهن. انهن عجوبن کي ڏسڻ لاءِ دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ مان سياح اچن ٿا ۽ آمريڪا ڪروڙين ڊالر ڪمائي چڪو هوندو. اڄ تائين ۾ سدائين اهو مقبوليت، ڪمائي ۽ وقار جو سلسلو قائم رهندو.

هتي دنيا جي ستن سمنڊن مان هڪ وڏو سمنڊ ائٽلانٽڪ اوشين پکڙيل آهي.

ندين، ڍنڍن، پهاڙن، آبشارن، باغن، وادين، ٻنين گلن وڻن ٻوٽن، رستن، پلن، عمارتن، ننلن جهازن، فيرين، ٻيڙين، گاڏين هوٽلن ۽ قدرتي مناظرن سان ڀريل هي عظيم رياست جنهن جي مصروفيت لاءِ چون ٿا، Newyork Naver Sleep مطلب نيويارڪ ڪڏهن سمهي نٿو.

نيويارڪ جون عمارتون ايتريون اهم پراڻيون ۽ عمده ٺهيل آهن جو ڇا لکي ڇا لکجي. نيويارڪ جا پارڪ جن ۾ سينٽرل پارڪ پراسپيڪٽ پارڪ، بوٽانڪ پارڪ وغيره گهڻو مشهور ۽ ڏسڻ وٽان آهن.

نيويارڪ جا بيچ جتي حسين پريون شهزاديون ۽ حسن جو ديويون. گوريون پوريون، خاڪي، اڇيون ڪاريون ۽ گلابي دل کي فرحت ۽ اکين کي ٺار ڏين ٿيون.

نيويارڪ هڪ دلڪش رنگين دلربا پرڪشش شهر چوويهہ ڪلاڪ سجاڳ صوف جهڙو منو ۽ لذيذ هتي جا شيدي ۽ ڏاڏيون ڏسڻ وٽان هتي ڪرسٽوفر اسٽريٽ مئن هٽن تي گيز ۽ خواجہ ڏاڍا لستي آهن تہ وري نائٽ ڪلبن ۾ ميوزڪ ڊانس جو مزو ئي ٻيو.

نيويارڪ ۾ ٻہ هوائي اڏا جان ايف ڪينڊي ۽ لوگارڊ يا ٻئي ڪئينس ۾.

نيويارڪ ۾ ڪيتريون ئي پلون آهن پر ڪي خاص تاريخي ويروزانو برج، بروڪلن برج مئن هٽن برج جارج واشنگٽن برج.

هتي سڄي رات ٽرين ۽ بسون هلن ٿيون. سڄي رات هوٽلون ۽ فوڊ

سينٽرر ڪليل جتي فروٽ ۽ سبزيون تازيون ملن. نيويارڪ جو مشهور ۽ گهڻو هلندڙ بيئر Budwiser هر هنڌ دستياب مان امتياز سان گڏ نيويارڪ گهڻو گهميس اڪيلو ٽرين ۾ چڙهي مئن هٽن پين اسٽيشن ڪان سيراڪيو جتان جنيوا روچيسٽر جتان نائگرا شهر پوءِ نائرافال ويس وري هڪ دوست محترم ميان فياض سان گڏ بروڪلن مان نيوجرسي ائٽلانٽڪ ڊليور ميري لينڊ فلا دلفيا، واشنگٽن ڪار رستي موٽ ۾ فلاڊلفيا ڪان ٽرين رستي آيس نيويارڪ جا پنج بورو گهميم پر تنهن هوندي بہ نيويارڪ جا ڪينزا علائقا نہ ڏسي سگهيس.

امتياز جا وڏا احسان جو هن مون کي گهڻو وقت ڏنو گهمايو. امتياز واقعي آمريڪا جو ئي لڳي ٿو ڪيس گهڻي معلومات ۽ تجربو آهي.

اسان جا پاڪستاني پائر جيڪي آمريڪا ۾ هر جڳهہ آباد آهن اهي نيويارڪ ۾ ڪئينس ۽ ڪوني آئلينس ۾ گهڻا آباد آهن نيويارڪ جا گهڻو ڪري اڌ ٽيڪسي ڊرائيور پاڪستاني آهن.

بحرحال هي شهر وڻ وڻ ڪاٺي مختلف قومن نسلن خاندان ۽ مزاج جي ماڻهن سان آباد آهي. آمريڪا جو نڪ آهي دنيا ۾ آمريڪا جي شهرت، عزت دولت، صنعت، زراعت ۽ فن ۾ سڀ ڪان مٿي آهي.

نيويارڪ نسلي، مذهبي ۽ تهذيبي لحاظ ڪان مختلف قومن جو مجموعو آهي. هتي چار اصلي باشندا ڪارا شيدي، سرخ سفيدي ۽ ڪرسچن گورا آهن باقي دنيا جهان مان مختلف ملڪن جا ماڻهو هجرت ڪري هميشہ لاءِ هت آباد ٿيل آهن ۽ هاڻ هو آمريڪن آهن. نيويارڪ ۾ هاريم جو علائقو خاص ڪارن شيدين جو آهي. بلڪل ماٺلي جي شيدين جهڙا رڪ ڪارا هنن جي علائقي ۾ ويندي ڊپ لڳي ٿو. هروپرو اچي گاڏي کي لڳندا پوءِ پئسا وٺندا جان ڇڏيندا.

نيويارڪ ۾ گهمڻ وقت ڪيس ڪجهہ ڊالر رکٽا پون ٿا جو جڏهن حملو ڪن تہ هننکي ڪيسي مان ڊالر ڪڍي ضرور ڏجن نہ تہ زخمي ڪندا. خدا جو شڪر مونسان ڪوبہ اهڙو واقعو پيش نہ آيو حالانڪ

مان اڪيلو گهڻو گهميس.

نيويارڪ ۾ سوين پارڪ آهن پر مين هٽن شهر جي عظيم عمارتن ۾ گهيريل اٺ سو ايڪڙن تي مشتمل سينٽرل پارڪ قدرت جو بهترين تحفو آهي ڏيڍ سو سال پهرين هن جڳهه جو پارڪ لاءِ انتخاب ڪيو ويو ۽ اڄ تائين اهو قائم آهي هن پارڪ ۾ ڊنيوون آهن سائيڪل لاءِ ٽريڪ پيدل هلڻ وارن لاءِ ٽريڪ، جاگنگ ٽريڪ ٺهيل آهن. هتي ڪيترائي ثقافتي پروگرام، ميوزڪ شو ٿين ٿا خاص ڪري برفباري وقت اسڪيٽنگ ٿئي تي جيڪا ڏسڻ وٽان آهي.

سينٽرل پارڪ ۾ گهمڻ وارا ڪيترادالر ڪار پارڪنگ جا ڏئي گاڏيون بيهارين ٿا.

نيويارڪ ۾ دنيا جي سڀ کان پهرين بلند عمارت جيڪا 1930ع ۾ ٺهي اها ستر منزل ڪرائسلر بلڊنگ هئي. ان بعد امپائر اسٽيٽ ۽ پوءِ ورلڊ ٽريڊ سينٽر جيڪا ڪجهه سال پهرين تائين دنيا جي سڀ کان بلند عارت هئي. هي ترقي جي ڪيڏي وڏي منزل آهي هتي قومن جو سر هميشه اونچو رهي ٿو.

مين هٽن جيڪو عمارتن جوشهر آهي هڪ هڪ عمارت تي ڪتاب لکي سگهجي ٿو. فن تعمير عمارت سازي، ذهني مهارت همت ۽ عقل جو ڪمال آهي. مين هٽن ۾ امتياز مونکي هڪ پنج منزله عمارت ڏيکاري جيڪا ڏيڍ سو سال پراڻي هئي.

نيويارڪ ۾ بروڪلن برج، ويروزانو برج، ٽنلس، زير زمين ريل جو نظام زير زمين ريلوي پليٽ فارم بيچ تي ٺهيل ڪاٺ جي تختن جو ميلن تائين ڊگهو پليٽ فارم، عجائب گهر هي عظيم شاهڪار آهن. قومون هنن شاهڪار جي ڪري زنده آهن.نيويارڪ گهمي مونکي هن قوم تي واقع رشڪ ٿيو جنهن اهڙا سهڻا تفريحي مرڪز، تعجب خيز تعميرو حسين باغات ۽ توجه طلب مرڪز ٺاهيا آهن جو هت اچيو دل خوش ٿيو وڃي ۽ وري پنهنجي ملڪ کي ڏسونٿا دل ڏکي ٿي. اسان وٽ

رڳو ڳــرڳ آشــڪــار آهي اندروني انشــار ۽ هڪ ٻئي لاءِ خـار. شل رب پاڪ اسان جي دل جو هڪ ٻئي لاءِ محبت عزت ڏي ۽ ملڪ لاءِ عظمت ۽ احساس ڏئي. صبر ڏي رب تعاليٰ جو شڪر ادا ڪرڻ جي توفيق ڏئي.

# Sub Way Trains System

نيويارڪ ۾ آمد رفت جي ٻين سهوليتن سان گڏ سب وي ريل پبلڪ لاءِ تمام وڏو سک ۽ آرام آهي، گورن محنت ڪري سخت جدوجهد ۽ ڪوشش بعد گهڻو وقت اڳي هن زير زمين ٽرين لاءِ رستا پلون، زير زمين غارون ۾ اسٽيشن ٺاهيا جيڪي اڄ تائين هزارن لکن ماڻهن کي ڪٿان ڪٿان ڪنيو پنهنجي منزل تي پهچائين ٿيون هيءَ ٽرين اٺن ڏهن بوگين تي مشتمل آهي گرمي ۾ ايئرڪنڊيشن سردي ۾ گرم نيويارڪ ۾ ٽرين چوويهہ ڪلاڪ هلي ٿي. ٽرين اسٽيشن تي ڪجهہ سيڪنڊ بيهي ٿي ماڻهو جلدي جلدي چڙهن ۽ لهن ٿا. هر هڪ ٽرين جي هڪ يا ٻن گاڏن ۾ هڪ اٽينڊنٽ هوندو آهي جيڪو اسٽيشن اچڻ کان ٿورو اڳ ۾ انائونسمينٽ ڪندو آهي. ٽرين ۾ دريون بند سيٽون فڪسڊ آهن. ٽرين اندر مسافرن لاءِ اڪثر هن قسم جي هدايت لکيل هوندي آهي No Lettering, No.Smoking Do not hold doors Fight drug with Phone Call- No Spitting

اسٽيشن تا ٽرين ۾ چڙهڻ لاءِ ڪارڊ يا سڪو بطور ٽڪٽ ونبو آهي هڪ سڪي جي قيمت ڏيڍ ڊالر آهي ڪارڊ ڇهن ٽڪٽن جي يا چئن ٽڪٽن قيمت جو ٿئي ٿو نيويارڪ جا اڌ ڪان وڌيڪ ماڻهو ٽرين ۾ سفر

کن ٿا ڪيترا ئي ماڻھو جيڪي خاص ڪري مئن ھٽن ۾ آفيس دڪانن اسٽورن ۾ ڪم ڪن ٿا ۽ بروڪ لين يا ڪئينس ۾ رھن ٿا اھي گھران ڪار ۾ نڪرن ٿا سب وي ٽرين جي ويجھو پارڪنگ ۾ گاڏي بيھاري ٽرين ۾ مئن ھٽن وڃن ٿا. ٽرين ھڪ تہ سستي پيو جلدي پھچائي ٿي بغير ڪنھن رڪاوٽ جي ھلي ٿي، مئن ھٽن ۾ وڏي ۾ وڏو مسئلو ڪار پارڪنگ جو آھي جيڪي بہ عمارتون آھن انھن جون پنھنجو ڪارپاڪنگ آھن پرائويٽ ڪار پارڪنگ مھانگو آھي انڪري وڏا وڏا ماڻھو خاص ڪري ليڊيز ٽرين ۾ سفر ڪن ٿيون. ٽرين اندر اپاھج ماڻھن لاءِ خاص سيٽ ھجي ٿي، ٽرين ۾ اندر اھڙو نقشو بہ لڳل ھوندو آھي جتي جتي ٽرين وڃي ٿي بلڪ جيڪي بہ ٽرينو آھن انھن سيني جو نقشو ھڪڙو ئي آھي.

نقشو اسٽيشن تان مفت ۾ بہ ملي ٿو ان ۾ تمام اسٽيسنن جا نالا ۽ ٽرينن جا نمبر واضع طريقي سان سمجھايل آھن. ٽرين جا نمبر R.Q.M.N.H.F.E.D.C.B.A آھن. بروڪيلن مان مئن ھٽن N ٽرين ويندي ھئي جيڪا اسان جي خاص سواري ھئي. ٽرين صاف سٿري ماڻھو سڀ باتميز، سھڻا، خوبصورت، باادب، ٽرين ۾ سوار ٿيڻ بعد جيڪڏھن ڪا سيٽ خالي آھي تہ وھندا نہ تہ بيٺا ھوندا. ھتي عورتون مرد سڀ گڏ ويھندا آھن ڪڏھن بہ ڪير اھو محسوس نہ ڪندو تہ ھي ڪير آھي اڇو آھي ڪارو يا ڪپڙا ميرا اٿس عورت آھي جوان آھي پوڙھي خوبصورت آھي يا ڪاري نيڪر پاتل اٿس يا پتلون، سليوليس اٿس يا نہ طرح طرح جون ٽنگون ۽ رانون نظر ٿيون اچن جو اسڪرٽ عورت لاءِ اتي جو عام لباس آھي ڪنھن کي ڪنھنجي پرواہ ناھي بي نياز بي پرواہ مصروف، محبوب، معشوق، مست، ملنگ قوم آھي. ٽرين ۾ سوار ٿي سيٽ وٺي ڪتاب يا رسالو ڪڍي پڙھندا. اسان وانگر ھيڏانھن ھوڏانھن نہ ڏسندا. يا تہ اکيون بند ڪري ويھي رھندا، ٽرين بہ اھڙي طرح ھلي ٿي جو ننڊ اچي ٿي وڃي، ٽرين ۾ ھڪ بہ ڪلاڪ

آهستي هڪ ٻئي پنيان ٽڪٽ ته ملي ويجي ٿي.

هرڪو پئسنجر اهو سڪو مشين ۾ وجهندو اڳتي وڌندو هاڻ ٽرين ۾ پئسنجر وٽ ڪا ٽڪٽ نه هوندي آهي ساڳيا سڪا مشين مان ڪڍي وري انهن ماڻهن کي ٽڪٽ طور ڏجن ٿا.

نيويارڪ جو ٽرين سسٽم دنيا جي جديد ترين سسٽم ۾ هڪ اهم مقام رکي ٿو. هي سب وي ٽرين صرف نيويارڪ جي شهر ۾ هلي ٿي مطلب صوبي کان ٻاهر نه جتي هڪ ٻي ٽرين جنهن کي ايم ٽرين چئجي ٿو هلي ٿي.

سب وي ٽرين سروس گهٽ خرچ سٺي سهوليت جلد پهچڻ نيويارڪ گهمڻ وارن کي اسٽيسن تان پهرين نقشو هٿ ڪرڻ گهرجي پوءِ گهمڻ ۾ مزا ڪن.

ٽرين ۾ ڪير ڪنهن سان ڳالهائي ڪونه ٿو پر جي قسمت سٺي آهي ته ڪو ساٿي ملي به سگهي ٿو اسان جي ته اهڙي قسمت ئي ڪانه هئي.

نيويارڪ سٽي ٽرانزٽ سسٽم دنيا جي وڏي ۾ وڏو سسٽم آهي جيڪو بس روٽ 974 ميل ۽ سب وي ٽرين جنهن ۾ 469 اسٽيشن آهن ٽوڪن ۽ ميٽرو ڪارڊ به ٽڪٽ طور استعمال ڪن ٿا. جيڪي ٽرين ۽ بسن ۾ ڪم اچن ٿا.

# Yellow Cab and Lemosine

نيويارڪ ۾ ٻين آمدرفت جي سهوليتن سان گڏ پيليون ٽيڪسيون Yellow Cabs بہ هلن ٿيون. هتي پرائويٽ ڪار سروس ۾ ڪاري رنگ جو وڏيون ڪارون هلن ٿيون جن کي ليمو سروس چون ٿا پر مئن هتن ۾ صرف پيليون ٽيڪسيون هلن ٿيون ڏينهن جو ٽيڪسي جو ميٽر بہ ڊالر في ڪلوميٽر ۽ رات جو ادائي ڊالر ڪلوميٽر آهي.

هتي چوويهہ ڪلاڪ ٽيڪسيون جيڪي شفٽ ۾ هلن ٿيون 5am + 5 pm ڊرائيورن جون ڏينهن رات شفٽون آهن نيويارڪ ۾ سڄي رات ٽرين بسون ۽ ٽيڪسيون هلن ٿيون ڪيترائي دڪان اسٽور ۽ هوٽلون رات ڏينهن کليا رهن ٿا چون ٿا تہ Newyork Neversleep ٽيڪسي ڊرائيور کي ٽن هفتن جو امتحان پاس ڪرڻو پوي ٿو جيڪو هاڻ هڪ مهينو آهي ڊرائيور کي انگريزي اچڻ لازمي آهي ۽ ڊرائيور کي گرين ڪارڊ ۽ ليگل اسٽيٽس هئڻ ضروري آهي. نيويارڪ ۾ ٽيڪسي وارا امير ٿين ٿا هنن جي چڱي خاصي ڪمائي آهي.

هتي ٽيڪسي ڊرائيور انڊين، پاڪستاني، بنگلاديشي، آفريڪن، نائجيرين ۽ ٻين ملڪن جا ماڻهو آهن. ٽيڪسي ڊرائيورن لاءِ جرم ڪرڻ تي گهڻا وڏا جرمانہ آهن. اڪثر ٽيڪسي ڊرائيور رات جو شراب پي ٽيڪسي هلائين ٿا حڪومت انهن لاءِ سخت سزا رکي آهي.

ڊرائيور پسنجر کي جتان ڪٽندو ڇڏيندو اهو وٽس نوٽ هوندو پئسنجر کي ڀاڙي جي رسيد ڏيٺي آهي ٽيڪسي ۾ اهڙو ٽيپ لڳل آهي تہ ڪابہ شيءِ رهجي نہ وڃي ٽيڪسي ڇڏڻ کان پهرين چيڪ ڪري وٺو.

ليموزي ڪارن کي پهرين بڪ ڪيو وڃي ٿو هوائي اڏي ۽ وڏين هوٽلن تي ليموزين سروس ٿئي ٿي گهڻو ڪري چائنيز ۽ پوٺوريڪن شادين تي ليموزين بڪ ڪرائين ٿا هي هڪ خاص قسم جي ليموزي ٿئي ٿي جنهن ۾ ننڍو فرج بار ۽ ڪمرو نما ٿئي ٿي هي ليموزين ڏسڻ وٽان آهي اڇي رنگ جي ڪارن شيشن سان ڊگهي ڪار مان بروڪلين 18th ايونيوي تي اڪثر اهڙين گاڏيون ڏسندو هئس جو اتي هڪ فوٽوگرافر جو دڪان هو جتي ڪنوار ۽ گهوٽ شاديءَ جا فوٽو ڪڍائڻ ايندا هئا.

مئن هتن نيويارڪ ۾ گهڻو ڪري يلو ڪئب هلي ٿي نيويارڪ ۾ جيڪو پهرين دفعو اچي ٿو ٽيڪسي ۾ سفر ڪري ٿو ڪجهہ ڏينهن بعد هو زير زمين ٽرين ۾ سفر ڪندو جو هڪ تہ سستي ۽ ٻيو وقت جي بچت ٿئي ٿي.

ٽيڪسي ڊرائيورن جون پنهنجو ٽيڪسيون هونديون آهن يا اسان قسطن تي ٽيڪسيون ملي وڃن ٿيون.

ٽيڪسي ڊرائيورن جي انڌي ڪمائي آهي نيويارڪ ۾ فاصلا وڏا وڏا ٿين ٿا انڪري ڀاڙو بہ گهڻو ٿئي ٿو. هتي ٽيڪسيون نيون ۽ هڪدم آرڊر ۾ هجن ٿيون ييلو ڪئب صرف شهر ۾ هلي ٿي شهر کان ٻاهر ليمو سروس آهي ٽيڪسي کي رستي تي پنهنجي ٽريڪ تي هلڻو آهي. Medalian يلوڪئب جي Owner Ship Dacument کي چئبو آهي نيويارڪ ۾ تقريباً ڏهہ هزار يلو ڪئبس آهن هڪ شفٽ 200 ڊالر مالڪ کي ڊرائيور ڏين ٿا وڌيڪ پاڻ رکن ٿا اهڙي طرح ٽيڪسي وارا ڪنهن بہ طرح نقصان ۾ ڪونهن.

## Parking System in Newyork

نيويارڪ ۾ جيترا ماڻهو رهن ٿا تقريباً سڀني وٽ گاڏي آهي. ڪارون، جيپون ويگنون، اسٽيشن ويگن وغيره. خاص طور جيڪي نيوجرسي، لانگ آئلينڊ اسٽيٽن آئيلنڊ ۾ رهن ٿا انهن وٽ ٻه يا ٽي ڪارون آهن. آمريڪا مطلب نيويارڪ ۾ موٽر گاڏي وٺڻ آسان آهي هڪ ته پيٽرول سستو گاڏيون سستيون ٻيو ڪجهه ايڊوانس ڏيڻ تي گاڏي ملي وڃي ٿي پوء بقايا رقم قسطن ۾ ڏئي سگهجي ٿي.

ايترين گاڏين هئڻ ڪري پارڪنگ جو وڏو مسئلو ٿئي ٿو پر هتي هڪ مضبوط ۽ مستقل قانون ٺهيل آهي انڪري پارڪنگ ڪو مسئلو ڪونهي.

گهڻن گهرن ۾ گيراج آهي نه ته گهر جي اڳيان موٽرن گاڏين کي هڪ ٻئي جي پٺيان پارڪنگ ڪجي ٿي هتي آٽوميٽڪ اسٽيرنگ آهن گاڏيون ايئن بيهن ٿيون جيئن ڪنهن لڪير ڇڪي هجي.

اهڙي طرح فليٽ اسڪيمن ۾ انڊر گرائونڊ پارڪنگ آهي. هتي اگر ڪو ڪمرشل سينٽر ٺهندو ته پهرين پارڪنگ لاٽ منظور ڪري ٺهرائيندو پوندو. شاپنگ ڪرڻ وارا پنهنجون گاڏيون ان پارڪنگ لاٽ ۾ بيهارين ٿا.

اسان وٽ ترجي پارڪنگ ٿئي ٿي نيويارڪ ۾ گاڏيون هڪ ٻئي پٺيان بيهارجن ٿيون جيئن رستي تي گهٽي جڳهه نه والارجي.

ڪمرشل ۽ رهائيشي علائقن ۾ رستن جي ڪن ڪن حصن تي هڪ سائين بورڊ هوندو آهي تہ نوين ڪان ڏهين بجي صبح تائين هتي گاڏي پارڪ ڪرڻ منع آهي اصل ۾ هتي گهر مان جيڪو صفائي بعد ڪچهرو نڪري ٿو. ان لاءِ ڪچري جون ڪونڊيون نهيل ڪونهن جنهن ۾ هتان هتان جو ڪچرو جمع ڪجي.

نيويارڪ ۾ گهرن اڳيان پلاسٽڪ جا ڊرم رکيل آهن صفائي بعد گهرن مان نڪتل ڪچرو پلاسٽڪ جي ٿيلهن ۾ رکي انهن ۾ ڊرمن ۾ رکجي ٿو سائن بورڊ تي ڏنل وقت تي ڪچري ڪٽڻ واري گاڏي اچي تي ۽ اهي پلاسٽڪ جا ٿيلا کڻي وڃي ٿي. هاڻ جيڪڏهن انهي جڳهہ تي گاڏي پارڪ ٿيل هجي تہ ڪچري واري گاڏي ڪٿي بيهي ۽ روڊ تي گاڏي بيهارڻ جو سوال ئي نٿو پيدا ٿئي.

ساڳئي طرح فٽ پاٿ تي ڪجهہ ڪجهہ فاصلي تي پاڻيءَ جا وڏا ڇهہ انچن وارا پائپ زمين ڪان ٽي چار فٽ مٿي نڪتل آهن جن کي Fire Hydrant چئجي ٿو انهن اڳيان گاڏي بيهارڻ سخت منع آهي. امتياز ٻڌايو تہ اگر انهيءَ پائپ وٽ ڪا گاڏي بيٺل هجي تہ ايمرجنسي ۾ باهہ وسائڻ وارو عملو ان گاڏي کي ڪٽي پري اڇلائيندو. هتي باهہ لڳڻ وقت فائر برگيڊ جون گاڏيون ڀرين پاڻي ڀرڻ لاءِ ڪٿي نہ وينديون هنن هائيڊرنٽس ۾ هر وقت پاڻي رهندو آهي ۽ اهو فورن استعمال ٿئي ٿو.

نيويارڪ ۾ ڪمرشل ۽ رهائشي علائقن ۾ فٽ پاٿن تي پارڪنگ ميٽر لڳل آهن جن ۾ سڪا وجهڻا پون ٿا جيترو وقت توهان گاڏي بيهارڻ چاهيندا ان حساب سان سڪا وجهندا ۽ ميٽر گهمائي ان ۾ ٽائيم فڪس ڪندا وقت گذري وڃڻ تي ميٽر ۾ ڳاڙهي لائٽ اچي وڃي ٿي مطلب وقت ختم Paking Expired اهڙي صورت ۾ پوليس وارو ٽڪٽ ڏئي سگهي ٿو هتي ٽڪٽ لڳائڻ مطلب چالان ٿيڻ آهي اها جرماني جي هڪ ٽڪٽ هوندي آهي جيڪا پنجاهہ ڊالرن يا ان ڪان مٿي

تي سگهي ٿي مانهن جو ٽڪٽ ڪان ساه ٿو نڪري اهو جرمانو بئنڪ ۾ هر حالت ۾ ڀرڻو پوي ٿو.

پارڪنگ ميٽر ڪمپيوٽرائزڊ هوندا آهن آمريڪا کي انهن ميٽرن ۽ جرماني جي ٽڪٽن مان هزارين ڊالر انڪم ٿئي ٿي.

مينهٽن ۽ ٻين مهانگن علائقن ۾ پارڪنگ ڏاڍي مشڪل ۽ مهانگي آهي هتي پارڪنگ ڪلاڪن جي حساب سان ٿئي ٿي هڪ ڪلاڪ جا ٽي ڊالر گهٽا پارڪنگ لاٽ جنهن جي حساب سان گاڏيون بيهارين ٿا 1500 ڊالر هڪ مهينو وغيره مينهٽن ۾ پارڪنگ جي سٺي بزنس آهي.

خاص ڪري مينهٽن ۾ جيڪي ماڻهو ڪم ڪن ٿا اهي بروڪلين، ڪئينس، برونز ۽ ٻين علائقن مان پنهنجي گاڏين ۾ نڪرن ٿا ۽ نزديڪ سب وي اسٽيسن وٽ گاڏيون پارڪ ڪري ٽرين ذريعي مينهٽن اچن ٿا. هڪ تہ ٽرين سستي آهي ڏيڍ ڊالر ۾ جتي ڪٿي لهي پئو پيو جلد پهچائي ٿي. اگر ڪار رستي وڃجي تہ گهڻو وقت لڳي ٿو ۽ پارڪنگ جو بہ مسئلو ٿئي ٿو.

وڏا وڏا آفيسر واپاري، وڪيل آفيسن ۾ ڪم ڪندڙ ۽ دڪاندار ۽ فيڪٽرين اسٽورن جا مالڪ گاڏين موٽرن هوندي بہ ٽرين ۾ سفر ڪن ٿا.

نيوجرسي ائٽلانٽڪ سٽي ۾ مان ۽ منهنجو دوست ميان فياض احمد. تاج محل ڪسيتنو وياسين تہ ڪينسو سان لڳ ڏهہ پندرهن منزلا ڪارپارڪنگ هئي هر ڪنهن فلور تي لفٽ جنهن مان ڪيسنو ۾ وڃي سگهجي ٿو اسان گاڏي بيهارن مهل غور نہ ڪيو تہ ڪهڙو فلور هو واپسي ۾ اڌ منو ڪلاڪ گاڏي ڳوليندا رهياسين آخر ۾ سيڪيورٽي وارن نمبر وٺي گاڏي ٽريس ڪئي.

نيويارڪ ۾ وڏا وڏا رستا جن تي چار پنج گاڏيون هڪ وقت ۾ هلي سگهن ٿيون. رستن مٿان پلون فٽ پاٿون، گليون ۽ چوراها هر وقت ڏينهن رات گاڏين جي اچ وڃ ۽ رش رهي ٿي پر ڪڏهن ڪو رستي تي

فٽ پاٿ تي گلي ۾ يا ڪنهن جڳهه تي غلط پارڪنگ نٿو ڪري.

ماڻهن ۾ ٽريفڪ سينس آهي قانون تي عمل ڪن ٿا ۽ قانون جي بالادستي آهي.

پوليس جو ڊپ ۽ عزت آهي قانون سڀ لاءِ برابر آهي ڪنهن لاءِ ڪابه رعايت نه آهي.

جڏهن ٽريفڪ سگنل ڳاڙهو ٿئي ٿو ته رستي تي Dontwalk جو سائن اچي ٿو گرين سگنل تي Walk جو سائن اچي ٿو. رستن تي رش هوندي آهي پر ٽريفڪ سگنل وقت سڀ ڪي قانون جو احترام ڪرنو پوي ٿو.

ڪنهن رستي تي اگر ڪا گاڏي بيهندي ته فورن پوليس وارو اچي ويندو ۽ سبب پڇندو اگر گاڏيءَ ۾ ڪا خرابي آهي ته وائرليس وارو توهان جي مدد ڪندو ۽ مسئلو حل ڪرڻ ۾ اڪيلو نه ڇڏيندو.

نيويارڪ ۾ ڪارون ڏکيون ۽ وڏي سائيز جون آهن. شيورليٽ بيوڪ، لنڪن امپالا پرائيويٽ ٽيڪسين ۾ هلنڊز ليموزين ڪارون خاص ڪري ڏکيون هونديون آهن انهن کي پارڪ ڪرڻ لاءِ ڊرائيورن کي گهڻا چڪر ڪاٽڻا پوندا آهن پر آٽوميٽڪ اسٽيرنگ ۽ ڊرائيونگ جي مهارت جي ڪري ائڊجسٽمينٽ ٿي وڃي ٿي.

نيويارڪ ۾ اسان ڏٺو ڪيٽرن شاپنگ پلازه جي پارڪنگ ۾ پارڪ ۽ اميوزمينٽ سينٽرل جي ٻاهران گاڏين جي پارڪنگ وٽ اپاهج ماڻهن جي گاڏين لاءِ پارڪنگ مخصوص ٿيل آهي جنهن کي Disable Parking چون ٿا. واشنگٽن ۾ ڪيپيٽل هل وٽ گاڏي پارڪ ڪرڻ وڏو مسئلو هو بارش هئڻ جي باوجود گهمڻ ڦرڻ ۽ تاريخي عمارتون ڏسڻ وارن جي گهڻي رش هئي.

اسان ڪار ڦيرائي ڦيرائي ٿڪاسين پر Disable Parking وارن لاءِ جڳهه خالي پئي هئي ڪير به انهن جي جڳهه تي گاڏي نٿو بيهاري سگهي.

نيويارڪ بلڪ سڄي آمريڪا ۾ اپاهج ماڻهن لاءِ گهڻي عزت ۽ احترام آهي ۽ حڪومت انهن کي سندس جسماني Disability جي حساب سان ڪارون اسڪوٽر ٺهرائي ڏنا آهن ۽ هو بغير ڪنهن جي مدد ۽ محتاجي گهمن ٿا ۽ زندگي کي خوش ۽ مصروف رکن ٿا.

مختلف عمارتن، ڊپارٽمينٽل اسٽورن ۽ اسپتال عوامي مرڪزن تي اليڪٽرڪ ويل چيئر تي سوار اپاهج مزي سان ويل چيئر تي چڙهيو گهمن ٿا اهڙي ويل چيئر ۾ موٽر سائيڪل هوندي آهي جيڪا بيٽري يا پيٽرل جي مدد سان هلي ٿي.

# Newyork Public Liberary

نيـــويارڪ پبلڪ لائبـــريري جنهن کي The Research Center For The Humanities Liberary بہ چون ٿا ڪيترن ڏينهن کان اهو پروگرام هو تہ نيويارڪ جي عظيم لائبريري ڏسان. منهنجي واپس اچڻ جو پروگرام بہ ويجهو هو 14.6.98 تي آچر جو ڏينهن پوٽوريڪن پريڊ ڏسڻ مين هٽن ويو هئس 42 سيڪنڊ گهٽي تي ڏڪهن وٽن جي جهنڊ ۾ لائبريري تي نظر پئي جيڪا آچر جي ڏينهن هئڻ ڪري بند هئي بارش تي رهي هئي بادامي رنگ جي پٿر جي ٺهيل تہ منزلا عمارت چمڪي رهي هئي مان پئي ڏينهن امتياز کان موڪلائي "N" سب وي ٽرين ۾ 42nd اسٽريٽ مين هٽن پهتس ٽورو اڳتي اهي ڏڪها ڏکها ڪاري رنگ جي ٽڙن سان وڻ نظر آيا ۽ مان لائبريري جي اڳيان آهيان پاڪستان ۾ بہ اهو سوچيو هئم تہ هن لائبريري کي ضرور ڏسندس بلڪ T.V اداڪار محترم ابراهيم نفيص صاحب جيڪو منهنجي آفيس آيل هو چيائين تہ نيـويارڪ ۾ پبلڪ لائبـريري ضرور ڏسجو پاڻ نيويارڪ رهي چڪو آهي ۽ سندس هڪ پاٽ بہ نيويارڪ ۾ آهي.

لائبـريري جي بلڪل سامهون پٿـر جي ٺـهيل ٽيهـ منزلا پراڻي عـمـارت جنهن جـو نالو Old Building of the Formers

وارا وٽن ساوا چمڪندڙ پن، سٽن اٺن فوٽن تائين رکو تڙ جنهن تي مني پلانٽ جهڙي ولهہ چڙهيل هئي. ان لان ۾ هڪ اسڪرين لڳل هئي جنهن تي فلم ڏيکارين ٿا ڳاڙهي رنگ جي ڪپڙي تي لکيل هو: To Night Movei Cancel شايد بارش جي ڪري فلم ڪينسل هئي.

ان پارڪ جـــو نالو هو Bryaant Park جيڪو William Cullen Bryant جي نالي سان هو ڪاري رنگ جي ميٽل سان ٺهيل ڏاڙهي سان گنجو پوڙهو ڪرسي تي ويٺل شاهي مجسمو 1794 to 1878 لکيل هو.

ان پارڪ ۾ هوٽل سان گڏ خوبصورت بار ٺهيل هئي ان جي ڇت تي ڪرسين مٿان اڇي رنگ جون ڇٽيون رکيل هيون لائبريري جو ٻاهريون ڏيک چارو طرف ڏسڻ وٽان آهي وري اهڙي قسم جا سين ۽ نظارا جو ڇا لکي ڇا لکجي اصل هائيڊ پارڪ ياد اچي ويو.

چارو طرف آفيسون، دڪان، دفتر ۽ ڪاروباري مرڪز آهن. مان جنهن مهل اتي گهمي رهيو هئس اهو لنچ ٽائيم هو نوجوان جوڙا ٻاهران فاسٽ فوڊ اسنيڪ بار تان برگر، سئنڊوچ رول ۽ اسٽيڪ وٺي بريانٽ پارڪ ۾ پيل ٻينچن تي ويهي لنچ سان گڏ Love بہ ڪن ٿا جيڪو هلڪو ڦلڪو رومانس هوندو آهي ڪپڙن اندر.

لائبريري جي ٻاهران معائنو ۽ جاچ پڙتال ڪرڻ بعد هاڻ سوچيم تہ علم جا خزانہ ۽ ادب جا ڍير اندر وڃي ڏسجن گيٽ اندر شيشي جي دروازي مان گول ڦري داخل ٿيس هدايت موجب پنهنجو سفري ٿيلهو جنهن ۾ ڊائري ڪيميرا، ڪتاب، چشمو هو چيڪ ڪرايم. هتي عورتن جا پرس ۽ ٿيلها بہ چيڪ ڪن ٿا، اندر داخل ٿيڻ وقت ۽ ٻاهر نڪرڻ وقت جو اندر قيمتي ڪتاب آهن ڪو ڪتابن جو چور بہ ٿي سگهي ٿو.

گهڻن ماڻهن جي ڪتاب چوري ڪرڻ بہ مشغلو آهي.

داخل ٿيڻ سان هڪ وڏي شاهي هال ۾ آچجي ٿو ليفٽ رائيٽ ٻنهين پاسين ڪان سنگ مرمر جي ٺهيل ڪشاده چاڙهيون مٿي وڃن ٿيون. هيٺ

# T.L.C- Taxi Limousing Commission

هڪ ڏينهن امتياز جي گاڏي کي پوليس ڪٽي ويئي امتاز ڪافي پريسان ٿيو مان به سوچڻ لڳس هي پنهنجو ملڪ ته هو ڪونه جو ڪنهن کي فون ڪجي يا وچي ڳالهه ٻولهه ڪجي هت اهڙي ڪابه ڳالهه نٿي هلي. اصل ۾ امتياز وٽ لنڪن ٽائون هڪ ڊگهي ڪار آهي جيڪا پهرين پرائويٽ ٽيڪسي ۾ هلندي هئي اهو ٽيڪسي وارو اسٽڪر ڪار تي لڳل هو ۽ هاڻ ذاتي استعمال ۾ آهي. امتياز ۽ مان ڪئينس جي علائقي ۾ T.L.C آفس وياسين جتي اهڙا ڪيس هلندا آهن.

ڇهه ست منزلا عمارت گيٽ تي هڪ ٻه گارڊ هئا نالو ۽ اچڻ جو مقصد انٽري ڪري لفٽ ۾ چڙهي اسين مٿي آياسين جتي ٽيڪسي ڊرائيورن ۽ ليموزي ڪار هلائڻ وارن جي لائن هئي جنهن ۾ شيدي. پاڪستاني، انڊين، پورٽريڪن وغيره قوميت جا ماڻهو هئا وزيٽرن لاءِ ڪرسيون هيون. آفس جا ڪلارڪ جيڪي گهٽو ڪري عورتون هيون شيشي جي ٿهيل درين ۾ وينل هيون هڪ هڪ ماڻهوءَ کي سڏايو ٿي ويو ۽ هر ڪنهن جو ڪم آرام سان سسٽم سان ٿي رهيو هو خاموشي هئي هڪ ڊسپلين هو عمارت ۾ سيني آفيس جي ڪم ڪندڙ ماڻهن کي

# Brooklyn

اڄ کان 182 سال پهرين 1816ع ۾ بروڪلن 4000 هزار ماڻهن جو هڪ ننڍڙو ڳوٺ هو 1834ع ۾ بروڪلن جي ابادي وڌي 24000 ٿي. نيويارڪ جي پنجن بورو BOROUGH مان هڪ بروڪلن ائٽلانٽڪ اوشين جي ڪناري تي آباد آهي بروڪلن جتي ڪنهن زماني ۾ گهڻا شيدي رهندا هئا ۽ هن وقت به رهن ٿا بلڪ انهن جا خاص علائقا آهن جتي رات جي وقت وڃڻ خطري کان خالي نه آهي، امتياز مون کي انهن علائقن ۾ وٺي ويو هو. ڪولمبيا هائيٽس کان اڳتي بورو هال جي نزديڪ ايسٽ پارڪ ويو شيدين جي علائقي مان رات جي وقت اسين ڪار ۾ گذرياسين پراڻيون عمارتون شيدي ڪجهه فيلٽن اڳيان ٻه ٻه ٽي ٽي چوراهن تي ويٺا هئا لائٽ گهٽ هئي ڊپ ٿي رهيو هو ان وقت رات جا ڏهه ٿيا هئا. هتي گهٽ ڪرائي تي گهر ملن ٿا شيدين جي ڪري گهرن جو قدر ناهي.

اهي شيدي چوري، قرون ۽ مرڊر به ڪن ٿا. هميشه امتياز ڪار ۾ ڪابه شئي ۽ بئگ وغيره نه رکندو هو جو چوندو هو ته شيشو ڀڃي به

ڪٽي وڃي سگهن ٿا هر وقت احتياط ڪجي ڪيي ۾ گهٽ پئسا رکجن وغيره پرس ڪڍهن بہ بازار ۾ نہ ڪولجي پر هڪ مهيني ۾ خدا جو شڪر مونسان ڪوبہ واقعو پيش نہ آيو.

بروڪلن وڏن رستن قديم عمارتن، پارڪ، اسپتالن ۽ قبرستانن ۽ بيجز مطلب سمنڊ جي ڪنارن جي ڪري مشهور آهي. مان نيويارڪ جي بروڪلن شهر ۾ رهيس انڪري امتياز سان گڏ سندس لنڪن ڪار ۾ گهمڻ ڦرڻ جو گهڻو موقعو مليو.

دنيا جي مختلف ملڪن مان آيل اميگرنٽ گهڻي عرصي ڪان هتي رهن ٿا اهي هاڻ آمريڪن آهن. پاڪستان، انڊيا، اٽلي، هنگري، چائنا، جرمني، ميڪسيڪو، اسرائيل، پوٽريڪن، هسپانيا، ٿائيلينڊ جا مانهو روزگار، رهائش جي ڪري گهڻي عرصي ڪان هت آباد آهن اهي هاڻ آمريڪا جا اصلي باشندا آهن.

78.5 چورس ميل ۽ 203.3 ڪلوميٽر جي علائقي ۾ هڪ سرسبز ۽ گنجان آباد بروڪلن نيويارڪ جو اهم شهر آهي هتي جو نظام ميئر ۽ سٽي ڪائونسل هلائي ٿي.

بروڪلن جي بن پاسن ڪان ائٽلانٽڪ جو وسيع ڦهليل سمنڊ آهي، جنهن جا ڪنارا ماڻهن لاءِ تفريح جو وڏو ذريعو آهن خاص ڪري ڪوني آئيليڊ بيچ ۽ برائيٽن بيچ بهترين ۽ مشهور بيچ آهن.

بروڪلن ۾ اهم ۽ خوبصورت پلون آهن جيڪي بروڪلن کي پين شهرن سان ملائين ٿيون. WILLIAMS BURG BRIDGE بروڪلن کي مئن هٽن سان ملائي ٿي ان سان گڏ بروڪلن پل جنهن تي سب وي ٽرين هلي ٿي اسٽيل تارن ۽ لوهي راڊن سان ٺهيل هي مضبوط پل هڪ عجوبو آهي جيڪا JOHN. A. ROEBING 1859 ڊزائن ڪئي ۽ 1863ع ۾ مڪمل ٿي. هي پل ايسٽ ندي مٿان آهي.

بروڪلن وٽان پل جي پرسان مئن هٽن جو بهترين نظارو ٿئي ٿو. اهو نظآرو جنهن ۾ مئن هٽن جي خاص عمارتن جي تصوير آهي دنيا ۾

مشهور اهي. امتياز ۽ مان اڪثر پل جي هيئان بيهي اهي دلڪش ۽ حيرت ڪده نظآرا ڏسندا هئاسين جنهن ۾ مٿن هتن جي عمارتن جون بتيون روشن آهن. هي ڪاريگرن جي هنر، ڊزائن ۽ آرڪيٽيڪچر جو ڪمال آهي.

بروڪلن کي استيتن آئليند سان هلائڻ واري مشهور پل VERRAZANO BRIDGE دنيا جي ٻيو نمبر ڊگهي پل آهي جيڪا 1964ع ۾ مڪمل ٿي. هن پل جا ٻه وڏا ٽاور 960 فٽ ڊگها آهن. هن پل کي ڏسڻ لاءِ ڪيترا سيح اچن ٿا. اسين ٻه ٽي دفعا اتي ويا هئاسين. خاص ڪري رات جي وقت بلورنگ جون بتيون ٻرن ٿيون ته منظر ڏاڍو دلڪش ٿئي ٿو. ائٽلانٽڪ سمنڊ جي ٽڪڙي مٿان ٺهيل لوهي گارڊن سان جديد پل ڏسڻ وٽان آهي پل جي هيٺ سمنڊ جي ڪناري هڪ بهترين پارڪ آهي جيڪو پڪنڪ پوائنٽ آهي

بروڪلن ۾ ڪيترا ئي وڏا ۽ ننڍا پارڪ آهن سڀ کان مشهور ۽ وڏو بروڪلن بوٽانڪ پارڪ آهي. پراسپيڪٽ پارڪ به هڪ قديمي پارڪ آهي جنهن ۾ بوٽنگ ٿئي ٿي.

بروڪلن جو گهڻو علائقو لنڊن سان مشابهت رکي ٿو ننڍا ننڍا گهر انهن اڳيان گلن جون قطارون مرد، عورتون ۽ ٻار پارڪن ۾ شام جو ۽ صبح جو جاگنگ ڪن. ورزش ڪن ۽ سير تفريح ڪن ڪيترن پارڪس ۾ سوئمنگ پول آهن ٻارن الءِ الڳ ۽ وڏن لاءِ علحده.

بروڪلن ۾ هڪ مشهور Acqurium آهي جنهن ۾ شارڪ مڇي رکيل آهي ٻيون به هزارن قسمن جون مڇيون رکيل آهن ڪوني آئليند سان گڏ گهڻو وڏو ۽ خوبصورت اڪئاريم آهي.

بروڪلن جون مشهور قديمي عمارتون جن ۾ اڇي ماربل جي ٺهيل بورو هال جيڪو 1849ع ۾ ٺهيو

2. AMERICAN RED CROSS, 3. AMERICAN DOMESTIC COURT, 4. WAR MEMORIAL, 5. TRANSIT AUTHORITY BUILDING, 6. SUPER-

EME COURT BUILDING, 7. CADMAM PLAZA

بروڪلن ۾ سب وي ٽرين جو بهترين نظام آهي هي ٽرين زيرزمين هلي ٿي وري رستي مٿان ٺهيل لوهي پلن تي بہ ٽرين هلي ٿي ڏيڍ ڊالر ۾ سب وي ٽرين ذريعي پورو بروڪلن ڏسي سگهجي ٿو.

بروڪلن ۾ ايونيوز ۽ اسٽريٽس آهن ايونيوز تي وڏا وڏا شاپنگ سينٽر آهن خاص طور Avn 13th, Avn 18th, Avn 15th, 8th 6th Avn وغيره.

هتي طرح طرح جا گارميٽ، ريڊي ميڊ، اسٽور، چشمن جا، ڪاسميٽڪس، رانديڪا، ميڊيڪل، هربل، جوتن جا، جنرل اسٽور وڏيون شاهي سپر مارڪيٽس جنهن ۾ مردن، عورتن ۽ ٻارن لاءِ علحده علحده سيڪشن خاص ڪري ڪپڙن جا اسٽور انهن ۾ قسمين قسمين ڪپڙا. ڪتابن جا اسٽور ان سان گڏ شراب جا اسٽور جتي طرح طرح جي شراب جون بولتون ۽ بيئر جون ٺڏيون بولتون هر وقت تيار چل بيئر آمريڪا جو مشهور بئر Budwiser هن ۾ ٽن بہ اچن ٿا بوتلن جو مختلف سائزز آهن.

بروڪلن اندر ڪوني آئليڊ جي علائقي ۾ اڪثر وڃڻ ٿيندو هو هتي هزارن جي تعداد ۾ پاڪستاني رهن ٿا خاص ڪري پنجاب ۽ آزاد ڪشمير جا گهڻا ماڻهو آباد آهن. توهان ڏسندا تہ فٽ پاٿ تي ڪچرو حالانڪ پلاسٽڪ جا ڊسٽ بن رکيل پر اسان جا پاڪستاني ڀائر جو اتي رهي بہ نہ سکيا.

بروڪلن جو ڪهڙو ذڪر ڪجي نهايت خوبصورت، ڪشادو ۽ وڻندڙ علائقو آهي.

بروڪلن ۾ يهودي قوم گهڻي آباد آهي اسان ننڍي هوندي کان صرف يهودي نالو ٻڌو هو ڏسڻ جو ڪڏهن اتفاق نہ ٿيو نيويارڪ ۾ گهڻائي يهودي ڏناسين حسين محنتي ۽ منظم قوم آهي بلڪل جيئن آغاخاني قوم منظم آهي اهڙي طرح هنن جا پنهنجا اسڪول، اداره

ڪميونٽي سينٽر آهن گهڻو ڪري هڪ علائقي ۾ گڏ رهن ٿا.

بروڪلن ۾ گهڻا آباد آهن. يهودي مرد توڙي عورتون گهڻيون خوبصورت آهن. گهڻو ڪري ڪاروبار سان منسلڪ آهن 18th ايونيو تي اڪثر يهودي عورتون مٿي تي نقلي وارن جي وڳ لڳل نظر اينديون هيون حسن ۾ پنهنجو مٽ پاڻ آهن. ڏٺو وڃي ته الله سائين هن قوم تي گهڻو مهربان آهي.

بروڪلن ۾ ميڪڊونلڊ پيزا، چائنيز ڪينٽڪي ۽ فاسٽ فوڊ جا ڪيترا وڏا دڪان آهن. فوڊ سينٽرز سڄي رات کليا رهن ٿا.

انهن ۾ طرح طرح جا فروٽ سبزيون رکيل هوندا رهن ٿا. بروڪلن ۾ گهمندي اسان ڪولمبيا هائيٽس پراڻي پٿر جون ٺهيل عمارتون ڏٺيون صاف سٿرو علائقو فليٽن اڳيان سهڻا پلانٽس ۽ گل لڳل اتان بيهي مئن هٽن جو خوبصورت نظارو ڪري سگهجي ٿو.

هتي رهائشي فليٽن ۾ دنيا جا وڏا وڏا فلمي اداڪار رهن ٿا جن پنهنجن فليٽن ۾ آفيسون ۽ اسٽيوڊيو قائم ڪيا آهن پوري عمارت هڪ ڪان چار پنج فلور هڪ هڪ ماڻهوءَ جي استعمال ۾ آهي.

بروڪلن اچڻ وارا ۽ ٻاهر وڃڻ وارا ڪئينس جا هوائي اڏا استعمال ڪن ٿا جو بروڪلن ۾ هوائي اڏو ڪونهي.

بروڪلن ۾ ٻه مشهور علائقا ڪوني آئيلنڊ ۽ لانگ آئيلنڊ آهن.

# Brooklyn Botanic Garden

يورپ ۽ آمريڪا جي هر وڏي شهر ۾ مالڪ مهربان جي قدرت جي بين ڪرشمن سان گڏ نباتات جا باغات هڪ وڏو عظيم ڪرشمو آهي انسان پنهنجي سک لاءِ ۽ دنيا ۾ ترقي ڪري چا چا نہ ٺاهيو آهي وڏيون وڏيون فلڪ بوس عمارتون انهن ۾ سهوليتون جديد ڪارون موٽرون ڪمپيوٽر جو نظام وغيره پر قدرت جي تخليق ڪيل نباتاتي گل وڻ ۽ بوٽا پنهنجو مٽ پاڻ آهن.

انگريز قوم انهن قدرت جي خلقيل انمول خزانن کي ڳولي چونڊي گڏ ڪري خوبصورت نموني سان سجائي ترتيبب وار رکي وڏا وڏا گارڊن ٺاهيا آهن جن کي دنيا جهان جا ماڻهو ڏسڻ اچن ٿا ۽ ان سهڻي سائين جي قدرت جي وڏائي سنائي سچائي ۽ حقيقت جي تعريف ڪن ٿا جنهن هي ساري دنيا خلقي ۽ گلزار بنايو. نيويارڪ جو بوٽانڪ گارڊن دنيا جي وڏن باغن مان هڪ آهي مان هڪ ڏينهن امتياز ۽ سندس ڏيءَ زارا سان گڏ دنيا جو عظيم شان نباتاتي باغ ڏسڻ وياسين واشنگٽن ايونيو ۽ 1000 واشنگٽن ايونيو بروڪلن تي وچ ۾ پهچي هڪ وڏي ايراضيءَ ۾ پکڙيل ڪارپارڪنگ ۾ گاڏي بيهاري سين جتي هڪ سائيڊ تي ننڍڙي پهاڙي هئي جيڪا سائي چڀر ۽ گاه سان هموار بلڪل سائي

ٽڪري تي لڳي ان سائي ٽڪري تي بہ ڪارو موٽرون پارڪ ڪيل هيٺ مٿي ڏاڍو سهڻو منظر هو.

اسان ٽڪٽ وٺي گلن، ٻوٽن سان سينگاريل گيٽ مان داخل ٿياسين هن گارڊن کي ٽي چار گيٽ آهن.

1. Eastern Parkway Gate, 2. Administrative Entrance, 3. Paking Lot Gate, 4. Flatbush Gate

هي گارڊن 1910 ۾ قائم ٿيو ٻاونجاه ايڪڙن تي 13000 ٻوٽن ۽ گلن سان ڀريل هي دل کي فرحت ۽ راحت ڏيندڙ باغ نيويارڪ وڃي ضرور ڏسجي مون اسڪاٽليند جو رائل بوٽانڪ. گارڊن ڏٺو لنڊن ۽ بئنڪاڪ ۾ ڏٺو پر هتي جو نظام ساوڪ ۽ سنائي جو مثال نہ هو. هن باغ ۾ مختلف وڻن ٻوٽن ۽ گلن جا علحده علحده ڊپارٽمنٽ ۽ برانچون آهن. ڪٿي موسم بهار جا گل تہ ڪٿي گرمي ۽ سري جا خوشبو ڏيندڙ گل تہ وري رنگ برنگي هٻڪار ۽ هوا ڏيندڙ گل جن جي پرسان گذري وڃو تہ جيئن ڪا فرانس جي پرفيوم لڳل ميڊم گذري هجي. انهن جي قريب وڃي ويهو تہ جيئن ڪنهن بيوٽي پارلر ۾ ويٺا هجو.

ٻوٽانڪ گارڊن ۾ اسان خوب گهمياسين هتي ان وقت نهايت خوبصورت جوڙا ۽ طرح طرح جا انسان آمريڪا جي ۽ ٻين ملڪن جا باشندا آيل هئا بوٽانڪ گارڊن ۾ هڪ تہ چارو طرف گلن ٻوٽن وڻن ۽ هريالي جي ڪري ماحول سهڻو ۽ رومانٽڪ هوندو آهي ٻيو وري اڇي گلابي ڳاڙي سنهري، ڪاري مشڪي چمڙي جون اڌ منو لباس پهريل دلفريب ۽ بي تڪلف حسينائون جهرڪي مينائن ۽ طوطن جي آواز ۾ مالڪ مهربان جي تخليق تي تبصرا ڪن اصل جنت جو سير هو ۽ اسان جهڙا گنهگار ان سير ۾ گهمي رهيا هئا.

بوٽانڪ پارڪ ۾ هڪ وڏي ڍنڍ پڻ آهي جنهن جي چوڌاري خوبصورت تراش ڪيل وڻ آهن ۽ ڪاٺ جو ٺهيل پلون جن تي ويهي ماڻهو ڍنڍ جو نظارو ڪن ٿا.

هتي وزيٽرز لاءِ گهٽيون سهوليتون ڏنل آهن خاص ڪري اپاهج ماڻهن لاءِ ويل چيئر سروس پارڪنگ ۽ خاص طرز جا رستا جن تان هي اپاهج پنهنجي آٽوميٽڪ پيٽرول ۽ بيٽري تي هلندڙ ويل چيئر تي مزي سان گهمي ڦري رهيا هئا. رب سائين هن قوم تي ڪيڏو نه مهربان آهي جو هو اپاهجن سان ايتري محبت ۽ احترام ڪن ٿا هتي ملڪ ۾ ڪٿي به ڪنهن به جڳهه تي اهڙن بيمارن ۽ اپاهجن لاءِ ڪا سهويلت ڪانهي هتي بي سهارا اپاهج پني گذارو ڪن باقي حيثيت وارا محدود زندگي گذارين ٿا.

بوٽانڪ گارڊن ۾ گفٽ سينٽر، واش رومز، ٽيليفون جي سهوليت، گائيڊ سروس به آهي گارڊن ۾ هڪ خوبصوررت ريسٽورنٽ به آهي جتي آئسڪريم، ڪافي، برگر، رول هات ڊاگ سيلڊ ۽ بيئر ملي سگهيو ٿي اتي ڪائي پي پوءِ ٻاهر نڪرڻو آهي. گارڊن ۾ ڪائڻ پيڻ جي بلڪل اجازت ڪونهي. سڪيورٽي وارا بيٺا آهن ۽ منع ڪن ٿا.

لوهي فريمن ۽ شيشي جي وڏي شاهي شوڪيس وانگر هڪ هال جنهن ۾ گل ٻوٽا رکيل سردي گرمي ۽ هر موسم جا انهن کي موسم جي مناسبت سان ٽيمپريچرن ڏنو وڃي ٿو.

ڪٿي گهٽي تعداد ۾ اڇا گل ڪٿي وري ڳاڙها گل، گلابي گل، پيلا گل، ڪرمچي گل، نارنگي گل ۽ وانگٽائي گل سهٽي سائين جي قدرت جا سوين رنگ هئا انهن گلن ۽ ٻوٽن جي وچ ۾ سيمنٽ جو ٺهيل پيچرو ڪٿي وري ڪاري ڏامر سان صدين تائين نه ٽٽندڙ رستو.

امتياز ۽ مونکي ڏاڍو لطف آيو زارا به انجواءِ ڪيو اسان گهٽي فوٽوگرافي ڪئي. سلام آهي آمريڪن قوم کي جن قدرت جي هنن حسين بي زبان شاهڪارن کي ڳولي ڪڍيو ۽ انهن جا نالا هٽ ڪيا. هر ڪنهن گل ٻوٽي وٽ نالي جي تختي لڳل آهي.

ڪٿي ڪٿي ڪو شوقين مصور ڪينواس تي گل جون تصويرون ۽ حسين نظارن کي عڪس ڪري رهيو هو.

بروڪلين بوٽانڪ گارڊن گهمڻ لاءِ پورو نہ تہ اڌ ڏينهن ضرور کپي. اگر ڪو دمي جو مريض روزانا هتي اچي گهمي ڦري ۽ وڏا ساهہ کڻي تہ جيڪر صحت ياب ٿي وڃي.

هن گارڊن ۾ ميمبرشپ ٿئي ٿي ۽ ميمبرن لاءِ گهڻيون سهوليتون آهن هتي پلانٽس تي معلوماتي ليڪچرر ۽ فلمون پڻ ڏيکاريون وڃن ٿيون.

بهار جي موسم ۾ جڏهن گل ٻوٽا پنهنجي ڦوه جواني ۾ هوندا آهن باغ جي هوائن ۾خوشبو ئي خوشبو هوندي آهي هتي گهمڻ جو گهڻو مزو آهي.

هي پارڪ سومر تي پبلڪ لاءِ بند آهي ٻين ڏينهن ۾ صبح اٺين کان شام ڇهين تائين گهمي سگهجي ٿو.

اسڪول ڪاليج جي گروپس لاءِ انٽري ٽڪٽ فري آهي ٽور ۽ تعارفي بروشر لٽريچرر فري آهي.

هتي وڻن ٻوٽن ۽ گلن جي هسٽري ڄاڻڻ لاءِ ڪلاس ٿيندا آهي جتي وڏا وڏا باٽني جا پروفيسر اچي ليڪچر ڏين ٿا.

هي قوم قدرت جي بنايل هر شي سان محبت ڪري ٿي وڻن گلن ٻوٽن سان محبت اهڙن تاريخي باغن مان ظاهر آهي جن کي دنيا جهان جا ماڻهو ڏسڻ اچن ٿا ملڪ جو نالو روشن ٿئي ٿو.

اهڙي طرح سمنڊ آهي تہ ان جي اهميت ۽ قدر قيمت وڌائڻ لاءِ جهاز، فيرريون، موٽر بوٽس جزيره، سي فوڊ ۽ دريائن تي پلون هر طرح سان پاڻيءَ کي استعمال ڪري ان جو فائدو وٺڻ ۽ پبلڪ لاءِ سک سهوليتون پئدا ڪرڻ هن قوم جو ڪمال آهي.

پاڪستان ۾ خدا جي ٻين نعمتن سان گڏ ڪراچي ۾ ڦهليل چارو طرف وسيع سمنڊ هڪ وڏي نعمت آهي پر ڪنهن بہ حڪومت پبلڪ جي سک ۽ سهوليت لاءِ ڪجهہ بہ نہ ڪيو آهي. نہ فيري آهي نہ موٽر بوٽس نہ پلون نہ جزيره اهي ويچارا پراڻا بابا ٻٽ جا مهاڻا سوين سالن

گل ۾ سائي ڇبر ھي سڀ ترتيب وار قطارن سان پوکيل آھن سڀ قدرت جا ڪرشما آھن ۽ ان سان گڏ گورن جي محنت پڻ آھي.

بوٽانڪ پارڪ جي مالھين ڊاڪٽرن نباتاتي ماھرن ڪي سلام آھي جن دل لڳائي محنت ۽ تجربن سان ھي دنيا جو عظيم الشان باغ ٺاھيو جنھن کي ڏسڻ لاءِ ھزارين ماڻھو ھر روز اچن ٿا.

# Public School

آمريڪا ۾ تعليم لازمي آهي ڪوبہ ٻار تعليم ڪانسواءِ گهر ۾ نٿو رهي سگهي والد جي لاءِ ضروري آهي تہ پنهنجي ٻارن کي تعليم ڏيارين هتي مئترڪ تائين سرڪاري اسڪولن ۾ ڪابہ في ڪانهي.

ٽن سالن جو ٻار اسڪول ۾ داخل ڪرائي سگهجي ٿو جيئن تہ هتي ٻارن کان محنت ۽ ڪم نٿو وٺي سگهجي جيئن اسان جهڙن غريب ملڪ ۾ آهي ان لاءِ سڀ تعليم حاصل ڪن ٿا.

نرسري ۽ پرائمري تائين ٻارن کي ڪتاب، ڪاپيون پينسلون اسڪول ۾ ملن ٿيون گهڻو ڪري گروپ مشغلا ۽ رانديون آرٽ ۽ ٻيا عملي ايڪشن ٻارن کي سيکارين ٿا.

هتي اسڪول ۾ بريڪ فاسٽ ۽ لنچ پڻ ملي ٿي ٻار اسڪول ۾ ٿيلها ۽ ڪتابن جون پريون نٿا کڻي وڃن.

سرڪاري اسڪولن کي پبلڪ اسڪول چون ٿا اسڪولن جا نالا ڪونہ آهن پر نمبر آهن.

هنن اسڪولن ۾ يهودين، مسلمانن، هندن، بنگالين، ميڪسيڪن، اسپينش، چائينز ۽ ٻين قومن جا ٻار پڙهن ٿا اسڪولن ۾ مذهب جو مسئلو نہ آهي.

پرائيويٽ اسڪول گهڻا مهنگا آهن وڏن ماڻهن جا ٻار اهڙن اسڪولن ۾ پڙهن ٿا.

بروڪلين 18th ايونيو 60th اسٽريٽ جتي مان رهندو هئس بلڪل سامهون هڪ پبلڪ اسڪول هو. نمبر 164.

جنهن مهل اسڪول جي موڪل ٿيندي هئي ته جيئن هتي سوزوڪيون، ويگنون، بسون ۽ ڪوچ ٻارن کي کڻڻ لاءِ اسڪول اڳيان رش ٿيندي آهي اهڙي ڪابه رش هتي ڪونه هئي.

گهڻو ڪري هر ڪنهن وٽ پنهنجي ڪار گاڏي آهي عورتون سڀ گاڏيون هلائين ٿيون. هر ڪنهن اسڪول جي اڳيان بس اسٽاپ آهي پنجن ڏهن منٽن ۾ عاليشان ڊگهي بس اچي ٿي ٿوري فاصلي تي زير زمين ٽرين آهي ڪو ٽرانسپورٽ جو مسئلو ڪونهي.

هر ڪنهن اسڪول سان گڏ راند جو ميدان آهي پبلڪ اسڪولن ۾ ڪوبه يونيفارم ڪونهي هت تعليم جو بهترين بندوبست آهي ڪئاليفائيڊ ٽيچر رکيل آهن. حڪومت کي کپي ته اجايي خرچن کي گهٽائي مئٽرڪ تائين تعليم عام، لازمي ۽ مفت ڪري ملڪ جو معيار وڌائي. تعليم يافته نوجوان اجاين جلسن جلوسن هنگامن ۽ فسادن ۾ حصو نه وٺندا تخريبڪاري ڪمن کان پاسو ڪندا تعميري ڪم ڪندا.

# Cony Island

نيويارڪ بروڪ لينڊ ۾ ڪوني آئيلنڊ واقع آهي. اصل ۾ هي علائقو ڪو جزيرو ڪونهي البت سمنڊ سان گڏ آهي ۽ سمنڊ جي ڪناري سان گڏ خوبصورت منظر آهن. گهڻو مشهور ڪوني آئلينڊ بيچ آهي جيڪو هڪ پڪنڪ ريزارٽ آهي جتي موڪل واري ڏينهن سڄو بروڪلن هوندو آهي.

طرح طرح جا حسين رنگين عجيب و غريب خدائي خلق ڏڪيل اگهاڙن باحيا ۽ بي حيا تميز ۽ بدتميز لباسن سان پنهنجي دنيا ۾ گم موڪل جي ڏينهن کي سهي معنيٰ ۾ شرف بخشين ٿا.

اسين به آچر جي ڏينهن ڪوني آئلينڊ بيچ وياسين گهڻو مزو آيو متياز ۽ مان چڊيون پائي خوب گهمياسين ۽ اکين جي عياشي ڪئي سين، هتي گهڻن نسلن جا ماڻهو رهن ٿا جنهن ۾ مسلمانن جو تعداد به گهڻو آهي. پنجاب ۽ آزاد ڪشمير جا گهڻا ماڻهو رهن ٿا جيڪي هتي پراڻا سيٽل آهن. انهن جي ڪري پاڪستانين جو هتي اچڻ جو سلسلو قائم آهي.

ڪوني آئيلنڊ جو علائقو گهڻو وسيع آهي جيئن ڪراچي ۾ گلشن ۽ ڊفينس آهي.

هتي مسلمانن جا پرويزن اسٽور هئڻ ڪري بروڪلن جا مسلمان رهواسي گهرو سامان جنهن ۾ بيف ميٽ، چڪن، آٽو چانور ۽ ٻيو ضروري سامان هتان خريد ڪن ٿا. مسلمان ٽيڪسيون به هلائين ٿا جو هن ڪم ۾ سٺي آمدني آهي. مسلمانن جي دڪانن جي مٿان اردو ۾ نالا لکيل آهن آمريڪا ۾ اِهي اردو جا نالا پڙهي وطن جي سڪ ٿئي ٿي ۽ انهن دڪانن تان خريداري ڪرڻ تي دل چاهي ٿي. پر جڏهن ويجهو وڃبو ته دڪانن اڳيان گند ڪچرو ڏسي افسوس ٿئي ٿو حالانڪ ٿورو اڳتي ڊسٽ بن رکيل آهن.

مسلمانن جي دڪانن تي اردو اخبارون ملن ٿيون جيڪي نيويارڪ ۾ ڇپجن ٿيون اهي اخبارون توهان بغير پئسن جي کڻي وڃي پڙهي سگهو ٿا. امتياز ٻڌايو هڪ ته ماڻهو گهٽ پڙهن ٿا ٻيو هنن اخبارن ۾ اشتهار گهڻا هوندا آهن خاص ڪري پاڪستانين جا. مون ڪجهه اخبارون ڪنيون ۽ گهر اچي پڙهيو. نيويارڪ ۾ سيٽل پراڻا پاڪستاني ريٽائرڊ فوجي ۽ وڪيل گهڻو لکن ٿا پاڪستان سان گڏ انڊيا جو به گهٽيون خبرون هيون.

ڪوني آئلينڊ ۾ مسلمانن جا جنرل اسٽور پرووزن اسٽور هجن ٿا دڪان ۽ وڪيلن، شادي جا دفتر، آفيسون جتي پاڪستانين کي گرين ڪارڊ ڏيارڻ لاءِ آمريڪي گورين سان شادي ڪرائڻ جا دفتر آمريڪا ۾ ڪم ڪندڙ پاڪستانين جا ڊالر پاڪستان پهچائڻ جا بندوبست انگريزي سيکارڻ جا اسڪول مختلف مسئلن ۾ ڦاسندڙ پاڪستانين ناواقف ماڻهن لاءِ مشورا ۽ وڪيل مطلب پاڪستانين جي سهوليت لاءِ هي ڪاروباري دفتر قائم آهن.

هڪ پاڪستاني ٻڌايو ته نيويارڪ ۾ ڏهه هزار پاڪستاني رهن ٿا ڪيترا ته مستقل آمريڪن شهري آهن ۽ وڏي فخر ۽ رعب سان پاڪستان اچن ٿا.

ڪوني آئلينڊ ۾ گهڻو ڪري اسٽريٽ نمبر ۽ ايوينيوز آهن ڪنهن

۾ اسٽريٽ تي ڪو ڪمرشل دوڪان ڪونهي البت ايوينيوز تي شاپنگ سينٽرز ۽ مارڪيٽون آهن. هتي ائڊريس ڳولڻ سولي آهي.

ڪوني آئليند ۾ مسجدون ٻه آهن جتي مسلمانن لاءِ مردن ڪي غسل ڪفن دفن جو بندوسبت آهي. ڪوني آئليند سمنڊ جي ڪناري تي هئڻ ڪري گهڻو مشهور ۽ مهانگو آهي. ڪوني آئليند جا اڌ مسلمان ته ٽيڪسي ڊرائيور آهن باقي دڪانن تي ۽ ٻيا ڌنڌا ڪن ٿا. ڪيترائي مسلمان آمريڪن زالن سان گڏ رهن ٿا گهڻا وڪيل ۽ مختلف آفيس ۾ ڪم ڪن ٿا.

امتياز ۽ مان اڪثر سودو سلف وٺڻ لاءِ ڪوني آئليند ويندا هئاسين. پاڪستان فون ڪرڻ لاءِ ٻه ڪوني آئليند مان گهڻا ٽيليفون بوٿ آهن. سب وي ٽرين هتي ڪيترين اسٽيشنن تي بيهي ٿي.

# Rite Aid

نيويارڪ ۾ دڪان، اسٽور، جنرل اسٽور ڊپارٽمينٽل اسٽور ۽ طرح طرح جون بازارون آهن جتي سڀ قسم جون شيون دستياب آهن.

ان جي باوجود هر ڪنهن علائقي ۾ گهٽو ڪري بروڪلن ۾ Rite Aid نالي هڪ وڏو ڊپارٽمينٽل اسٽور هو جنهن ۾ هر قسم جو سامان موجود هيو. 18th ايونيو بروڪلن تي امتياز جي گهرجي ٿورو اڳتي Rite Aid اسٽور هو جنهن ۾ اڪثر ڪانہ ڪا شي وٺڻ لاءِ اسين ويندا هئاسين بلڪ ان جو مينجر دوست ٿي ويو هو هڪ سمارٽ پنجاب جو رهڻ وارو هو.

رائيٽ ايڊ اسٽورن جي هڪ وڏي چين آهي جهڙي طرح هتي K.F.C يا بلوچ آئسڪريم ۽ ثناءَ الله اسٽور آهن.

هن اسٽور ۾ پرفيوم، ڪاسميٽڪس، دوائون، پرووزن، اسٽيشنري، جوزز، ٽافيون، چشما، گهڙيون، رانديڪا، فلم ڊيولپ ڪرڻ جي ليبارٽري، شراب، بيئر، ڪراڪري، پلاسٽڪ جا سوين آئيٽم، بسڪٽ، گفٽ آئيٽم وغيره هنن اسٽورن ۾ سيلف سروس آهي. ٽراليون هر قسم جون رکيون آهن وڏيون، ننڍيون، وچوليون، بلاڪ نيل آهن وچ ۾ ريڪٽس تي سامان رکيل آهي توهان جيڪا شيءِ وٺڻ چاهيو کڻو ۽ ٽرالي ۾ رکو.

سامان وٺڻ بعد پئسا ڏيڻ مهل لائن ۾ بيهي پئسا ادا ڪرڻا پون

# Verazono' Bridge and Shore Park

نيويارڪ ۾ ڪيترين ئي قديمي ۽ خوبصورت پلون آهن جن مان ويرِ وزانو پل هڪ آهي بروڪلين برج مٿن هتن برج واشنگٽن برج جو هڪ پنهنجو ڏيک آهي پر ويروزانو برج جو نظارو ڏسڻ وٽان آهي هيءَ پل بروڪلين ۽ اسٽيٽن آئلينڊ کي ملائي ٿي. هيٺ مٿي مطلب ڊبل وي اچڻ ۽ وڃڻ لاءِ ائٽلانٽڪ اوشين تي ٺهيل پلن مان هڪ خوبصوررت پل آهن.

هڪ طرف جو ٽول ٽئڪس 60 ڊالر آهي مقامي ماڻهن لاءِ 5 ڊالر هتي اڪثر اهي ماڻهو جيڪي هر روز پل تان اچن وڃن ٿا انهن وٽ E.Z پاس آهي ٽول ٽئڪس وٺڻ لاءِ لائن ۾ پل تي بيهڻو پوي ٿو E.Z پاس بينڪ مان ملي ٿي اها هڪ اسٽيڪر آهي جنهن کي گاڏي جي اسڪرين تي لڳائڻو پوي ٿو پوءِ ڪيترا دفعا به پل تان ڪراس ٿيو ته پل تي هڪ مشين لڳل آهي جيڪا ان اسٽيڪر جو نمبر ڪئچ ڪري ٿي ۽ پوءِ ٽول ٽئڪس جا پئسا توهان جي بينڪ اڪائونٽ مان ان حساب سان ڪٽجي ويندا. E.Z هڪ پرمٽ پاس آهي.

رات جي وقت ويرازنو برج تي بلورنگ جا ننڍڙا بلب ٻرن ٿا

اونداهي رات ۾ هي نظارو ڏ اڍو دلڪش ٿئي ٿو بروڪ لين ۾ سمنڊ جي ڪناري شورپارڪ ٺهيل آهي ڪناري سان گڏ ميل ڊگهو هي پارڪ ماڻهن جي تفريح جو هڪ بهترين اسپاٽ آهي سمنڊ جي پاڻيءَ سان گڏ ڪناري تي هڪ لوهي گرل آهي ان سان گڏ هڪ رستو جيڪو پيدل هلڻ، اسڪيٽنگ ۽ سائيڪل جي لاءِ آهي پاسن کان بينچ پيل آهن جتان ويهي سمنڊ جو نظآرور ۽ سمنڊ اندر بيٺل وڏا وڏا ڪارگو جهاز ڏسجن ٿا.

اسٽيٽن جزيرو به نظر اچي ٿو. هي پارڪ رقبي ۾ ڪناري سان گڏ گهٽو ڊگهو آهي. پارڪ ۾ ڪيتريون ئي فيمليون پڪنڪ لاءِ اچن ٿيون هتي فشنگ به ٿئي ٿي. نوجوان جوڙا ننڍيءَ عمر جا ۽ پوڙها مرد ۽ عورتون پنهنجي نيڪرن، بنيانن ۽ ٽريڪ سوٽ ۾ فٽ فاٽ هتي جا گنگ ڪن ٿا.

پارڪ ۾ ڏاڍا حسين حسين چهرا پگهر ۾ شم پنهنجي صحت کي هر ڪم کان وڌيڪ اهميت ڏين ٿا.

نيوپارڪ ۾ هڪ جاءِ تي اسان ڏٺو ته ڪيترا ماڻهو پنهنجا مختلف نسلن جا ڪتا وٺي آيا هئا ۽ انهن کي ورزش ڪرائين ٿا. ڪتا ايئن لائن ۾ بيٺا هئا جيئن ڪنهن ٽيم جا رانديگر هجن.

شو پارڪ جي سامهو جن ماڻهن جا گهر آهن اهي ڏاڍا مهنگا قيمت جا آهن جو سمنڊ جو نظارو ۽ پارڪ ويو ۽ ويرازانو برج جو منظر بروڪلين ۽ ٻين علائقن جا ماڻهو هتي هوا فوري لاءِ ايندا آهن.

مان امتياز تي چار دفعا هت اڪيلا ۽ ٻارن سان گڏ آياسين واڪنگ ڪيسن فوٽو گرافري لاءِ بهترين جڳهه آهي.

# Brighton Beach

بروڪ لين ۾ ٻہ وڏا بيچ آهن هڪ ڪوني آئليند بيچ ٻيو برائيٽن
بيچ چنچر جي ڏينهن موسم معمول جيان سٺو هو ڪنهن ڪنهن مهل
آس نڪتي تي اسان بيچ جو پروگرام ٺاهيو پاڻ سان گڏ شارٽ مطلب
ڇڏي ۽ ٻيو ضروري سامان ڪٺي مان. امتياز پاپي ۽ زارا جيڪا بيچ تي
وڃڻ لاءِ گهڻو خوش ٿئي ٿي اسين برائيٽن بيچ لاءِ روانہ ٿياسين بيچ تي
پهچڻ کان پهرين گاڏين جي ڊگهي قطار ڪي بار ڪندا جيڪا رستي جي
ٻنهي پاسي هئي وڏي مشڪل سان پارڪنگ ملي بيچ سان گڏ ڪناري
تي ڪاٺ جي تختن سان ٺهيل هڪ ڊگهو پليٽ فارم مطلب جيتي آهي
جيڪو ميلن ۾ آهي ڪنهن زماني کان ٺهيل آهي جنهن تي ماڻهو جاڳنگ
ڪن ٿا. سائيڪل ٽريڪ موٽر سائيڪل ٽريڪ اسڪيٽنگ وغيره ٻہ
ڪن ٿا ڪافي ويڪرو آهي پليٽ فارم عبور ڪري سمنڊ جي ريت تي
اچجي ٿو. اڇي رنگ جي نرم ريت ڪنڪر نہ هجي جهڙو ڇاڻي رکي
هجي پير رکڻ سان سرور اچيو وڃي ريت ۽ سمنڊ جي وچ ۾ گهڻو
فاصلو آهي ريت تي نظر وڌي سين سبحان الله. منهن مان نڪتو.

چارئي طرف مختصر لباس پاتل پوپٽيون پکڙيل هيون رنگا رنگي
ماڻهو رنگ برنگي شارٽس پاتل هئا. اسان پنهنجي چادر وڇائي ٽوڪري
مان سامان ڪٺي رکيو. هتي عورتن جو تعداد گهڻو هو. سيني ڪي صرف

نيڪر، پيتي ۽ براپاتل، بي نياز، بي فڪر ۽ بي پرواه معاشرو. ڪي وهنتا پي ڪي ريت تي اونڌي منهن ۽ سڌو ستل هيون ڪي واڪنگ ۾ ڪي گپ شپ ۾ مصروف.

امتياز چيو هاڻ اصل نيويارڪ آهي مان پتلون لاتي بئنڪاڪ مان ورتل نيڪر ڪم اچي ويئي جيڪا اندران پاتل هئي تي شرٽ پائي ٿورو اڳتي هليس امتياز چيو هن جهڙو ٿي وچ ۾ گهڙي وڃ چارو طرف اڇا، گورا، چانديءَ جهڙا چمڪندڙ ٻرندڙ، ڳاڙا، ڀاڪرا، ريڊا جسم هئا هتي خاص ڪري سمنڊ جي ڪناري تي جسم تي لوشن هڻي صرف برا ۽ پينتي پائي ليٽل هيون ته رنگ ڪارو ٿئي هن ڪي سن باٿ به چئجي ٿو مان نيڪر ۽ تي شرٽ پاتل ٿورو اڳتي هليس ته مون ڪي هڪ شرم محسوس ٿيڻ لڳو جهڙو مان اگهاڙو هجان واپس اچي امتياز کي چيم يار هتي ته ڪپڙا لاهڻا پوندا مان تي شرٽ لاهي صرف نيڪر ۾ هلڻ لڳس ۽ هن ماحول جو هڪ ميمبر بنجي ويس ٿوري دير بعد اکيون مختلف جسم، رانون، ٽنگون ٻنديڻ، دن، پيٽ، ڪلها، پٺا ۽ پاسا سي به جنس نازڪ جا ڏسي ڏاڍيون لڇي ٿيون ۽ ذهن ۾ بي واچ جو سين تري آيو پر هتي ته هي جيئرا جاڳندا، اڇا گلابي، ڳاڙها سنهري ناسي ۽ ڪارا ٽپ، اگهاڙا نه ته اڌ اگهاڙي ڪان مٿي بلڪ مني اگهاڙي ڪان به مٿي محبوب جسم ڏسي هن ماحول ۽ قوم جي بهادري ۽ بيحيائي تي عجب ٿيو. ڪنهن ڪي ڪنهن جي ڪاڻ ڪونه هئي سامهون وسيع سمنڊ جو گهرو سائو پاڻي، جنهن ۾ پري پري جهاز بيٺل ۽ موٽر بوٽس هلن پيون وري اسڪوٽر بوٽس تي زور سان ماٺهو چولين سان راند ڪن. هڪ سهڻو سمان هو ڪيترائي جوڙا رنگ برنگي لغڙ اڏائي رهيا هئا هڪ شاهي لغڙ جيڪو گهڻو مٿي آسمان ۾ تڪ ٻڌي بيٺو هو ان جو ڊگهو پيچ هو. اصل لاهور جي بسنت لڳي پئي هئي. رنگ برنگي چٽيون لڳل جن جي هيٺان جوڙا فيمليون ۽ اڪيليون وينيون هيون. پري پري تائين سمنڊ جي ڪناري ريت ڦهليل اهو رومانوي ۽ تباهه ڪن ماحول هو.

مان ۽ امتياز فوٽوگرافي ڪئي، ڪنهن به مائينڊ نه پئي ڪيو بلڪ فوٽو ڪڍندي اسان کي شرم ٿي آيو گهڻي فراخ دل آزاد ۽ سچي قوم آهي هتي جا به ڏينهن چنچر ۽ آچر ڀرپور نموني ۾ تفريح ڪري گذارين ٿا.

ٿوري ٿوري فاصلي تي مون ڏٺو ته نارنگي رنگ جي ڇٽي لڳل وڏي شاهي ڪرسي تي هڪ بلو رنگ جي نيڪر پاتل لائيف جيڪٽ سان گڏ همراهه ويٺو هو جيڪو سمنڊ تي سيٽي جي مووومينٽ ڏسي رهيو هو اهو لائيف گارڊ هو انهن ۾ عورتون به لائيف گارڊ هيون.

هي بيچ اڳتي وڃي ڪوني آئيلنڊ بيچ سان ملي ٿو.

ٻاهرين ملڪن ۾ سمنڊ جا ڪنارا وري موڪل ڏينهن عجيب و غريب نظآرا وڏي اهميت ۽ انداز رکن ٿا حڪومت سمنڊ جي ڪنارن کي خوبصوررت بنائڻ ۽ ماڻهن لاءِ گهڻي ۾ گهڻي سهوليت مهيا ڪرڻ ۾ گهڻو شوق رکي ٿي. هتي جا ماڻهو به تهذيب يافته صحيح معنيٰ ۾ انسان آهن ۽ اهڙين تفريحات جي لائق آهن.

هتي ڪناري تي پليٽ فارم سان گڏ آرٽسٽس ۽ ميوزيشين جا وڏا وڏا گروپ اچن ٿا جيڪي پنهنجي آرڪيسٽرا سان ميوزيشن ڪن ٿا اهڙن گروپس جي مٿا Young Blood جي گهڻي رش هوندي آهي.

رب سائين جي وڏي نعمت اهو سمنڊ آهي جنهنجي ڪري ان شهر جي گهڻي اهميت ٿئي ٿي هزارن قسمن جا روزگار ۽ تفريح جا آمد رفت جا سير سپاٽي جا موقعا فراهم ٿين ٿا.

برائيٽن بيچ تي اسان عجيب نظارا ڏٺا هڪ ٿلهي عورت جهڙو ايٽم بم هجي جسم ڪڍيو مزي سان ڪرسي تي ويٺي هئي ان ڪرسي کي سلام آهي جنهن هي وزن جهليو هو.

وري هڪ پاسي ريشمي سنهري وارن سان هڪ دوشيزه جسم گلابي ڪاري فل برا ۽ پينٽي پاتل اونڌي ليٽيل ڪتاب پڙهڻ ۾ مصروف چارئي طرف جي هل هنگامي کان بي خبر هيءَ بلڪل اڪيلي بيچ تي آئي

هئي اسان ڏنو هڪ همراه هن جي پاسي ۾ اچي وينو ۽ هن سان ڳالهائڻ لڳو مطلب ڪمپني لاءِ چئي رهيو هو پر هن ڪيس لفٽ نہ ڪرائي ۽ ڪنڌ مٿي ڪٽي بہ ڪونہ ڏنائين اسان اهو لڪا ڏسي ذلت ۽ خواري کان بچڻ لاءِ پنهنجي درخواست سمنڊ ۾ اڇلي ڇڏي حالانڪ هتي گهٽيون ئي اهڙيون هرٽيون ٿيا ڏينديون وتنديون آهن پوءِ نصيب اپنا اپنا.

اسان کي ڇڙو فوٽو نصيب ٿيا باقي پيو مڙئي خير اهڙا اهڙا حسين ماڻهو هئا جن کي هڪ دفعو ڏسڻ سان مهين جو ٽڪ لهي وڃي ٿو. ڪن جي ٽنگن تي ڪي ڪارا ناصي داغ جيڪي قدرتي پر ڪا پرواه ناهي ڪن جي جسم کي ڏسي بچان پئي اچي ڪي جهور پوڙهيون ڳوهيل اٽي جهڙو جسم ڪٽي پيون هلن اهڙيون سنهڙيون جو گهٽي هوا لڳي تہ اُڏامي وڃي سمنڊ ۾ پون. سڀ موڊ ۾ مگن رمز ۾ روان ماحول ۾ مست خوشي ۽ خورم پر برائيٽن بيچ ياد رهندو ڪٿي بہ ڪنهن قسم جو ڪچرو يا ڳند نظر نہ آيو ڪناري تي ويهڻ لاءِ بينچيون ٿهيل هوٽلون استيڪ بار فاسٽ فوڊ.

مختلف جڳهين تا آيل نوان نوان ماڻهو پنهنجي مزاج خيال ۽ فيشن جا ڪپڙا پاتل پر بيچ تي نهايت مختصر لباس ۾ اسپينش، هسپينش، اٽالين، مڪسيڪن، چائنا، جپان، انڊيا، پاڪستان، هنگرين، پوترپڪن ۽ ٻين ملڪن جا باشندا جيڪي هاڻ هت گهٽي عرصي کان روزگار ۽ رهائش جي ڪري آمريڪا جا گرين ڪارڊ هولڊر ۽ سٽيزن ٿي پيا آهن ۽ ملڪي قانون جو پورو احترام ڪن ٿا.

بيچ تي بلورنگ جي يونيفارم ۾ ملبوس پوليس وارا بہ گهمندا نظر آيا. هڪ ميلو هو ۽ نمائش هئي.

ڪراچي ۾ سمنڊ جو وسيع بيچ پاڪستان جي وڏي تفريح ۽ قدرت جي وڏي نعمت آهي اتي حڪومت طرفان ڪنهن بہ قسم جي سهوليت نہ آهي هڪ بورڊ لڳل هوندو آهي ”نهانا منع هئي“ خلاف ورزي ڪرني والي ڪو پوليس ڪي حوالي ڪيا جائي گا.

ان جي باوجود جن جو موت سمنڊ ۾ آهي پڪنڪ خاطر وهنجن ٿا پوءِ ٻڏن ٿا، انهن جا لاش ايدهي يا نيوي جا ٽوپا ڪڍن ٿا ايئن گارڊ نہ هجڻ ڪري ڪو شخص ٻڏندي بچيو ناهي.

موڪل وارن ڏينهن ۾ برائيٽن بيچ ۽ پرلطف تفريح آهي سڄو ڏينهن مزي سان گذري وڃي ٿو امريڪي قوم وقت کي صحيح نموني گذارين ٿا جن ملڪن ۾ گهمڻ ڦرڻ ۽ تفريح جا گهٽا موقعا آهن اتي هنگاما ۽ فساد بہ ڪونہ ٿا ٿين. ماڻهو پنهنجي روزگار کان واندا ٿي دل کي بهلائڻ ۾ لڳي وڃن ٿا.

# Bronx Zoo

هر ڪنهن وڏي شهر ۾ ٻين تفريحي مرڪزن سان گڏ Zoo مطلب چڙيا گهر جنهن کي راڻيءَ جو باغ چئون ٿا هوندو آهي. نيويارڪ ۾ هڪ وڏو عظيم بلڪ دنيا جي وڏن Zoo مان هڪ آهي.جيڪو برنز ۾ واقع آهي. هڪ ڏينهن مان امتياز کي چيو ته مونکي Zoo ڏسڻو آهي جو هن ملڪ ۾ هر ڪا شيءِ نت نئين تعجب خيز ۽ عبرت ڪده آهي ته هتي جو چڙيا گهر به ڏسڻ وٽان هوندو.

امتياز کان ائڊريس سمجهي بروڪ لين مان N ٽرين رستي مئن هٽن جتان B ٽرين ۾ برونز زو پهتس. اسٽيسن کان هڪ به ميل پيدل رستو آهي، گيٽ کان اندر هڪ ڪئبن ۾ مشڪي رنگ جي سبليو ليس شرٽ پاتل پيني ويني هئي جنهن سان هلو هاءِ ڪري ٽڪٽ ورتم ۽ ڪجهه زو بابت خبرون پڇ هن ٻڌايو ته زو تمام وڏو آهي تون انجواءِ ڪندين. مون چيو مان اڪيلو آهيان، هت ڪو ڳالهائڻ وارو مطلب ڪمپني وارو ملندو چيائين You are inocent help your self.

مان ٽڪٽ وٺي اندر داخل ٿيس ته هوٽلون ۽ سنيڪ بار دڪانون اچن ٿيون Lakeside Cafe جنهن ۾ 600 ماڻهو اوپن ايئر ويهي سگهن ٿا. Gift Shop, Zoo Terrace Flamingo Pub,

African Market هتي هوٽل ۾ سيلف سروس آهي ڪوڪا ڪولا سان گڏ اسٽرا ۽ آئس ڪريم گلاس جا ڍڪڻ نٿا ڏين جو جانورن لاءِ هي شيون خطرناڪ آهن پلاسٽڪ جون ٿيليون به استعمال ڪرڻ منع آهي. هي زو 265 ايڪڙن تي آهي جنهن ۾ 5000 هزار جانور آهي 600 جانور ٻچن ڏيڻ وارا آهن. 1997ع ۾ 700 ڪان وڌيڪ جانور پئدا ٿيا.

باغ بخيچا، ساوڪ ۽ سبزو گهٽو آهي ڊگها ڊگها وڻ انهن جي وچ ۾ ورڪڙ وارو رستو موسم سٺو هو ڪيترائي ننڍا وڏا فيمليون ۽ گروپس آيل هئا. ٻن سالن تائين ٽڪٽ فري آهي 17 سالن تائين ٻار ڪنهن بالغ سان گڏ زو ۾ ايندو گروپس لاءِ ٽڪٽ ۾ رعايت آهي.

هن رومانوي ماحول ۾ مان اڪيلو تن تنها نه دوست نه يار بس خوار ئي خوار.

هتي مالڪ سائين جا تخليق ڪيل طرح طرح جا جانور ۽ پکي پکڻ آهن هر ڪنهن جانور ۽ پرندي جي رهڻ لاءِ قدرتي ماحول مهيا ڪيو ويو آهي جيئن شينهن گينڊو، هاٿي، چيتو، زراف، هرڻ، ٽپاٽي گهوڙا، نيل گائي، بگهڙ، باندر، بن مانس، رڇ، انهن سڀني جانورن کي انهن جي ع ادتن، فطرتن، غذا ۽ رهڻ لاءِ الڳ الڳ وسيع ايراضيءَ تي بائونڊري ڏئي ان ۾ وڻ ٻوٽا پاڻيءَ جو تلاءُ. هڪ وڏو شيڊ جيئن بارش کان بچن اهڙي طرح هڪ قدرتي ماحول ۾ هي جانور رهن ٿا. جنهن ۾ هنن جي صحت سٺي رهي ٿي ۽ هو تندرست رهن ٿا. جيئن اسان وٽ آهي شينهن چيتو رڇ بگهڙ وغيره ويچارا پڃرن ۾ رهي بيمار ٿي ڪمزور ٿين ٿا ۽ جلد ئي مري وڃن ٿا.

مون هتي مالڪ جي شان ۽ ان جي قدرت جا رنگ ڏٺا هڪ وڏي هال ۾ وڏا وڏا شوڪيس آهن جن ۾ ننڍڙا ٻچا، ڪارا، ناسي ۽ پورا باندرن جا نسل رکيل آهن بلڪل بلئيءَ جي ٻچي وانگر مون سمجهو باندرن جا ٻچا آهن پر خبر پئي وڏي عمر جا آهن انهن جو شجرو لکيل

ڪا اهڙي شي ڪانہ هئي.

پاڻي جي جانورن لاءِ وڏا تلاءُ هئا جنهن ۾ واڳون لڌڙا ۽ ٻئي پاسي بيشمار قسمن جون مڇيون هيون. زو ۾ Stroller بہ ڪرايہ تي ملن ٿا جن کي هٿ گاڏي چئبو آهي اگر ڪو پوڙهو جوان يا مريض ٿڪجي پئي تہ ان ۾ ويهي سير ڪري.

جانورن کي صبح سادي ڏهين ڪان 3 لڳي تائين کاڌو ڏين ٿا.

موسم جي خرابي جي ڪري ڪو جانور نہ بہ نظر اچي سگهي ٿو.

انڪري جو پنهنجي ڪوٺي ۾ بند هوندو آهي First Aid سينٽر بہ نهيل آهي.

زو ۾ پبلڪ جي سهوليت لاءِ هڪ ATM بہ آهي جنهن مان ڪرنسي ڪيش ۽ چينج ڪري سگهجي ٿي.

وائلڊ لائيف جي فائدي لاءِ وزيٽرن کي پاڻ سان گڏ سائيڪلون ريڊيو، پالتو جانور، اسڪيٽ بورڊ کڻن جي اجازت نہ آهي. صرف اهي ڪتا جيڪي انڌن سان گڏ آهن ۽ تربيت يافتہ آهن اهي زو ۾ هلي سگهن ٿا. ويهہ لک ماڻهو هر سال هي زو گهمن ٿا. هن زو ۾ تازي هوا پاڻيءَ جو نديون نهرون انهن تي نهيل پلون ويهڻ لاءِ وڻن جي پورن ۾ نهيل ريسٽ بينچ صاف سترا باٿ رومز، عاليشان بار ۽ فوٽوگرافي لاءِ بيشمار سائيٽ آهن.

هي زو جتي ڪنهن ڪنهن جڳهہ تي بلڪل سن سان خاموش وڻ ۽ گهاٽا ٻوٽا اڪيلو ماڻهو ڊپ محسوس ڪندو.

هتي گهمڻ جو مزو ۽ صحيح لطف فيملي سان يا پوءِ مولا جي ڏنل ڪنهن محبوب سان آهي.

# Statue of Liberty

گهڻي عرصي کان آزاديءَ جي مجسمي جا فوٽو ڏسندا اچون خبر هئي تہ آمريڪا جي شهر نيويارڪ ۾ آهي بلڪہ ڪتي ملڪن جي فوٽن جا نمونا ڏٺل هوندا آهن تہ آمريڪا جي سڃاڻ هي مجسمو آهي.

صبح جو تيار ٿي بروڪلن مان ترين رستي وائيٽ هال اسٽيشن مين هتن پهتس جيڪا سوين فٽ هيٺ زير زمين نهيل آهي جتي اسڪليٽرز ذريعي وڃڻو پوي ٿو. ٿورو پيدل هلي ڪوسٽ گارڊ عمارت اڳيان ٿيندو بيٽري پارڪ ۾ آيس جيڪو اٽلانٽڪ اوشين جي ڪناري تي واقع آهي. پارڪ ۾ بينچن تي ڪيترائي مرد عورتون ويٺل هئا. پارڪ جي پاسي مان فيري هلي ٿي جيڪا مجسمي آزادي تي وڃي ٿي. مان قطار ۾ بيهي ٽڪٽ ورتي جيڪا پارڪ سان گڏ نهيل خاڪي ۽ پوري رنگ جي عمارت مان ملي ٿي ٽڪٽ جا ٻہ ٽي ڪائونٽر نهيل آهن، جتان ننڍا وڏا مرد عورتون ٽڪٽ وٺي رهيون هيون. بالغ ارڙهن سالن کان ايڪهٺ سالن تائين پوڙهن لاءِ ۽ ٻارن لاءِ ٽڪٽ ريٽ ۾ فرق هو.

ٽڪٽ وٺي وري قطار ۾ بيهڻو پوي ٿو هاڻ اسين انهن حسين رنگين، دنيا جي مختلف ڪندن مان آيل هر نسل جي ماڻهن سان آهستي آهستي فيريءَ ۾ چڙهڻ لاءِ قطار ۾ هلي رهيا آهيون مرد، عورتون،

لبرٽي آئليند پهتاسين. جتي آزادي جو مجسمو نسب آهي فيري ۾ ايندي پري کان مجسمو نظر اچي ٿو پوءِ آهستي ويجهو ٿيندو ويجي ٿو. هن هيڏي ساري بربت جيڏي مجسمي کي بلڪل قريب ڏسي هڪ خوشي ٿئي ٿي ايئن لڳو چڻ منزل ملي ويئي پر هاڻ شل اهي پوپٽيون ملن.

فيري جڏهن سمنڊ ۾ هلي ٿي چارو طرف حسين منظر ڏسڻ ۾ اچن ٿا اڇي رنگ جي فيري بلڪ ٽي چار فيريون سائي رنگ جي سمنڊ ۾ ٻيون ننڍيون موٽر بوٽس ٻه هلن ٿيون پري کان نارنگي رنگ جي شاهي فيري جيڪا مين هٽن کان اسٽيسن آئليند هلي ٿي نظر اچي ٿي مٿي آسمان ۾ ٻه هيلي ڪاپٽر هلي رهيا هوندا آهن.

هڪ پاسي بروڪلن ٻئي پاسي مين هٽن جون عظيم عمارتون ٽئين پاسي نيو جرسي چوٿين پاسي ايلوس آئليند نظر اچن ٿا.

فيري آزادي جي مجسمي جي هيٺان ڪناري تي ڇڏي ٿي ٻهرين جي عمارت اچي ٿي جنهن جي اڳيان Natoinal Park Service معلومات جو ڪائونٽر Infirmation Cabin لڳل آهي جتي هڪ سنهڙي سهڻي گوري معلومات فراهم ڪري ٿي ٻئي پاسي Refreshment آهي Restroom مطلب باٿ روم آهي.

هتي ڪيترن قسمن جا ريڊي ميڊ کاڌا ملن ٿا جن ۾ سئنڊ وچ، برگر، سلاد ڊرنڪس، گرم ڪتا ۽ ٻيا اسان جي سمجهه کان ٻاهر.

هاڻ مجسمي تي چڙهڻ لاءِ اڳتي وڌياسين خوبصورت سرسبز پارڪ گهٽو سائو چٻر وانگر هڪ گاهه هو تاليءَ جا وڻ هئا مونکي اتي گل نظر نه آيا مجسمي جي هيٺان لوهي پائيپن سان ٺهيل اڇي ڪپڙي جو وڏو شيڊ هو.

جنهن اندر ور وڪڙ ڏنل قطارن ۾ پبلڪ سان گڏ بيٺا هئاسين اڌ منو ڪلاڪ هتي به لڳو هڪ اچڻ جي لائن ٻي وڃڻ جي مجسمي کي هيٺان ڏسبو هڪ ديو وانگر سيمينٽ جو ٺهيل بت هٿ مٿي ڪيو وچ سمنڊ ۾ بيٺو آهي.

مـسـجـمـي ۾ اندر داخل ٿـيڻ لاءِ ہہ قطارو ٿين ٿـيـون. هڪ To By Lift Crown پيو Pedestal to Crown مطلب پيدل هلڻ واري قطر ۾ ڏاڪـڻ تي چـڙهـياسين اها ڏاڪـڻ مـجـسـمـي جي هٿ تائين جتي شمع آهي اتي وڃي ٿي 354 ڏاڪا آهن آهستي آهستي چڙهڻو پوي ٿـو جـو اڳـيـان پـٺـيـان وزيـتـرز هوندا آهن اڳتي هلي هي ڏاڪـڻ بلڪل سوڙهي ٿي وڃي ٿي جنهن مان صرف هڪ ڄڻو چڙهي سگهي ٿو منهنجي اڳيان اهي ٻئي پوپٽيون هڪ اڇي سنجيده ٻي سـانوري چـشـمي سـان ڪلندڙ هئي.

مـجـسـمي جي ڪلهن تائين لفٽ لڳل آهي جتي گـيلري ٺـهيل آهي جـتـان سـمنڊ ۽ لبرٽي جزيري جا بهـتـرين نظارا ڪري سگـهجن ٿـا. بروڪلين، مـٺن هٽن. اسـتـيـسن آئلينڊ. سـمنڊ ۾ هلندڙ فيريون، بوٽس ننڍڙا ننڍڙا ڪارٽون ۽ رانديڪا لڳن ٿا مٿان هيٺ ڏسندي ئي ڏپ لڳي ٿو.

هاڻ مجسمي جي ٻانهن مان اندران لنگهي مٿي پهچڻو آهي. هڪ ڏاڪـڻ مـٿي چـڙهڻ جي ٻي هيٺ لهڻ لاءِ مـضـبـوط ڪارو اصلي ۽ سچـو لوهہ اسـتـعـمـال ڪيل آهي جو هيـترا سارا سال گذرڻ بعد هزارين لکين ڪروڙين ماڻهن جي چڙهڻ لهڻ سان ڪجهہ فرق نہ پيو آهي.

مجسمو پٿر جو ٺـهيل هڪ عورت جو آهي جنهن ڪي سائو لباس سـاڙي وانگر ويڙهيل آهي هڪ هٿ ۾ قانون جو ڪتاب ۽ مٿي ڪيل هٿ ۾ آزاديءَ جي شمع آهي جنهنجي شعلي جي جڳهہ تي چمڪندڙ ٽامي جو هڪ نمونو جيئن ٻري رهيو آهي.

مـان مـٿي چـڙهي الله سائين جي ثنا ڪئي جنهن هن فـقـيـر کي هٿ پڄايو اِنسانن کي اها طاقت ڏني جن هيڏي ساري بربت کي سمنڊ اندر هڪ جزيري ۾ نمايان رکيو ۽ دنيا جهان جا مـاڻهو فيري ۾ چڙهي هن مجسمي کي ڏسڻ اچن ٿا.

هي مجسمو 93 ميٽر اٽڪل 306 فٽ ڊگهو آمريڪا جي برطانيہ

ڪان آزادي جي سو سال ٽيڻ تي فرانس جي حڪومت طرفان هڪ تحفو هو جيڪو پاڻي جي جهاز ۾ حصن ۾ آيو آمريڪن هن مجسمي کي آزاديءَ جو مجسمو Statue of Liberty جو نالو ڏئي نيويارڪ رياست جي ٻاهران هڪ جزيري ۾ رکايو جيئن ٻاهران ايندڙ اميگرنٽ کي هي مجسمو موهي سگهي، ان جزيري جو نالو لبرٽي آئليند رکيو ويو آهي.

هتي فيري جي ٽڪيٽ ۾ مجسمو به ڏسي سگهجي ٿو روزانه هزارين سياح اچن ٿا جڏهن ڪان هي مجسمو نسب ٿيو آهي ڪيترا ڪروڙ ڊالر هي اسٽيٽ ڪمائي چڪي هوندي ۽ دنيا ۾ هن اسٽيٽ جو بلڪه ملڪ جو نالو روشن ٿيو هوندو. توهان ڏٺو هوندو ته جتي به نيويارڪ جو نالو ايندو آهي اتي مجسمي آزادي جو بت هٿ مٿي ڪيو بيٺو هوندو آهي اڄ هن گنگهار کي مالڪ مهربان هي مجسمو ڏسڻ جو شرف بخشيو ۽ مان چوٽ تان جتي شمع بتي جو شعلو آهي اُتان ٿي آيس. سچ پڇيو ته مٿي چڙهي هڪ ڊپ ٿئي ٿو ته ڪٿي هي مجسمو ڪري نه پوي جو انسان اصل ۾ فطري طور خود غرض ڊرپوڪ ۽ پنهنجي زندگي سان پيار ڪندڙ آهي. مونکي مٿي چڙهي سکر وارو معصوم شاهه جو منارو ۽ لاهور واري بادشاهي مسجد ۽ مينار پاڪستان ياد آيا پر هتي هيٺ چارو طرف سمنڊ ۽ گهٽو مٿي هو.

مٿي چڙهندي ڏاڍو مزو آيو هڪ ڏاکڻ سوڙهي اونداهه ۽ پيو منهنجي اڳيان اهي به سيڪسي سوزڪيون هڪ گوري پي ناسي گوري ٿوري مغرور هئي باقي ناسي ته ذري گهٽ نهي ويئي هئي. ڪنهن ڪنهن مهل سوڙهي ڏاڪڻ تي رش جي ڪري ڪو ڌڪو لڳي ته سپ هڪ ٻئي هٿان وچي ڪرون اوڏي مهل عجيب حال هو مفت ۾ اوچتو اهڙو مزو وري مونکي نصيب نه ٿيو.

مٿي چڙهي وري هيٺ لهڻ اهو به آهستي آهستي هڪ ٻئي هٿان ڪرڻ، جهلڻ، هرويرو ڪرڻ وري سنڀالڻ Excuse me چوڻ Sorry

چوڻ بس قسمت سني هئي جو اڳيان پنيان ماڻهو سنا ۽ مٺا هئا گهڻو ڪجهہ هنن ۽ اسان برداشت ڪيو جي هي اسان جو ملڪ هجي ها تہ ها ماءُ پيءُ برابر ڪري ڇڏين ها واه نيويارڪ.

اسين مجسمي مان نڪري پاهر وياسين ڪجهہ ڪينٽن طرف وڃڻ جو خيال ٿيو هنن پوپٽين سان سٺي گپ شپ ٿي مان ڪين پنهنجي پيتا ٻڌائي تہ مان هڪ ٽورسٽ اڪيلو تن تنها نيويارڪ گهمڻ آيو آهيان هڪ جگري يا روٽ رهيل آهيان جيڪو فيملي سان رهي ٿو سفر نامو ڪلڻ جو شوق اٿم اڄ جيڪو ڪجهہ ڏٺم ۽ ٿيو اهو لکندس.

هي ڳهٽيون اشتياق ۽ شوق ڏيڪارڻ لڳيون. منهنجي اڌ اڪري انگريزي سمجهڻ لڳيون هاڻ هي سفر پورو ٿيو وقت بہ گهڻو گذري چڪو هو واپس موٽڻ لاءِ فيري ۾ اچڻ لڳاسين.

فيري ۾ چڙهي اسين واپس بيٽري پارڪ جتان فيري هلي ٿي اتي اچي رهيا آهيون.

لبرٽي آئليند کان واپس ايندي فيري ايلوس آئليند تي رڪي ٿي جتي پراڻن اميگرنٽس جيڪي شروع شروع ۾ نيويارڪ آيا هئا انهن جا ڪپڙا، سامان، ورديون، اسلحو، ٽارچون، بتيون هي هڪ قسم جو عجائب گهر آهي انگريز ۽ سياح شوق سان هتي هي قديمي شيون ڏسڻ اچن ٿا. مان هتي اچي لوه ڦاٿس مان سمجهيو تہ هي فيري ڊائرڪٽ بيٽري پارڪ وڃي رهي آهي پر وچ ۾ هي ايلوس آئليند اچي ٿو جنهن کي ڏسڻ لاءِ گهڻا شوقين سياح اچن ٿا. جن جو اڳ ۾ هي جزيرو ڏٺل هو يا خبر هئن تہ اهي فيري مان لٿا ئي ڪونہ. ايلوس آئليند تي هو بہ وقتي ساٿي بہ نہ لٿا جو هنن کي خبر هئي تہ فيري جي منزل اڳيان آهي مون سمجهو هاڻ سفر ختم سو هيٺ لهي پيس اڳتي هلي ڏٺم تہ فيري ڪجهہ ماڻهن کي هيٺ لاهي وري واپس وڃڻ لڳي مون ڏٺو تہ هو ٻئي پوپٽ فيري مٿان مونکي هٿ هلائي ٽاٽا ڪري رهيا هئا ۽ کلي رهيا هئا شايد منهنجي پوراڙئي تي تہ مون سمجهيو منزل اچي ويئي ۽ سپ هيٺ

لهندا.

بحرحال مان ايلوس آئليند ڏسي گهمي ڦري ۽ فيريءَ ۾ جيڪا اڌ ڪلاڪ بعد آئي چڙهي واپس بيٽري پارڪ پهتس جتان لبرٽي لاءِ سفر شروع ڪجي ٿو.

آزادي جي مجسمي کي ڏسڻ لاءِ ديس پرديس جا لکين انسان اچن ٿا ٽڪٽ وٺن ٿا مختلف نظارا ڏسن ٿا ۽ پنهنجي ذهني ڪمپيوٽر ۾ سڀ ڪجهه جيڪي اکين ڏٺو محفوظ ڪري پڻ کي پڏائين ٿا. ان سان گڏ اتي ڪيترائي اسٽور آهن جن تي رانديڪا، تصويرون شو پيس جن تي مجسمي آزاديءَ جا ننڍا وڏا مجسما ڪاٺ جا پلاسٽڪ جا ۽ مٽيل جا، مگ، پليٽون ۽ ڪيترائي اهڙا ڪتاب ۽ شيون جيڪي ڏارين وزيٽرز کي متوج ڪن ٿيون هو خريد ڪن ٿا. ڪاروبار ٿئي ٿو روزگار وڌي ٿو ملڪ جي عزت ۽ ناموس وڌي ٿي. ڪاش اسان جي ملڪ ۾ تاريخ يادگيرين کي محفوظ ڪري روشناس ڪيو وڃي. مون پڻ سان گڏ مگ ۽ ننڍڙا مجسما ورتا.

# Pregment Hard ware Store

نيويارڪ ۾ وڏا وڏا اسٽور، دڪان، ڊپارٽمينٽل اسٽور، مارڪيٽون ۽ بازارون آهن جتي دنيا جي هر ننڍي وڏي شئي ملي ٿي، جهڙي طرح لنڊن جي مشهور جهيرڊ ڊپارٽمينٽل اسٽور جو چوڻ آهي ته هن اسٽور ۾ دنيا جي سڀ شئي ملي ٿي، سئي کان هاٿي تائين اهڙي طرح نيويارڪ ۾ به هڪ ڪان هڪ تجارتي مرڪز آهن. Camolot, J.C Penny, Maccy , Robinsons, Pregment Hard Ware Store جون نيويارڪ ۾ گهڻيون ئي برانچون آهن، هن اسٽور ۾ مڪمل عمارت سازي جو سامان ملي ٿو.

هڪ عمارت ۾ جيڪي ڪجهه هجي ٿو مطلب، دروازا، دريون، ڇت لاءِ ڪاٺ ياترماپول شيٽ، باٿ روم ۾ ٽائلز، ڪموڊ، واش بيسڻ، شيشو ليمپ ٽب وغيره، دروازن ۾ ڪاٺ جا اسٽائلش گهڙيل پيس، هئڊل، ڪنڊا، انجيس، درين ۾ ايلڪوپ، ڪاٺ، پلاسٽڪ جا نمونا، پردن ۾ ڪپڙي جا پلاسٽڪ ۽ ويلوٽ نمونا، وينشنگ بلائينڊ وغيره، فرش لاءِ ڪالين، ٽائلز فلورنگ، پلاسٽڪ فلورنگ، ڪچن جا ڪئبنٽ، زنڪ، نلڪا، چولها، اوون، ٽيبل ڪرسيون وغيره.

هن اسٽور ۾ هارڊويئر آئيٽم ۾ هر قسم جا اوزار ملن ٿا هڪ هڪ آئيٽم جا اٺ ڏهه قسم آهن.

هڪ ڏينهن امتياز ۽ مان ڪوني آئليند مان ٿيندا گهمندا ڦرندا ڪنهن وڏي اسٽور تي آياسين اسٽور جي اڳيان گهڻو علائقو ڪارپارڪنگ لاءِ هو اتي گاڏي پارڪ ڪئي سين هي Pregment Hws امتياز کي ڪجهه شيون وٺڻيون هيون ۽ مون کي هي اسٽور ڏيکارڻو هو. اسان سنهيون ٿليون شيون خريد ڪيون ۽ اسٽور کي ڏٺو چڱو وڏو اسٽور هو قسمين قسمين شين جون ورائٽيز رکيل هيون.

اسٽور ۾ هزارين آئيٽم آهن انهن کي ترتيب وار رکيو ويو آهي. پر گمنٽ اسٽور جو جواب ڪونهي، توهان کي گهر ٺهرائڻو آهي پر گمينٽ هارڊويئر اسٽور تي هلي وڃو ڪنهن ٻئي هنڌ وڃڻ جي ضرورت نه پوندي.

سيلف سروس آهي، ننڍيون وڏيون ۽ درميانيون ٽراليون رکيون آهن، جيتري سامان جي ضرورت هجي اها ٽرالي کڻي خريداري ڪري ڪائونٽرن تي ڪمپيوٽرز رکيا آهن پئسا ادا ڪري سامان کڻي اڳيان وڌو.

هن اسٽور ۾ ڇت تي ڪئميرا نصب ٿيل آهن. جيڪي خريدارن جي سڀ چرپر ٻڌائين ٿا. اسٽور ۾ ننڍيون ننڍيون شيون گهڻيون قيمتي ٿين ٿيون، پاڪستان ۽ ٻين ملڪن جا چال باز ۽ چور ٽائپ ڪڏهن ڪڏهن پنهنجو ڪرتب ڏيکارين ٿا جيئن چوندا آهن ته ”چور چوري کان رهي پر هيرا ڦيري کان ڪين رهي.“ انڪري سڀ بندوبست ٿيل آهي.

اسٽور جو ڪئٽلاگ ٺهيل آهي جنهن ۾ تمام شين جا تفصيل آهن. اهڙا اسٽور وڏن شهرن ۾ ٿين ٿا جتي ماڻهو گهڻا مصروف رهن ٿا ۽ پنهنجي ضرورت جو سامان وٺڻ لاءِ گهڻن جڳهين تي نٿا وڃن، بلڪ هڪ ئي وڏي اسٽور تان سڀ خريداري ڪن ٿا ۽ هتي اهو يقين آهي ته شي معياري هجي ٿي.

آمريڪا اندر اهائي هڪ وڏي خوبي آهي ته شيءِ اصلي ۽ پائدار هوندي بلڪ ڪنهن ٻئي ملڪ جو مال به آمريڪا ۾ ايندو ته گارنٽي سان ٺهيل هوندو.

# American Musem of Natural History

قدرتي تاريخ جو آمريڪن عجائب گهر 125 سالن کان دنيا جي مشهور سائنسي، تعليم ۽ کوجنا مرڪزن مان هڪ آهي 1874 ۾ صدر يوليس گرانتس مئن هتن ۾ 18 ايڪڙن جي هن عمارت جو افتتاح ڪيو جيڪا سينٽرل پارڪ جي سامهون 79th اسٽريٽ ويسٽ تي واقع آهي.

هي عجائب گهر دنيا ۾ سڀ کان وڏو ۽ مشهور آهي هتي ريسرچ ليبارٽريون ۽ سيکارڻ جا مرڪز ۽ تاريخي معلومات لاءِ گهڻو ڪم ڪيل آهي.

مان هڪ ڏينهن صبح جو بروڪلن مان سبوي ٽرين ۾ چڙهي مئن هتن پهتس جتان 79th اسٽريٽ تي سينٽرل پارڪ جي پير ۾ وڏي شاهي پوري رنگ جي پٿر سان ٺهيل هيءَ عمارت گهمڻ جو موقعو مليو.

اندر داخل ٿيڻ سان وڏو شاهي هال آهي جنهن ۾ هڪ ڏکو ڊائناسار جو ڍانچو رکيل آهي.

قديم زماني جو هي ماس نڪتل هڏن جو پڃرو ڪنهن وڏي ڏکي ۽ پراڻي ڊائناساز جو اسڪيليٽن (Scaloton) آهي جنهن کي نهايت خوبصورتيءَ سان هال جي وچ ۾ رکيو ويو آهي. ٽڪٽ ست ڊالر وڏن

لاءِ، چار ڊالر ٻارن لاءِ ۽ پنج ڊالر شاگردن لاءِ ۽ پراڻا شهري. هن ميوزيم جي ميمبرشپ ٿئي ٿي ۽ ميمبرن لاءِ گهٽيون سهولتون آهن.

آمريڪن نيچرل هسٽري ميوزيم ۾ ڏسڻ لاءِ ڪيترا حصا آهن جتي خدا جي خلقيل مخلوق، جانور، پرندا، پاڻيءَ جا جانور، پهاڙن ۾ رهندڙ جهنگل جا برف اندر رهندڙ ۽ طرح طرح جا عجيب و غريب حيرت ۾ وجهندڙ جانور انهن جون تصويرون ۽ صرف ساه نڪتل باقي صحيح سلامت شوڪيسن ۾ رکيل آهن امريڪن جي سائنس ڪوجنا ۽ محنت جو ڪمال آهي.

ميوزم ۾ هر وقت دنيا جي مختلف ملڪن مان آيل مردن، عورتن، پوڙهين نوجوانن ڪاليج ۽ اسڪولي ٻارن جي رش رهي ٿي. هي ميوزيم هڪ پول پليان آهي سوين هال آهن جن ۾ شوڪيس ٺهيل آهن لفٽون به آهن ۽ ڏاڪڻون به ٺهيل. شوڪيسن ۾ مختلف نسلن قسمن، رنگن ۽ خطن جا جانور پرندا، جيت اهڙي خوبصورتيءَ سان سجائي رکيا اٿن جو بلڪل اصلي ۽ ساه وارا لڳن ٿا ماڻهو هنن شوڪسن جا ۽ انهن سان گڏ فوٽو ڪڍائين ٿا فلمون ڪڍن ٿا. مون ڏٺو ته ڪيترائي شاگرد تفصيلات نوٽ ڪري مضمون لکن پيا.

هن ميوزيم ۾ تفصيل سان گهمڻ لاءِ ٻه ٽي ڏينهن به گهٽ آهن ماڻهو دوستن سان گڏ يا گروپ هجي ته مزو اچي ٿو مان اڪيلو هئس پر پوءِ به گهٽن ئي گروپن ۾ شامل ٿي ويس.

انسان جي ارتقا وقت ڪهڙي حالت هئي ڪيئن غارن ۽ وڻن جي پورن ۾ رهندو هو. شڪار لاءِ ڇا استعمال ڪندو هو. آهستي آهستي ڪهڙين حالتن مان ٿيندو ترقي تي پهچي ٿو هتي تصويرون ۽ فلمن ۾ ڏيکارين ٿا ڪيترائي فلم هال آهن ٿيٽر آهن. جن ۾ فلمون ڏيکارين ٿا.ا هڙين فلمن ڏسڻ لاءِ الڳ ٽڪٽ به هجي ٿي ميمبرن لاءِ فري آهي يا وري هڪ پنجاه ڊالرن جو پيڪيج ٿئي ٿو. ان ۾ سڀ ڪجهه سهوليت ملي ٿي. هتي ٿيٽرن اندر آسمان ۾ ستارن، پلانيٽ، پاڻيءَ اندر رهندڙ مخلوق

تي فلمون ڏيکارين ٿا. بلڪل خاموشي ڊسپلين ۽ نظم و ضبط جهڙوڪ ڪير آهي به ڪونه پر هال ۾ ڪيترا ماڻهو فلم ڏسندا آهن.

مون ٽي چار فلمون ڏٺيون ڊاڪومينٽري فلمون آهن تصويرن سان گڏ ڪمينٽري به هوندي آهي.

عجائب گهر ۾ خاص ڪري اپاهجن جي ويل چيئر لاءِ رستا پارڪنگ، ويهڻ لاءِ خاص ڪرسيون وغيره رکيل آهن هتي خريداري لاءِ فرسٽ فلور تي وڏو دڪان گفٽ شاپ سيڪنڊ فلور تي اسپيشل نمائش شاپ ٿرڊ فلور تي ميوزم شاپ فورٿ فلور تي Diono Sore ۽ ٻيو سامان ملي ٿو.

کائڻ پيئڻ لاءِ Ocean Life Cafe آهي جنهن ۾ لنچ ۽ ڊنر هجي ٿي. فاسٽ فوڊ اسنيڪس ۽ بيوريج لاءِ Snack Cart آهي. مطلب نمائش ڏسڻ وارن کي ٻاهر وڃڻ جي ضرورت ڪانهي سڀ ڪا شيءِ ميوزيم اندر موجود آهي.

مون ميوزيم ۾ هيٺ مٿي اندر ٻاهر وچ ۾ پاسن ۾ مطلب سڀ جڳهه تي گهمي ڦري ڏٺو شوڪيز ۾ باندرن جا قسم رکيل آهن. ڪارا ڀورا، اڇا، ناسي جهڙا جئرا ويٺا آهن.

ميوزم اندر نقشا ۽ معلوماتي لٽريچر ملي ٿو جنهن ۾ ميوزيم جي چئن فلورن جو نالن سان نقشو ۽ ٻي ضروري معلومات ڇاپايل آهي.

نيويارڪ وڃي مٺن هتن ۾ سينٽرل پارڪ سان گڏ ٺهيل هي تاريخي عجائب گهر ضرور ڏسڻ گهرجي. شوڪيس اندر اهڙيون تصويرون ۽ مجسما ٺهيل آهن جو ذهن ۾ نقش ڪري ٿا وڃن هڪ شوڪس ڏسڻ بعد ٻئي کي ڏسڻ جو اشتياق رهي ٿو اهڙي طرح هن ميوزيم ۾ شوڪيز اندر جانورن جي ماحول سان گڏ لائٽ جو بندوبست به سٺو ڪيو ويو آهي.

هتي فوٽوگرافي منع ناهي البته خاص حصن جي فوٽو ڪيڻ منع آهي تصويرون ڪيڍي وڪڻڻ به منع آهي.

1887 کان وٺي هن ميوزيم هزارين ٽيمون مختلف ملڪن ۾ تحقيق ۽ کوجنا لاءِ روانيون ڪيون آهن هن وقت بہ هڪ سو کان مٿي پراجيڪٽ تي ٽيمون جن ملڪن ۾ ريسرچ ڪن پيون ان ۾ چائنا، چلي، ڪيوبا، گني، منگوليا، مداگاسڪر، فرينچ وغيره آهن.

سنجيده پڙهيل لکيل ماڻهو لاءِ هڪ بهترين تفريح گاهہ آهي هڪ هڪ فريم ۾ رب سائين جي شان ۽ ان جي قدرت جا ڪرشما رکيل آهن امريڪن مالڪ ملڪ جي قدرت کي ڪيڏو نہ روشناس ڪرايو آهي ۽ ان مان لکين ڊالر ڪمائين پيا ان کانسواءِ عزت ۽ وقار حاصل ٿئي ٿو.

اسان وٽ ڪراچي ۾ هڪ نيشنل ميوزيم آهي جنهن ۾ ڪجهہ بہ ڪونهي ڪا مقبوليت ڪونهي ڪراچي وارن بہ نہ ڏٺو هوندو اسين پنهنجي ماضيءَ تي يقين نٿا ڪيون تاريخي شين کي طبقاتي جنگ ۽ باهمي رنجش جي ڪري مسمار ڪيون ٿا. حيدرآباد سنڌ جو عظيم قلعو ماضيءَ جو هڪ شاهڪار آهي پر هن وقت قلعي جي ڇا حالت آهي ڏسي دل ڏکي ٿو.

# Garrag Market

نيويارڪ بروڪلن ۾ ڪيترن جڳهين تي گيراج مارڪيٽ نظر آئي جتي گهرن جو استعمال ٿيل پراڻو سامان وڪرو ٿئي ٿو. هڪ دفعي امتياز جي مسز ڪٿان ڪرسٽل جا ڪجهه ڊيڪوريشن پيس وٺي آئي مونکي گهڻو پسند آيا.

پاڇائي ٻڌايو ته 60th اسٽريٽ تي گيراج مارڪيٽ لڳل آهي جيڪا امتياز جي گهر کي ويجهو هئي مان هي مارڪيٽ ڏسڻ جي شوق ۾ اتي پهتس.

هڪ ليڊي گهر جي اڳيان ورانڊي ۾ گهر جي استعمال جون شيون رکيو ويٺي هئي. جتي ڪٽلري سيٽ، تصويرون، ڪتاب، پرس، ڪپڙا، جوتا، ٽي سيٽ، تصويرن جا البم، برف رکڻ جا باڪس، سگريٽ استري وغيره پيل هئا. سامان گهڻو پراڻو ڪونه هو ڪي ڪي شيون ته گهڻون سٺيون هيون مون هڪ پراڻي طرز جو تصويرن جو البم ڏهن ڊالرن ۾ ورتو جيڪو Antique هو گهڻيون عورتون ڏسي ۽ وٺي رهيون هيون.

هتي هي رواج عام آهي ته ڪا فيملي پنهنجو گهر تبديل ٿي ڪنهن، ٻئي علائقي ۾ شفٽ ٿي ٿئي يا ڪرس مس ۽ نيو ايئر جي

موقعي تي گھر جو سامان ۽ ڪي شيون تبديل ڪرڻ ٿي چاهي ته ڪو شرم يا حجاب ڪونهي ته هو گھر ۾ يا گھر جي ٻاهر فٽ پاٿ تي ٽيبلن مٿان اهڙو سامان رکي ان تي قيمت لکي رکن ٿا ۽ ماڻهو اچي خريد ڪن ٿا. اهڙي طرح هنن جون پراڻيون شيون نڪري وڃن ٿيون ۽ نيون خريد ڪرڻ لاءِ رقم ملي وڃي ٿي.

هن قسم جون گيراج مارڪيٽون وڏي پيماني ۾ منعقد ٿين ٿيون جنهن ۾ ڪنهن پارڪ يا گرائونڊ تي گھريلو سامان رکيو وڃي ٿو. مختلف گھرن جا ماڻهو پنهنجو پنهنجو سامان ڪٺي گيراج مارڪيٽ ۾ وڪڻن ٿا هتي قيمت مناسب هوندي آهي خاص ڪري موڪل واري ڏينهن اهڙين مارڪيٽن ۾ گھڻي رش هوندي آهي.

ننڍين ننڍين شين سان گڏو گڏ وڏا آئيٽم مطلب صوفه سيٽ، پلنگ، گدا ۽ فنريچر به وڪري لاءِ هجي ٿو پراڻين شين سان گڏ نيون شيون به ملي وڃن ٿيون.

هڪ دفعي اسين ڪوني آئلينڊ ۾ سمنڊ جي ڪناري تان اچي رهيا هئاسين ته رستي تي هڪ ننڍڙي گارڊن ۾ گيراج مارڪيٽ لڳل هئي ۽ زال مڙس جيڪي اٽالين هئا ۽ گھڻي عرصي کان نيويارڪ ۾ آباد آهن پنهنجو پراڻو سامان Display لاءِ رکيو ويٺ آهن مونکي به چشما ۽ هڪ وڏي ڪاري پٿر جي رنگ سان منڍي هئي پنجين پنجين ڊالرن ۾ خريد ڪئي. گھڻا ماڻهو جيڪي ٿوري آمدني هئڻ ڪري نيون شيون نٿا خريد ڪري سگھن اهي گيراج مارڪيٽ مان شاپنگ ڪن ٿا.

گيراج مارڪيٽ مان ڪڏهن ڪڏهن نهايت عمديون سستيون ۽ پراڻيون شيون ملي وڃن ٿيون. ڪيترا اهڙا مون پارا شوقين جيڪي گيراج مارڪيٽن کي ڦولينڊا آهن ۽ ڏسن ضرور ٿا پوءِ پسند آيو نه وٺي به ڇڏيندا.

گيراج مارڪيٽ جو مطلب مونکي ڪو خاص نه ملي سگھيو پر گھڻيون غير ضروري تعداد کان وڌيڪ ۽ پراڻيون شون اگر متائبيون ته گيراج ۾ مطلب اسٽور ۾ رکبيون انهن کي گڏي گيراج مارڪيٽ جو نالو ڏئي نيڪال ڪجي ٿو اهي شيون ڪيترن ماڻهن لاءِ اهم ۽ ضروري

# Long Island

هڪ ڏينهن امتياز جو لانگ آئليند جزيري ۾ پروگرام هو مسٽر سليم جيڪو بروڪلين ۾ هڪ موٽر گيراج هلائي ٿو اهو گهر نمبر 1852 لانگ آئليند ۾ رهي ٿو ان جي گهر ۾ ڪا فيملي تقريب هئي مان ۽ امتياز شام جو ڇئين بجي گهران نڪتاسين امتياز پنهنجو ميوزڪ جو سيٽ جيڪو هڪ آرگن ۽ اسپيڪر ڊيڪ ۽ مڪچر لنڪن ليموزين جي ڊگي ۾ وڌو ۽ اسان ويروزانو برج تان ٿيندا بيلٽ پارڪ وي ورتو جيڪو هاءِ وي آهي ان وقت گاڏين جي گهٽي رش هئي. رستو ٿي ۽ چار ٽريڪ ڊبل روڊ هو. پنهي پاسي ساوڪ وڏا وڏا باغيچا. هي رستو هوائي اڏي JFK تي وڃي ٿو. رستي تان سمنڊ جا سهٽا دلفريب نظارا ڏسڻ ۾ اچن ٿا. سڌرن اسٽيٽ پارڪ وي اچي ٿو جتي عاليشان پڪنڪ اسپاٽ آهي جتي مختلف ماڊلن جون گاڏيون بيٺل هيون هتي دوڪان فاسٽ فوڊ شاپ ۽ بار آهن سامهون سمنڊ ۾ لانچون. ياٽ ۽ ننڍڙيون اچي ۽ بلورنگ جو فيريون بيٺل هيون دل چيو امتياز کي چوان مونکي هتي ڇڏي وڃي.

هي رستو پراٽين ۽ نين پلن کي ڪراس ڪري ٿو رستي تي ٿوري ٿوري فاصلي تي سائي رنگ جا سائن بورڊ لڳل آهن جيئن ڪو نئون

ماشا الله هيون.

لانگ آئلينڊ ۾ گهڻو ڪري ڊاڪٽر ۽ ڪاروباري ۽ سکيا ماڻهو رهن ٿا هتي ڪنهن ننڍي نوڪري ڪندڙ ۽ غريب ماڻهو جو ڪم ڪونهي. هي آئلينڊ ٻه ميل ويڪرو ۽ تقريباً ڏهه ميل ڊگهو آهي. هتي هر ڪنهن وٽ ٻه يا ٽي ڪارون آهن. ڪن وٽ پنهنجون لانچون آهن ۽ ٻوٽس آهن چارو طرف سمنڊ جو پاڻي آهي. ننڍا ننڍا شاپنگ اسٽور ۽ بار هر جڳهه آهن.

جڏهن مان جنيوا نيويارڪ ويس ته لانگ آئلينڊ جو علائقو ياد اچي ويو اتي به اهڙا ڪاٺ جا ماڊل گهر ٺهيل آهن چئني پاسي ساوڪ ۽ سبزو هو.

اصل ۾ برسات گهڻي پوي ٿي. انڪري سڄو علائقو آباد آهي هتي جا ماڻهو گلن ٻوٽن کي سنڀالين ٿا پاڻيءَ جو مسئلو ڪونهي.

# Manhattan

گهڻي عرصي کان مئن هٽن جو نالو ٻڌندا اچون ڪڏهن ڪنهن ٽريول ايجنسي ۾ يا هوائي اڏي ويندي ڪنهن پوسٽر تي Manhattan جو پڙهندا هئاسين اها خبر هئي ته آمريڪا جو ڪو شهر آهي. آمريڪا جيئن ته دنيا جو هڪ ترقي يافته ملڪ آهي ۽ ان جو هر شهر سٺڙيل ۽ خوبصورت آهي پر مئن هٽن جي ڪهڙي اهميت آهي مئن هٽن ۾ ڇا ٿو وهي واپري اهو ذڪر ۽ سڌ ڪانه هئي.

نيويارڪ جي سير دوران منهنجو دوست امتياز فاروقي سپ ڪان پهرين مون کي مئن هٽن وٺي ويو.

اسين بروڪ لين 64th اسٽريٽ 18th ايونيو هان N ٽرين ۾ چڙهي 42nd ايوينيو ٽائيم اسڪوائر پهتاسين جيڪو مئن هٽن جو علائقو آهي.

ٽرين مان لهي پليٽ فارم ڏسندا گهمندا جيڪي صاف سٿرا، ڪشاده، ۽ زير زمين هئا. ٻاهر نڪتاسين دنيا ئي ٻي هئي مٿي نظر ڪيم سبحان الله ايتريون وڏيون ڊگهيون سهڻيون ۽ صاف پرڪشش عمارتون هڪ ٻئي سان گنڊيل ۽ وڏيون جاذب نظر پهرين ڪڏهن به ڏٺيون ته

.Liberty Plaza, 8. Brooks Brothers
ٿـورو اڳـتي دنيـا جي اها عظيم سڀ کـان وڏي عـمـارت World
Trade Center آهي جنهن کي اهو اعـزاز آهي تـہ اها دنيـا جي سڀ
کان وڏي عـمـارت آهي هن کان پهرين Empire State Building
دنيا ۾ سڀ کان وڏي عمارت هئي اها بہ مئن هٽن نيويارڪ ۾ آهي ان
کي ڏسڻ جو بہ موقعو مليو. World Trade Center هڪ جهڙيون
ست عمارتون آهن سٺ ستر ۽ اسي منزلہ انهن ۾ هڪ عمارت هڪ سو
ڏهہ منزلہ آهي جنهن جي مٿـان ڳـاڙهي بتي ٻري ٿي جيئن جـهـاز نہ
ٽڪرائجي. ورلڊ ٽريڊ سينٽر جي عـمـارت کي ڏسڻ لاءِ اٺن ڊالرن جي
ٽکٽ آهي وزيٽرز جي گهٽي رش ٿئي ٿي هي گنهگار مٿان چڪر لڳائي
آيو آهي.

1855ع ۾ دنيا جي کوجنا کندڙ عظيم قوم انگريز مئن هٽن کي
ڳولي لڌو هن جزيري جو نالو مئن هٽن هڪ انڊين جي ڪري پيو هيو
جيڪو 1626ع تائين اتي قابض هو.

مئن هٽن 58.8 ڪلو ميٽر علائقي تي پکڙيل آهي جيڪو 13.4
ميل ڊگهو ۽ 2.3 ميل ويڪرو آهي ڪٿي ويڪر ۾ وڌو بہ آهي.

مئن هٽن جي خوبصورتي جو راز ان جي چئني طرف پاڻي ۽ ڪنارا
آهن مـغـرب ۾ هڊسن ندي مـشـرق ۾ ايسٽ ندي اتر ۾ Herlen
Rines ڏکڻ ۾ ائٽلانٽڪ سمنڊ آهي. هنن ندين ۾ هر وقت پاڻيءَ جا
ننڍا ڪارگو جهاز فيريون موٽر بوٽس هلن ٿـيون ائٽلانٽڪ سمنڊ ۾
بربت جيڏا وڏا جهاز بہ هلن ٿا.

مئن هٽن جي بلند عمارتن مان اهي منظر سهڻا لڳن ٿا.

مئن هٽن سان گڏ هڪ ٻيو جزيرو زور ويلٽ آهي جيڪو ايسٽ
ندي سان گهيريل آهي UNO جي عمارت مئن هٽن ۾ ايسٽ ندي جي
ڪناري تي آهي.

دنيا جي مختلف ملڪن جا سربراه ۽ سفارتڪار UNO اجلاسن

۾ مئن هٽن اچن ٿا ان لاءِ مئن هٽن ۾ وڏيون وڏيون هوٽلون ۽ شاپنگ پلازه آهن.

مئن هٽن کان اڳتي ائٽلانٽڪ سمنڊ جي اندر اسٽيٽن آئلينڊ هڪ ٻيو جزيرو آهي جتي وڃڻ لاءِ مئن هٽن مان فيري سروس هلي ٿي جيڪا سڄو ڏينهن ماڻهن کي ڪٽي ۽ چڙي ٿي بغير پئسن ۽ ٽڪٽ جي فيري سروس هلي ٿي.

مئن هٽن ۽ نيوجرسي اسٽيٽ کي ريل روڊ ۽ ٽنل ملائي ٿو جيڪو لنڪن ٽنل ۽ هالينڊ ٽنل آهن.

جتان گاڏيون موٽرون لنگهن ٿيون انهن ٽنلن مان منهنجي خيال ۾ پيدل ماڻهو نٿا هلن ڇو ته گاڏيون گهٽيون تيز هلن ٿيون، اسين ڪيترائي دفعا گاڏي ۾ گذرياسين ڪوبه پيدل هلندڙ نه ڏٺوسين.

جارج واشنگٽن برج به هڪ پراڻي لوهي پل آهي جيڪا مئن هٽن ۽ نيوجرسي کي ملائي ٿي.

نيويارڪ مئن هٽن ۾ Greyhounds بسن جو وڏو اڏو جتان سوين بسون آمريڪا جي مختلف شهرن ۽ رياستن ۾ وڃن ٿيون اهو ٽرمينل Street 42nd تي Port Authority Terminal نالي سان آهي.

مئن هٽن جي هڪ خوبصورت تاريخي تصوير آهي جنهن ۾ مئن هٽن جون مشهور عمارتون رات جي وقت روشن نظر اچن ٿيون اهو فوٽو بروڪلن مان بروڪلن پل جي هيٺان بيهي ڪڍيو ويو آهي نهايت حسين ۽ متاثر ڪندڙ تصوير آهي.

رب سائين جا احسان اهو نظارو اسان ازخود ڏٺو امتياز ۽ مان رات جي وقت گهمندا ڪولمبيا هائيٽس کان ٿيندا بروڪلن پل وٽان بيهي ڏٺو اڪثر ماڻهو اتان بيهي خاص ڪري اهو نظارو ڏسندا آهن ۽ تصويرون ڪڍائيندا آهن.

مئن هٽن کي پلن، ٽنلن فيرين جي سهوليت سان ايترو ويجهو ڪيو

ويو آهي جو محسوس نٿو ٿئي تہ هن جزيري جي چارو طرف پاڻي آهي.

مئن هٽن نيويارڪ بلڪ آمريڪا جي جان ۽ جگر آهي چون ٿا نيويارڪ جو پهرين نالو مئن هٽن هيو.

فن تعمير آرڪيٽيڪچر ڊيزائن جي ماهرن هر طرح سان پنهنجي فن جو مظاهرو مئن هٽن جي عمارتن تي ڪيو آهي.

مطلب مختصر لباس پاتل هيون چارو طرف جهڙو برئيٽر بيچ هو. آمريڪن جا جسم گهٽا اڇا يا انگريزن ۽ جرمن وانگر ڳاڙهو جسم ان تي ڪارا ڪارا ۽ نامي ترڪي ڪي تہ گهٽيون وٽندڙ تندرستہ ۽ تازيون.

مئن هٽن جي فٽ پاٿن تي هلندڙ هر ٻيو ماڻهو ملين يئر آهي سمپل ڊريس سادا محبت ۽ اخلاق سان ڀريل ماڻهو مئن هٽن ۾ عام ماڻهن وانگر هلن گهمن ڦرن ٿا. گهڻو ڪري هتي غير ملڪي ۽ پرديسي هوندا آهن جو مئن هٽن ملڪ ئي اهڙو آهي جو ان کي ڏسڻ لاءِ ڪٿان ڪٿان جا مسافر نيويارڪ اچن ٿا.

مئن هٽن ۾ 42nd اسٽريٽ تي قائم ٽائم اسڪوائر مشهور جڳهہ آهي هتي زير زمين عاليشان سب وي ٽرين اسٽيشن آهي. ايتري وڏي ڪشاده زير زمين اسٽيشن ان جي مٿان فلڪ نما مضبوط ڊگهيون عمارتون جيڪي ڪيتري وقت کان ٺهيل آهن. خاص ڪري نيو ايئر نائٽ تي هن علائقي کي شاندار نموني سان سينگاريو ويو ٿو.

مئن هٽن ۾ اڪثر مختلف گروپن ۽ قومن جا جلوس ۽ پريڊ ٿين ٿا جيڪي سالانہ مئن هٽن مان نڪرن ٿا ۽ ڏسڻ وٽان آهن.

16.6.98 تي پوٽوريڪن پريڊ هئي مان بہ اتي موجود هئس برسات جو موسم آچر جو ڏينهن هو هي قوم گهڻي حسين آهي هتي عورتن جا جسم مسلمانن جهڙا صاف سٿرا پرڪشش ۽ شهوت سان ڀريل خاص ڪري ان ڏينهن عورتون ڪپڙن ۾ بہ اڌ کان وڌيڪ اگهاڙيون هيون جلوس ۾ سٺ سيڪڙو عورتون هيون اصل چانڊوڪي

# Impartant Places, in Man Hattan

مئن هٽن ۾ گهٽو پراڻو ۽ پکڙيل سينٽرل پارڪ آهي ان سان گڏ آمريڪي ميوزم آف نيچرل هسٽري آهي. اقوام متحده جي عمارت آهي دنيا جي پهرين ۽ ٻي وڏي عمارت ايمپائر اسٽيٽ ۽ ورلڊ ٽريڊ سينٽر آهن. پورٽ ٽرمينل اٿارٽي آهي. نيويارڪ پبلڪ لائبريري آهي وڏيون وڏيون بئنڪ اسٽيوڊيو T.V اسٽيسن ريڊيو. وڏا وڏا سينيما هائوس اسٽيوڊيو فري اسٽائيل ڪشتي جيڪا اسين اڪثر ٽيليوزن تي ڏسندا آهيون هي سڀ مئن هٽن ۾ آهن.

مئن هٽن مان فيري ۾ چڙهي بيٽري پارڪوٽان مجسمہ آزاد وڃي سگهجي ٿو اهو علائقو نهايت حسين آهي خاص ڪري اُتي ڪسٽم هائوس سان گڏ سائوٿ سي پورٽ جتي عاليشان هوٽلون، بار، دڪان ۽ گفٽ سينٽرز هر وقت South Sea Port تي. رش رهي ٿي ينگ ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون. جهڙا خود حسين اهڙا ڪپڙا سنا ملڪ سنو ماحول سنو ماڻهو مست ملنگ ٿيو پيو گهمي پلي ڪجهہ نہ وٺي ۽ ڪجهہ نہ کائي اکين جي استعمال سان پيٽ ڀرجو وڃي ۽ ذهن ۾ يادگار لمحا نقش ٿيو وڃن. هتي هڪ پاسي ائٽلانٽڪ سمنڊ ۾ ڪارگو جهاز ۽ ننڍا ننڍا پئسنجر بيٺل هوندا آهن.

مان ۽ امتياز هن پورٽ تي خوب گهمياسين ۽ مزا ماڻياسين.

ميڊيسن اسڪوائر مُئن هٽن تي ورلڊ ريسلنگ ٿئي ٿي، هتي دنيا جي وڏين هوٽلن جي چين آهي. Merriot Sheraton Hayat هتي نائٽ ڪلب، پب، ڪيبري، فٽ نيس ڪلب، ميوزڪ ڊانس اسڪول پڻ آهن.

جيئن ڪراچي جا اصل باشيندا مڪراني بلوچ ويچارا سينمائن تي داداگيري ڪن ۽ پورٽ تي مزدوري ڪن ٿا بلڪل نيويارڪ جا نيگرو مئن هٽن جي فٽ پاٿن تي ننڍيون ننڍيون شيون وڪڻ ٿا. ڪي ٿلها ٿنبرا تندرست بلاوجہ واندا ويٺا هوندا توهان ڪي ڏسندا گهوريندا ايئن لڳندو اجهو ٿا هٿن مان بئگ ڦرين پر ائين ناهي. پهرين نيويارڪ چورين ڌاڪن، قتل جي ڪري مشهور هو هاڻ قانون سخت آهي جولياني جيڪو هن وقت نيويارڪ جو ميئر آهي گهڻو سخت ماڻهو آهي چپي چپي تي پوليس آهي 119 فون ڊائل ڪيو پوليس مدد لاءِ فورن اچي ٿي تنهن هوندي بہ احتياط ڪرڻ کپي.

امتياز ڪڏهن بہ پنهنجي ڪار ۾ بئگ يا سنهو ٿلهو سامان نہ ڇڏيندو اڪثر ڊگي ۾ رکندو. مونکي تہ بابي خاص هدايت ڪندي هئي تہ پرس ڪنهن دڪان يا رستي تي نہ ٻاهر ڪڍان ۽ پرس ۾ بلڪل ٿورا پئسا رکان سون جي منڊي نہ پايان وغيره.

مئن هٽن ۾ گاڏين جي پارڪنگ گهڻو ڪري زير زمين آهي پارڪنگ لاٽ آهن جتي ڪلاڪن هڪ ڏينهن هفتن ۽ مهينن جي حساب سان پارڪنگ ٿئي ٿي.

مئن هٽن مصروف، مشهور، مهانگو ۽ محبوبن جو ملڪ آهي هتي اچي ماڻهو ازخود خوبصورت ٿي وڃي ٿو ماحول جو رنگ لڳي ٿو وڃي.

هڪ سو ٽيتاليهہ 143 سال پهرين هڪ ننڍڙو جزيرو ايئن لڳي ٿو چڻ هڪ هزار سال پراڻو شهر هجي.

مئن هٽن ۾ گهٽيون Street ۽ Places مشهور آهن اهڙي طرح

Christopher Street بہ مشھور آهي هتي هر قسم جا طرح طرح جا خواجہ سرا مطلب Gays گھمندا رهن ٿا يا ڪنهن هوٽل ۽ پب جي ٻاهران بيٺا هوندا سهڻا، صاف سٿرا، جيتر ۽ پاتل اسٽائيل ۾ هلندا ڪن کي زنانو لباس پر گھڻو ڪري پتلون چو جو هتي عورت مرد سڀن جو هڪ جهڙو لباس آهي. Unisex هلي ٿو اگر توهان ڪنهن کي هلو ڪندا جواب ڏيندا حسرت ڀري نگاهن سان ڏسندا هٿ ملائيندا هٿ کي آهستي مهٽي ڇڏيندا اگر توهان کي ٿاپي جي نوڪر آهي تہ توهان هنن سان ڪمپني ڪري سگھو ٿا گھڻو ڪري پروفيشنل هوندا آهن اگر دل اچي ويئي ۽ هو سڪيو آهي تہ توهان تي خرچ ڪندو ۽ عيش ڪرائيندو. هي مساج ڪرڻ جا ماهر آهن پنهنجو پاڻ تي گھڻو خرچ ڪن ٿا جسم تي اصل وار ڪونہ ڇڏين جهڙا آمريڪا جا ماڻهو ۽ عورتون حسين اهڙا هي Gays بہ ڪنهن کان گھٽ ناهن.

هڪ ڏينهن سينٽرل پارڪ ۾ گھڻو پنڌ هليس گھٽا ئي سين ڏٺم ٻاهر نڪتس فٽ پاٿ تي بہ نشئي Junky ميرن ڪپڙن ۾ نشي ۾ ڌت بينچ تي اونڌا پيا هئا بلڪل ايئن جيئن هتي هيروني رستن تي بيپرواه ٿي نشو ڪندا آهن آمريڪا ۾ بہ ڪٿي اهڙا موالي آهن. جن کي پوليس بہ هٿ نہ ٿي لاهي.

بلند و بالا ڏکھي عمارتن جي هيٺان صاف سٿرو ۽ ڪشاده سب وي ٽرين اسٽيشن، گورن جي محنت، عقل ۽ عظمت جو ڪمال آهي هزارين ماڻهو روزانہ هتان ٽرين ۾ لهن ۽ چڙهن ٿا.

مئن هتن ۾ وڏا وڏا شاهي ڊپارٽمينٽل اسٽورز اٺ منزلا ٻارنهن منزلہ جن ۾ سوين ملازم سڀ حسين ۽ موهيندڙ هر ڪنهن فلور تي هڪ جهڙا مختلف ملڪن جا سامان بيشمار ورائٽيز هڪ دفعي مان ۽ امتياز رانديڪي جي هڪ اسٽور Toy House ۾ وياسين چار پنج منزلہ هي اسٽور حيران ڪندڙ هزارن قسمن جا رانديڪا خاص ڪري ويلويٽ، پشم ۽ سوٽي ڪپڙي جا ٺهيل بنمانس، گوريلا، چمپينزي جا

ماڊل ڏاڍا پرڪشش هئا.

ڪاسميٽڪ، گارمينٽ، ليدر پلاسٽڪ گلاس، ميٽل ۽ ٻين قسمن جي مصنوعات جا اسٽور مئن هٽن ۾ گهڻا هئا.

مئن هٽن گهڻو ڪاروباري، دفتري، واپاري، ٽريفڪ ۽ عمارت سازي جو شهر آهي.

هتي جو ڪاريون ۽ پيليون ٽيڪسيون مشهور آهن هتي سڀ ڪان گهڻا سب وي ٽرين اسٽيشن آهن.

نيويارڪ وڃي جنهن مئن هٽن نہ ڏٺو ان ڪجهہ بہ نہ ڏٺو.

مئن هٽن ۾ هر وقت ڏينهن رات گاڏين جي رش رهي ٿي، اهڙي طرح سب وي ٽرين بہ فل هجن ٿيون.

هزارين ماڻهو جيڪي نيويارڪ جي ٻين علائقن مان مئن هٽن ۾ سروس ڪن ٿا اهي پنهنجن گاڏين موٽرن ۾ اچن ٿا ۽ بروڪ لين ۾ پارڪ ڪري سب وي ٽرين ۾ چڙهي مئن هٽن اچن ٿا.

مئن هٽن ۾ وڏيون مهانگيون هوٽلون آهن جو دنيا جا سفارتڪار سربراه ۽ واپاري اچي رهن ٿا. انهن هوٽلن ۾ کاڌا بہ طرح طرح جا لذيذ ۽ دل پسند دنيا جا ماهر بورچي هتي ڪم ڪن ٿا. بورچي جو پگهار هزارن ڊالرن ۾ ٿئي ٿو ان سان گڏ فاسٽ فوڊ، اسنيڪ بار Takeaway ۽ Food Confectionary بہ گهڻا آهن جتي اسٽورن ۾ ڪم ڪندڙ ۽ نوڪري پيشہ ماڻهن جي رش هوندي آهي خاص ڪري لنچ ۾ اهڙن سينٽرن تي معشوقن جو ميلو هوندو آهي. هرڪو پنهنجي پسند جو مال کڻي مصروف هوندو آهي مطلب ڪائنٽ جو هتي سيلف سروس آهي آرڊر بہ هلي ٿو مان گهڻو ڪري چڪن يا ترڪي سئڊوچ، ڪٽليٽ، اسٽيڪ يا سلاد باڪس تي گذارو ڪندو هئس نهايت لذيذ ۽ وافر مقدار ۾ هتي چڪن سان گڏ ترڪي گهٽي هلي ٿي جو نيويارڪ ۾ نديون ۽ ڍنڍيون گهڻيون آهن ننڍجا پکي جام ٿين ٿا جن کي ترڪي چون ٿا انهن جو گوشت بہ لذيذ ٿيندو آهي.

مئن هٽن ۾ عمارتن سان گڏ پراڻي زماني جا ٿهيل چرچ بہ گهڻا آهن انهن تي پٿر جا نقش نگار ۽ لوهي ڪٽ ورڪ جو ڪم ڏسڻ وٽان آهي. مئن هٽن جو شهر، نظام، نظم ضبط، اتي جو وڻج واپار صفائي، رستا گهٽيون جي ڊيزائن عمارتن جي آرڪيٽيڪٽ ۽ ماڻهن جو رواج لباس، ڏسي آمريڪن قوم جي نہ صرف تعريف ڪرڻ تي دل چاهي ٿي پر هن قوم جي محنتي، انهن عظيم انسانن کي سلام ٿو ڪجي جيڪي هن وقت زنده هوندا يا ڪمپليٽ سوٽ پائي ڪنهن سيمسٽري ۾ ابدي ننڊ ڪندا هوندا آخر ۾ مئن هٽن زنده باد نيويارڪ زنده باد پاڪستان زنده آباد.

# Wild Wild West

هڪ رات امتياز ۽ مان يارهين لڳي گاڏي ڪٽي چڪر تي نڪتاسين. امتياز ڪوني آئلينڊ مان پنهنجي هڪ شاگرد شهزاد کي کنيو ڪوني آئلينڊ اوشين پارڪ ويو ڪان تيندا 3rd ايونيو تي آياسين، گاڏين جي گهٽي پارڪنگ هئي اسان به هڪ هنڌ امتياز جي لنڪن ٽائون ڪار کي بيهاريو جنهن لاءِ ٻن ڪارن جي پارڪنگ ڪپي. هي هڪ ڊانسنگ ڪلب هيو جنهن ۾ اندر ڪلب جون خوبصورت پوپٽيون صرف ڊانس ڪري رهيون هيون ريل ڪار وانگر حال هيو هڪ طرف بار هئي وچ ۾ هڪ ڊگهو اسٽيج هو ٻي سائيڊ تي تماشبين هئا جيڪي ڪجهه صوفن تي ويٺا هئا گهٽو ڪري بيٺا هئا. ميوزڪ هلي رهيو هجي ان سان گڏ ڊانس ته هئي اسٽيج تي ڇوڪريون آهستي آهستي نچي رهيون هيون باقي ٻيون سروس ڪري رهيون هيون.

هنن ڇوڪرين جي نچڻ جو هڪ پنهنجو اسٽائل هو ميوزڪ سان گڏ صرف ٻنڊڻ هلائي رهيون هيون، ائين تيز جيئن ڪنهن چابي ڀري هجي وري سندن جسم تي ڪجهه به نه صرف هڪ لير پٽيان ۽ اڳيان هڪ چتي ڪنهن ڪنهن فاسفورس وانگر چمڪندڙ ڪپڙو ۽ برا پاتو هو. ماڻهو هنن جي ڪڇي ۾ ۽ ان الاسٽڪ جي لير ۾ ڊالر لڳائيندا مزا وٺن ٿا.

# Prosspect Park

نيويارڪ جو بهترين روڊ اوشين پارڪ وي جيڪو ڪوني آئيلنڊ ڪان شروع ٿي پراسپيڪٽ پارڪ وٽ ختم ٿئي ٿو، هن رستن جي ٻنهين پاسي ويڪرو رستو چارٽريٽڪ جو وري فٽ پاٿ جنهن تي وڏا وڏا وڻ انهن جي هيٺان بينچ رکيل فٽ پاٿ جي ٻنيان سائيڪل هلائڻ لاءِ هڪ رستو جيڪو سائيڪل ٽريڪ آهي ڇوڪرا ڇوڪريون جوگر پاتل سائيڪل هلائين ٿا. بينچن تي نوجوان ۽ پوڙها آمريڪن، اٽالين، يوٽريڪن ۽ چائنا، جوڙا ويٺل هجن ٿا رستي تي ٽريفڪ روان دوان هجي ٿي، ٻنهين پاسي خوبصورت گهرن جي قطارن ۾ هي رستو آهي. جتي هي رستو ختم ٿئي ٿو اتي ئي پراسپيڪٽ پارڪ آهي. 1874ع جو ٺهيل هي رستو اڄ به نئون لڳي ٿو.

• هڪ ڏينهن مان امتياز ۽ ننڍڙي زارا پراسپيڪٽ پارڪ آياسين هي پارڪ نيويارڪ جي سٺن پارڪن ۾ شمار ٿئي ٿو. 1866ع ۾ فريڊرڪ نالي هڪ آمريڪن ڊيزائن ڪيو هو. 1526 ايڪڙن تي ڦهليل وسيع، سرسبز ۽ خوبصورت پارڪ جنهن جي وچ ۾ هڪ ڍنڍ آهي جيڪا سٺ ايڪڙ ايراضيءَ تي آهي جنهن ۾ پاڻيءَ جي گهرائي ست فٽ آهي.

هن پارڪ ۾ مختلف قسمن جا ڏهه هزار وڻ آهن. ماڻهن جي تفريح جو هڪ پرسڪون مقام هن ڍنڍ ۾ مختلف نسلن جو بدڪون

# شڪاري ڪتو
# Grey Hounds

نيويارڪ شهر ۽ اسٽيٽ کان ٻاهر جيڪي بسون، سپر هاءِ ويز تي هلن ٿيون انهن کي گري هائونڊز چون ٿا اڇي ۽ بلو رنگ جون ڏکيون آرام ڏه بسون پنهنجي وقت مقرر تي اچن ۽ وڃن ٿيون، هنن بسن لاءِ عاليشان بس اسٽاپ مسافرن لاءِ ويٽنگ رومز واش رومز ٺهيل آهن.

بس اندر هڪ باٿ روم بہ ڏنل آهي آرام ده سيٽون آهن وڏين بئگن رکڻ لاءِ سائيڊ ۾ جڳهہ آهي باقي سنهو ٿلهو سامان بس اندر رکي سگهجي ٿو. هر ڪنهن سيٽ سان گڏ پلاسٽڪ جو اڇيون ٿيليون لڳل آهن جو ڪاٻہ شيءِ هيٺ يا ڪٿي اڇلڻ بدران ان ٿيلي ۾ رکجي.

هنن بس جي بڪنگ ٿئي تي وقت تي ٽڪٽ بہ ملي وڃي ٿي اوٽ موٽ ٽڪٽ ملي ٿي مان جڏهن جنيوا مان نائگرافال وڃڻ لاءِ بفلو ويو هئس تہ اوٽ موٽ ٽڪٽ ورتي هئم.

هتي مسافرن ۾ نظم ضبط ۽ سليقو آهي. نيويارڪ مان بسون ٽورنٽو ڪيناڊا واشنگٽن فلاڊلفيا ۽ ٻين شهرن ڏي وڃن ٿيون.

بسن جا ڊرائيور ماهر ۽ تجربيڪار آهن بلڪل وقت تي بسن کي پهچائين ٿا ڇئن پنجن ڪلاڪن بعد هڪ اسٽاپ اچي ٿو جتي چاءِ

ڪافي ٿڌو اسنيڪس ملن ٿا.

بس ڊرائيور جي سيٽ جي پاسي ڪان هڪ اڇي لائن آهي جنهن کي ڪراس ڪري مطلب ڊرائيور جي ويجهو بيهڻ منع آهي. ڊرائيور سان گاڏي هلڻ مهل گفتگو منع آهي. جهڙيون بسون سٺيون اهڙا رستا وڏا ويڪرا ۽ سٺا هئن بسن ۾ سفر ڪرڻ سان گهڻي ٿڪاوٽ نٿي ٿئي.

نيويارڪ جو وڏي ۾ وڏو بس جو اڏو مئن هٽن ۾ آهي هن کي پورٽ اٿارٽي ٽرمينل چون ٿا. هي بسن جو ٽرمينل ڏسڻ وٽان آهاي زير زمين ۽ هيٺ مٿي نهيل خودڪار نظام سوين بسون هتان مسافرن کي کڻي پنهنجن منزلن طرف نڪرن ٿيون مسافر کي بس جو نمبر ياد رکڻو پوي ٿو. نمبر ياد نہ رهي تہ تڪليف ٿئي ٿي.

# A.M. Train (Track)

نيـويارڪ کـان ٻاهر جيـڪي ٽرينون وڃن ٿـيـون انهن لاءِ الڳ
اسٽيشن آهن مونکي جنيوا وڃڻو هو جيڪو روچيسٽر جي پاسي ۾ آهي
نيويارڪ کان ٽرين رستي ستن ڪلاڪن جو سفر آهي. امتياز رات جو
فون تي مـعلومات ورتي تہ صبح جو ستين لڳي ٽرين نمبر 63 جيـڪا
34st مين هٽن کـان Penn اسٽيسن تان Syracue لاءِ ويندي جـتي
مون کي لهڻو هو. سيراڪيو اسٽيسن کان بس يا ٽيڪسي رستي جنيوا
وڃڻو پوي ٿو جو سيراڪيو کان جنيوا سٺ ميل آهي.

مان صبح جو سوير اٺيس چاءِ ٺاهي پيتم بئگ کڻي 64th اسٽريٽ
18th ايونيو تان "N" سب وي ٽرين ۾ چڙهي مئن هٽن پهتس جتان
ٿورو اڳتي Penn اسٽيسن هئي. جيئن تہ رات جو فون ڪري اسان هڪ
ٽڪٽ سيراڪيو لاءِ بڪ ڪرائي هئي ۽ نمبر بہ مليو هو مون سمجهو
منهنجي ٽڪٽ بڪ هوندي بس پئـسا ڏئي تـو ٽڪٽ هٿ ۾ وٺـان.
اسٽيسن تي ڪيترائي ماڻهو هئا وڏو هال هو سڀن مسافرن کي نديا وڏا
بئگ هٿن ۾ ۽ اڳيان رکيل هئا اسٽيشن صاف سٿري ٽرين جو نالو ئي
ڪونہ هو ڪيترائي سائن بورڊ ۽ TV ڪمپيوٽر لڳل هئا جن تي ٽرين
جا نمبر ماڻهو ڏسي رهيا هئا.

Know English مون چيو ها بلڪل چوڻ لڳي. مونکي ٽڪٽ وٺڻ نٿي اچي فلاڻي شهر وڃڻو اٿم تون منهنجي مدد ڪر. مون هن ڪليل وارن سنهڙي جسم معصوم چهري واري پري کي چيو ته تو تان جان قربان هن پرستان ۾ گهٽا ڏينهن ٿي ويا آهن پر ڪنهن به اهڙي خوبصورت انداز ۾ خدمت ڪرڻ لاءِ نه چيو آهي مان توکي ٽڪٽ چا منزل تي پهچائي اچان پر مون وٽ صرف پنج منٽ آهن ۽ مونکي سيراڪيو وڃڻو آهي. I am Sorry چئي هيٽ پڳس ۽ پليٽ فارم نمبر ست تان ٽرين ۾ چڙهي وينس ٽرين ۾ سيٽ نمبر لڳل ڪونه هئا آمون سامهون ٻه سيٽون هيون ميرون ڪلر جي ويلويٽ جون آرام ده سيٽون جن کي مٿان سامان رکڻ لاءِ ڪيريئر هو مسافر سامان رکندا وهندا ويا مان به پنهنجو ٿيلهو مٿي سامهون رکيو ۽ اڪيلو ويٺو هئس ٽرين سٺي خوبصورت هئي دريون شيشي جون بند هيون ڪمپارٽمينٽ چڱو وڏو هو.

پوري مقرر وقت تي ٽرين هلي مان ان ڪاري ٽريڪ سوٽ پاتل سامان ڪان بعير دوشيزه جي تصور ۾ گم ٿي ويس جيڪا رات خبر ناهي ڪٿي گذاري اسٽيشن آئي هئي ڇا هو واقعي ڪٿي وڃڻ چاهيندي هئي يا هو مون کي ڪنهن امتحان ۾ وجهي رهي هئي هن مون ڪان گائيڊ ڪرڻ جي مدد گهري هئي ڪو ڊالر ته ڪونه گهريا هئا پلا مان ڪيس صلاح به نٿي ڪري سگهيس جو مون وٽ هڪ ٽڪٽ هئي ٽرين ۾ ڇا پوزيشن آهي ان وقت خبر نه هئي حالانڪ گهٽيون ئي سيٽون خالي هيون.

بس هي اندر جو سور اندر ۾ رهيو جو مان پنهنجي ئي اصول تي عمل نه ڪيو مطلب Never refuse a good offer

Pen اسٽيشن جتان مان ٽرين ۾ چڙهيس اها مئن هٽن جي علائقي ۾ زير زمين آهي.

ٽرين وقت مقرر تي پين اسٽيشن مان رواني ٿي شاهي عمارتن مان

جهڙالي موسم مووي ڪيميرا هجي ها تہ هميشہ لاءِ هي منظر فلم ۾ آڻجن ها. ڪجهہ اڳتي ڪارا ڪڪر ٽرين ڪي گهيري ويا ڇڻ دروازو کولي اندر ٽي گهڙيا ٽرين جو A/C اهڙو تيز هو جو منهنجا لاهہ نڪري ويا هئا هتي جا ماڻهو تہ هر موسم ۾ جيڪٽ يا ڪوٽ گڏ رکن اسين وري جواني آزمايون سو ٺڌ چڱي خاصي هئي.

هاڻ ٽرين مان پراڻا ڪاٺ جا ٺهيل اڇا ڳاڙها پيلا گهر نظر اچن پيا بلڪل پٽي جي ويجهو هڪ گهر تي لکيل هو 1884 هي ٽرين نندين نندين اسٽيسنن تي نٿي بيهي.

هن ٽرين ۾ باٿ روم هو جنهن ۾ ٽشو جا بڪس رکيل هئا هڪ ننڍڙي سنيڪ بار ٽائپ ريسٽورنٽ آهي جنهن ۾ چاءِ ٿڌو بسڪٽ چپس برگر رول ۽ بيئر بہ ملي ٿو. جنهن کي ڪابہ شئي وٺي وڃي ٽري ۾ وجهي پنهنجي سيٽ تي وڃي ڪائي بلڪ کائڻ بعد اها ٽري ۽ گلاس جيڪي ڪاغذ جا ٿين ٿا ڊسٽ بن ۾ اڇلائڻا پون ٿا.

هي ٽرين ڪيناڊا، ٽورنٽو بہ وڃي ٿي، سفر ٽرين جو هجي يا بس جو هم سفر جو هجڻ نهايت ضروري آهي پوءِ پنهنجو هجي يا ڌاريو اچو هجي يا ڪارو مئل هجي يا موچارو پرديس ۾ اها ضرورت آهي يارو.

منهنجي ير واري سيٽ تي جيڪي گوريون ويٺيون هيون انهن مان هڪ تہ يڪي ڪتاب پڙهڻ ۾ مصروف هئي باقي ٻي جنهن کي جينز ۽ ٽي شٽ پاتل هو گهڻي دير کان سخت زڪام ۾ مبتلا هئي. گهڙي گهڙي ٽشو پيپر ڪڍي ۽ نڪ مان سون سون ڪري وري رکي ۽ نڪ صاف ڪري مون ڏنو هاڻ وقت آهي ڪجهہ ڪري ڏيکارڻ جو پاڻ کي ظاهر ڪرڻ جو ڪنهن جي خدمت ڪرڻ جو ۽ پنهنجي ملڪ جو نام روشن ڪرڻ هر محب وطن پاڪستاني جو فرض آهي مون وٽ انڊيا جو امرتجن بام پيل هو اهو بئگ مان ڪڍي هٿ ۾ رکيم تہ ڪيس ڏيان تہ ڪجهہ آرام اچيس. هوءَ پاسي ۾ ويٺي هئي فاصلو ٻن اڍائي فوٽن جو هو مان ان انتظار ۾ تہ هن پاسي ڏسي تہ آفر ڪيانس پر ڪلاڪ اڌ

گذري ويو هن پاسي ڏنائين ڪونہ ليفٽ سائيڊ دريءَ مان ڏسي وري نڪ سڻڪهي مان آهستي اهو امتياز وارو ميجڪ ورڊ چيو Excuse me هن مون طرف ڏنو مان ڪيس امرتنجن ڏيئي چيو Try this medicin you will get relief هن بام جي شيشي ورتي يڪدم پاسي واري ڇوڪري اها شيشي وٺي پڙهي جيڪو انڊيا جو ٺهيل بام هو. هن ڇوڪري ٿورڙو ڪٽي نڪ تي لڳايو وري ٿورو پيو لڳايو ۽ وڏو ساهہ ڪنيائين ڪيس ڪجھہ مزو آيو ۽ نزلو جهڪو ٿيو. امرتنجن ڪجھہ تيز بام آهي پر زڪام ۾ نڪ تي رکڻ سان تيز زڪام کي روڪي ٿو ۽ نڪ صاف ٿئي ٿو ساهہ کڻڻ ۾ آساني ٿئي ٿي.

هن اڇي رنگ جي سنهڙي ۽ سمارٽ گوري کي جو سڪون مليو سو مونکي بہ ٽي دفعا Thank You چيائين بلڪ چار پنج دفعا Thank you ڪيائين ۽ پڇائين توهان ڪٿي جا آهيو ڪيڏانهن ٿا وڃو مون ٻڌايو مان پاڪستان جو آهيان ۽ سيراڪيو وڃي رهيو آهيان هن پڇيو ڇا توهان اتي پڙهو ٿا جو ان پاسي گهڻيون يونيورسٽيون آهن مون چيو نہ مان گهمڻ وڃي رهيو آهيان. هو ڏاڍي مشڪور هئي سندس پارٽنر بہ Thanks ڪيا.

مون ڪيس امرتنجن جي شيشي رکڻ لاءِ چيو پر نہ چيائين. جڏهن هو ڪليل وارن گلابي چپن ڳاڙهي نڪ ۽ اڇي رنگ جي ڇهري سان گهڙي گهڙي منهنجو شڪريو ادا ڪرڻ لڳي تہ مون کي هڪ ازلي خوشي ٿي ۽ فخر محسوس ٿيو تہ ڪتان جي شئي ڪنهن جي هٿان ڪنهن کي ڪم آئي مطلب انڊيا جو بام پاڪستاني جي هٿان آمريڪن کي ڪم آيو واه مولا تنهنجا شان.

مون کي بئنڪاڪ ياد اچي ويو جڏهن پٽايا کان ڪرول آئليڊ ويندي فيري جي هيٺ مٿي ٿيڻ ڪري اسان جي هڪ انڊين هم سفر ڪملا کي التيون آيون ۽ پيٽ ۾ سور چڪر اچڻ لڳا تہ مان ڪيس انڊين ڦوٽا ڪارايا ۽ آرام آيس ان بہ منهنجو ڪيترا دفعا شڪريو ادا

ڪيو بلڪ سندس مڙس خوش رو بہ شڪريو ادا ڪيو هو.

ٽرين ۾ سفر ڪندي سنت ڪلاڪ ٿي ويا هئا منهنجي منزل سيراڪيو اچڻ واري هئي جتان مونکي جنيوا وڃڻو هو.

مان اهو عرض ڪيان تہ مون ٽڪٽ چيڪر کي چيو هو تہ مونکي سيراڪيو تي لهڻو آهي هو ويچارو بہ ٽي دفعا اچي صرف اهو ٻڌائڻ لاءِ آيو تہ سيراڪيو اچڻ وارو آهي سيرا ڪيو اچي ويو اسٽيسن ننڍي هئي شهر اسٽيشن کان پري هو. اهڙي طرح هي Am Track مطلب شاهي ٽرين جو صفر پورو ٿيو ٽرين اندر ڪو آواز ڪونہ هو هڪ سڪون هو.

# Roosevelt Island

رات جي وقت مان ۽ امتياز جڏهن گهر ۾ ويهي ڪچهري ڪندا هئاسين تہ مخلف ڳالهيون قصا بحث مباحثا ڪندا هئاسين. امتياز وٽ هڪ ڪتاب Newyork City نالي هو جنهن ۾ نيويارڪ شهر جي تمام شهرن، رستن گهٽين ۽ خاص جڳهين جا نقشا تفصيل رنگن سان ڀريل هئا. نيويارڪ جي نقشي ۾ هڪ ننڍڙو مستطيل نهيل هو جنهن تي Roosevelt Island لکيل هو. امتياز ٻڌايو تہ هڪ خوبصورت جزيرو آهي هتي وڃڻ لاءِ ٽرالي رستي وڃي سگهجي ٿو. سب وي ٽرين بہ آهي جيڪا پاڻيءَ مان اندران وڃي ٿي ۽ پل بہ ٺهيل آهي.

مئن هتن شهر سان گڏ پاڻيءَ اندر جزيرو مطلب ٻيٽ جيڪو ڪنهن سمنڊ ۾ يا ٻيبانن ۾ شهرن ڪان گهٽو پري تي سگهي ٿو. سنڌ ۾ اهڙي قسم جو ڪو ٻيٽ نہ آهي البتہ ڪراچي ۾ هڪ وڏو جزيرو آهي بابا ٻٽ نالي سان مونکي اشتياق ٿيو تہ اهو جزيرو ڏسجي جو نالو بہ سنو آهي.

ٻئي ڏينهن B ٽرين ۾ چڙهي مئن هتن 97 اسٽريٽ پهتس جتان E ٽرين ۾ چڙهي Roosevelt Island لاءِ ويندڙ اسٽيشن جنهن کي Roosevelt Avenue چون ٿا روانو ٿيس. اسٽيشن تان ٻاهر نڪري 60th اسٽريٽ طرف هلڻ لڳس ٿورو اڳتي فٽ پاٿ مٿان لوهي

گارڊن جي نهيل ٽرالي اسٽيشن نظر آئي مٿي چڙهي ٽڪٽ ورتم ٽن ڊالرن جي ٽڪٽ جيڪو هڪ ٽونگر پيسو هئي اهو پيسو بطور ٽڪٽ بس ۾ سب وي ٽرين ۾ به استعمال ڪري سگهجي ٿو.

ٽرالي جيڪا هڪ ننڍڙي ڪمري جيتري هئي جنهن ۾ ويهه ماڻهو چڙهي سگهيا ٿي ويهڻ لاءِ بينچ فڪس ٿيل هئا بيهڻ وارن لاءِ هئنڊل لڳل هئا. ٽرالي جو هڪ ڊرائيور به هو چئني پاسي شيشي جون دريون هيون جن مان خوبصورت نظارا ڏسي سگهجن پيا. ٽرالي ۾ ماڻهو جمع ٿيا ڊرائيور کي سگنل مليو ٽرالي اسٽارٽ ٿي به ٽراليون هڪ اسٽيشن مئن هٽن تان ٻي روز ونبيلٽ جزيري تان ٻنهين ٽرالين جو وچ ۾ ڪراس ٿئي ٿو هڪ اسٽيشن تي به ٽراليون ٿيون بيهي سگهن.

بلند عمارتن جي مٿان رستن، گلين ۽ بازارن جي مٿان مضبوط لوهي تارن تي هلندڙ ٽرالي جو منظر ڏاڍو دلڪش آهي هي ٽڪٽ اوٽ موٽ هوندي آهي.

ٽرالي روز ويلٽ آئلينڊ تي هالٽ ڪيو سڀ پئسنجر ٻاهر نڪتا اسٽيشن چڱو سٺو نهيل هو. مان پنهنجو سفري ٿيلو سنڀالي جزيري جي سير لاءِ اڪيلي هليس.

هي جزيرو ايسٽ ندي جي وچ ۾ ڦهليل آهي هڪ پاسي مئن هٽن ٻئي پاسي ڪئينس آهي.

ان وقت صبح جا يارنهن ٿيا هئا چپ لڳي پيئي هئي شايد ماڻهو ڪم ڪار تي ويل هئا. نديءَ جا ڪنارا سيمنٽ جا مضبوط ٺهيل وڏا وڏا لان ٺهيل ڪنارن وٽ بينچ پيل جن تي ويهي ندي ۾ هلندڙ ننڍا ننڍا ڪارگو جهاز، فيريون پوليس بوٽ جا نظارا ڪري سگهجن پيا هن پار مئن هٽن جون ڊگهيون عمارتون سهٽيون لڳن پيون. اگر دوربين هجي ها ته آفيسن ۾ ڪم ڪندڙ پوپٽيون به صاف نظر اچن ها جو دريون شيشن جو ٺهيل هيون.

مان اتي هڪ وڏي سپرمارڪيٽ گهمي ڦري هڪ ترڪي سئڊوچ ۽

جوز جو پٽڪ وٽي هڪ بينچ تي ويهي مالڪ مهربان جي خلقيل ۽ تاهيل نعمتن کي ڏسي اهو سوچڻ لڳس ته ندي جي وچ ۾ آيل هن زمين جي ٽڪري کي ڪيترو نه خوبصورت بنايو ويو آهي ۽ هن قوم کي سلام آهي جنهن پنهنجي ملڪ ۽ قوم لاءِ سخت محنت ڪري سک ۽ سهوليت پيدا ڪئي آهي. موسم جهڙالو هو. ٿڌي هوا پرسڪون علائقو حسين نظارا پري کان UNO جي ڏکهي عمارت نظر اچي پئي صرف هڪ شيءِ جي ڪمي هئي اها هئي ڪا ڳاڙهي سنهري اچي يا پيلي ڪاري پوپٽي جيڪا ويهي هن نظارن تي پنهنجي فاسٽ انگلش ۾ تبصرا ڪري ها ۽ مان وري ڪيس گٽ مٽ ڪري پنهنجي اڻ گهڙيل انگريزي ۾ ڪيس جواب ڏيان ها ۽ پنهنجي ملڪ جون ڳالهيون ٻڌايان ها.

روز ويلٽ جزيري تي رهائش لاءِ ٻه هزار فليٽ ٺهيل آهن جيڪي ويهه منزلا آهن. هتي عاليشان اسڪول ڪاليج، هڪ پارڪ جنهن ۾ گلن جا سوين قسم. مئن هتن تا زير زمين ۽ پاڻيءَ جي هيٺان روزويلٽ ايونيو اسٽيشن تائين سب وي ٽرين اچي ٿي جزيري تان هڪ خوبصورت پل ڪئينس ڏانهن وڃي ٿي مان جزيري جي ندي جو ڪنارو وٺي چارو طرف گهميس. ايتري ۾ منهنجي نظر هڪ دوشيزاه تي پيئي جيڪا جينز پاتل ننڍڙو چمڙي جو ٿيلو ڳلي ۾ سگريٽ جا ڪش ڪيندي اسان جهڙن جا اندر ساڙيندي مست هرڻيءَ وانگر اچي رهي هئي مون چيو واه مولا واه هن فقير جي سدا تو ٻڌي ورتي. جيئن هو ويجهو آئي مان هلو هاءِ ڪئي مانس. هوءَ به مون وانگر جزيرو گهمڻ آئي هئي.

سندس نالو جيني هو سئزرلينڊ مان اڪيلي آئي هئي ٻڌايومانس ته مان به اڪيلو نيويارڪ گهمڻ آيو آهيان ڪتاب لکڻ جي چڪر ۾ مختلف جڳهيون گهمي رهيو آهيان ڏاڍو سٺو شهر آهي ۽ توسان اڄ هن خاموش جزيري تي اڪيلي ملاقات ۾ جو مزو آيو ان جو بيان نٿو ڪري سگهان مون چيو شايد ڪيس ڪو رحم اچي ۽ مون کي پنهنجو وقتي ساٿي بنائي پر هن ديس جا آسماني ماڻهو به عجيب آهن. ملندا

ڳالهائيندا، کلندا، ٺهڪ ٻہ ڏيندا. وري جڏهن موڪلائيندا تہ پنهنجو ڏس پتو ٻہ ڪونہ ڇڏيندا جيني مونسان ٿورو وقت گڏ رهي فوٽو ڪڍايو ۽ اجازت ورتي ڪئينس طرف ويندڙ پل ڏانهن وڃڻ لڳي ڇڏي مونکي ڪئينس گهمڻو آهي.

گورا مرد يا عورتون اڪيلا هوندا آهن تہ اڪيلائي گهمندا آهن. مان هاڻ هنن رنن جي مٽي ملاوتي ۽ وقتي مزاج کان واقف ٿي چڪو هئس. پنهنجو رستو وٺي جزيرو گهمي واپس ٽرالي اسٽيشن آيس ٽرالي تيار هئي جو ٽرالي جو ڪم آهي سڄو ڏينهن هتان جا ماڻهو هتي ۽ هتان جا ماڻهو هتي پهچائڻ واپس مئن هتن پهتاسين جتان پڄائيندو پڄائيندو اقوام متحده جي عمارت ڏسڻ لاءِ اتي پهتس جو جزيري تان عمارت نظر آئي پئي. روزويلٽ جزيرو سڀ وي ٽرين ٽرالي ۽ پل جي ڪري وڌيڪ خوبصورت لڳي ٿو.

# Dogs and Pets

آمريڪا ۾ ماڻهن سان گڏ ڪتن ۽ ٻلين کي گهڻي اهميت آهي ۽ انهن جو وڏو قدر قيمت آهي. رب سائين جي قدرت جا عجيب رنگ آهن جهڙا ماڻهو خوبصورت رنگ برنگي ڏسڻ وٽان موهيندڙ ۽ محبوب اهڙائي وري ڪتا طرح طرح جا عجيب و غريب. انگريزي رسالي ۾ اڪثر ڪتن جا مختلف فوٽو اسان ڏٺا هوندا بلڪل اهڙا ڪتا اسان هتي ڏٺا سچ تہ انهن کي ڪتو چوندي شرم ٿو اچي.

هتي ڪتا پالڻ جو رواج عام آهي بلڪہ ڪتن لاءِ ٽريننگ سينٽر آهن صبح جو سوير ڪڏهن ڪڏهن شام جو خاص ڪري پوڙهيون عورتون نوجوان مرد عورتون پنهنجي پالتو ڪتن کي گهمائيندي يون آهن.

ڪتن جا قسم بيان ڪري نٿو سگهان جو اهڙا انٽرويو وٺڻ لاءِ گهڻو وقت کپي البتہ ڪتاب تان نالا ۽ نسل ڏسي لکڻ منهنجو مقصد ڪونهي.

ڪتو وفادار ۽ گهرو جانور آهي اسان وٽ بہ ڪتا پاليا وڃن ٿا پر اسين ڪتي کي ڪتو سمجهون ٿا ۽ ڪتي لاءِ ٻڌڻ رهڻ ۽ سمهڻ جي جاءِ گهر کان ٻاهر مطلب انگڻ ۾ يا ڪنهن ڪنڊ ۾ هوندي آهي هتن وٽ ڪتو فيملي جو ميمبر آهي ۽ گڏ رهي ٿو. ڪتي کي هتن سان ڪاڏو

ڪارپارڪنگ لاٽس ۾ ڪتا چوڪيداري ڪندا آهن.

نيويارڪ ۾ هڪ رسالو نڪرندو آهي جنهن ۾ مختلف نين پراڻين شين سان گڏ ڪتن، ٻلن، پکين، باندرن، پولڙن، نانگن بلائن جا ائڊز ايندا آهن. هي رسالو هفتي وار آهي ماڻهو خاص ڪري ڪتن ۽ ٻلين بابت معلومات هٿ ڪري پوءِ انهن جي خريد فروخت ڪندا آهن.

هتي پولڙن ۽ نانگ بلائن کي ٻه پاليو وڃي ٿو اهڙن پالتو نانگن لاءِ هڪ وڏو پلاسٽڪ جو ٽب جنهن ۾ شيشو لڳل هوندو آهي ان ۾ اهڙن نانگن بلائن کي رکيو وڃي ٿو جيڪي اٺن ڪان ٻارهن فوٽن جا هوندا آهن اژدها کي ٻه هتي پاليو ويندو آهي. هي قوم عجيب آهي. هر ڪنهن ڪم ۾ اڳيان آهن.

جنيوا ۾ مان مسز تمڪين خان جي گهر رهيل هئس اتي سندس هڪ ٻلو آهي بلوري رنگ جو هي ٻلو ڏاڍي تميز وارو هو سڄي گهر ۾ گهمي ڦري رهيو هو هڪ ڪنڊ ۾ سندس پليٽ پيل هئي جنهن ۾ کائيندو هو باٿ روم لاءِ ٻاهر هڪ جڳهه آهي اتي ويندو هو. مسز تمڪن ٻڌايو ته اسان ٻه سو ڊالر ڏئي هن کي ڪسي ڪرائي ڇڏيو آهي هاڻ هي سڄو ڏينهن گهر ۾ رهي ٿو نه ته پهرين ٻاهر نڪري ٻين گهرن ۾ جهاتيون پائيندو هو ۽ ٻليون ڳوليندو هو. مسز تمڪين ٻڌايو ته هن جي پيٽ ۾ ڳين رين جي بيماري ٿي اسان هزار ڊالر ڏئي هن جو آپريشن ڪرايو اڌ پيٽ ڪٽجي ويو ۽ ٽاڪا لڳا. اهو ٻلو لنڊو هو.

نيويارڪ ۾ ڪيترين ڪارن موٽرن ۾ مون ڏٺو گهر جا پاليل خوبصورت ڪتا وڏي شان ۽ عزت سان مالڪن سان گهڏ سيٽن تي ويٺا هئا. هڪ ڪار ۾ مون ڏٺو ٻه ڪتا اڇا وارن سان هڪ سيٽ تي ويٺا آهن بلڪل سنجيده پيو صاحب ڊيش بورڊ تي اڳيان پير رکيو مزي سان هيڏانهن هوڏانهن ڏسي رهيو هو ۽ هڪ اڌ عمر شخص ڪار هلائي رهيو هو. سبحان الله هو عزت ڏي ٿو ته انسان ڇا جانورن کي ٻه ڏي ٿو.

گهرائي ۾ وڃي جي ڏسبو تہ امريڪي قوم خاص ڪري رب سائين تخليق ڪيل قدرتي نعمتن ۽ فضيلتن تي گهڻو رسيرچ ڪيو آهي محنت ڪئي آهي نہ صرف سڄو آمريڪا انهن نعمتن مان فائدو حاصل ڪري ٿو پر دنيا جهان جا انسان اتي اچن ٿا ۽ لطف حاصل ڪن ٿا فائدو وٺن ٿا پورو امريڪا نعمتن سان ڀريل آهي پر مانص رف نيويارڪ جو ذڪر ڪندس. نائگرافال سمنڊ اندر مجسمو آزادي، ائٽلانٽڪ اوشين فيري سروس، بوٽ سروس، نديون، ڍنڍون، نيچرل هسٽري آف ميوزم بوٽانڪ پارڪ، مڇيون، جن ۾ بروڪلن جي اڪٽريم ۾ رکيل شارڪ مڇي. جانور، اپاهج، آبشار ۽ ٻيو طرح طرح جون قدرتي پئدا ٿيل Blessing مان امريڪن گهڻو فائدو ورتو آهي ۽ پرچار ڪيو آهي محنت ڪئي آهي. اهڙين تخليقن کي ڏسي هر نسل، مذهب ۽ ملڪ جو انسان رب سائين جي ساراه ڪرڻ کان سواءِ نٿو رهي سگهي. منهنجي خيال ۾ ان درد دل ۽ ساڃاهہ جي ڪري الله سائين دنيا ۾ هن ملڪ کي سڀ کان افضل ۽ طاقتور بڻايو آهي.

# American Beggars

دنيا جي هر ملڪ ۾ امير، غريب، مسڪين، يتيم ۽ بي سهارا ماڻهن سان گڏ فقيرن جي قوم به آباد آهي جيڪي روپ ڌاري پنڻ جو ڌندو ڪن ٿا ۽ گهڻا ڪامياب آهن.

آمريڪا جي ڪجهه رياستن جو سير ڪندي اُتي جي فقيرن کي ڏسڻ جو موقعو مليو مون سوچيو ڇو نه معلومات سان گڏ فقيرن جي خبر به وٺڻ گهرجي.

هتي جا فقير صبر ۽ تميز وارا آهن هو ڪڏهن به توهان کي سدا نه هٽندا. ڪلهي تي هٿ يا رستو نه روڪيندا هو اهڙو ڪم ڪندا آهن جو توجه خود به خود ان طرف ڇڪجي ويندي پوءِ توهان جو پنهنجو خيال آهي خيرات ڏيو يا نه.

مئن هٽن جي ڪن خاص فٽ پاٿن تي نيگرو جينز جي پتلون پاتل مختلف سرن سان گٽار پيا وڄائيندا ۽ انگريزي گانا ڳائيندا اڳيان هڪ ڪپڙو وڇائي ڇڏيندا هي شيدي وڏا فنڪار به هوندا آهن پراڻيون نيون ڌنون وڄائيندا پوءِ توهان جي مرضي خيرات ڏيو يا نه ڏيو. هنن شيدين جا افعال بڇڙا هوندا آهن هر روز هنن کي شراب يا ڊرگس ڪپن ڪو ڪم ڪار نه ڪندا بس پنڻ تي گذارو. ڏيڻ وارو سڀ ڪنهن کي هڪ مالڪ آهي گاڏو هلي پيو.

اهي گـتـار وارا يا آرگن جـا آرٽسٽ سب وي ٽرين جي زير زمين رستن تيَ بہ آرگن وڄـائيندا رهندا آهن منهن جـا پڪـا ڏنو وڄـائڻ ۾ مصروف. هزارين ماڻهو گذرن ٿا گهٽو ڪجهہ ملين ٿو.

ڪيترا جوان يا پوڙها سوٽ ٽاءِ پاتل شراب جي نشي ۾ ٻڌل ٽرينن ۾ هلند ويندا ۽ ڳالهائيندا ويندا خبر ناهي ڇا بڪ بڪ ڪندا ويندا پر ڪنهن کي تنگ نہ ڪندا پوءِ ڪيترا ماڻهو اهو سمجهن ٿا تہ هي بيگانا آهن ۽ انهن کي خيرات ڏين ٿا. سڀ شيدي بہ اهڙا نـہ آهن هنن ۾ گهڻا پڙهيل لکيل ملڪ جي هر ڪنهن فـيلڊ ۾ اڳـتي UNO ۾ اسـان جي گائيڊ هڪ شيدڻ هئي ۽ ڪيترائي شيدي وڏن عهدن تي ڪم ڪن ٿا.

فلا ڊلفيا ۾ مان ۽ منهنجو دوست ميان فياض ڪار ۾ گهمي رهيا هئاسين تہ هڪ جڳهہ تي خوبصورت نوجوان گوري ڳتي جو ٽڪرو هٿ ۾ جـــهليل جنهـن تي لکيل هو "BEGGINGONLY FOR MEAL" فيـاض ٻڌايو هي هتي جي فـقـير آهي مان هيٺ لهي هن سان سلام دعا ڪئي ۽ ڪيس هڪ ڊالر ڏنو ۽ فوٽو ڪڍيو يڪدم چوڻ لڳي منهنجو فـوٽو پريس ۾ نہ ڏجـان چڱي سـهٽي گوري هئي هن ملڪ ۾ هجي تہ ڪيس پنڻ جي ضرورت ئي نہ پوي. هتي پنڻ جو طريقو مهذب آهي ڪنهن کي تڪليف نٿا ڏين هتي جا ماڻهو بلاوجہ ڳالهائيندا ڪونہ هتي فقير نظرن سان ڳالهاين ٿا.

واشنگٽن گهمندي فياض ٻڌايو تہ پارڪ ويو روڊ تي هڪ فقير گهڻي عرصي کان ويٺو آهي هن جو هٿ مٿي رهي ٿو گرمي سردي اتي ويٺو آهي. اسين رستو ڪاٽي خاص ان فقير کي ڏسڻ لاءِ وياسين هلڪي بارش پئي رهي هئي اهو فقير ڏاڙهي سان هٿ ۾ وڻ جي ٽاري جهليو ويٺو هو ۽ ڪلي رهيو هو. ڪيترا ماڻهو گاڏي روڪي ڪيس خيرات ڏين ٿا. مون بہ هن کي ٻہ ڊالر ڏنا ۽ هن جو فوٽو ڪڍيو.

گهڻو ڪري منشيات جا عادي مرد ۽ عورتون گندا ڪپڙا وار وڏا نشي ۾ ڏت جهـڙاهيي هجن ٿـا ڪنهن بينچ تي ويٺـا هوندا يا ڪنهن

رستي تي ويٺا هوندا ماڻهو انهن کي خيرات ڏين ٿا.

هڪ دفعي مان سينٽرل پارڪ جي ٻاهران ڏٺو ته نشئي مرد ۽ عورت تنگ ڪپڙا پاتل هڪ بينچ تي ويٺا هئا. ايترو ته هنن نشو ڪيو هو مطلب هنن پيتا ڊين يا LSD ڪيپسول (راڪٽ) ورتو هوندو جو هنن جا ڪنڌ هيٺ هئا ڪو هوش نه هئڻ دنيا کان بي خبر ۽ بي نياز ويٺا هئا هنن کي پوليس به نٿي جهلي جيئن هتي هيروئني رستي تي کلي عام هيروئن پين ٿا ڪير نوٽس نٿو وٺي.

اسان جي ملڪ ۾ پنڻ هڪ ڌنڌو آهي ڪيترا فقير جن جا زخم تازا جيئن هٿ وڍيل يا ڳلي ۾ سوڄ هو نٿا چاهين ته زخم ٺيڪ ٿين انهن ڦٽن کي تازو ڪري ڪمائين ٿا خاص ڪري شاهراه فيصل ڪان سنڌي مسلم ايندي هڪ فقير جو هٿ وڍيل آهي سالن کان هو هٿ وڍيل زخم ڏيکاري پني ٿو ڪڏهن ڪڏهن ته ڪاوڙ وٺيو وڃي پر ڇا ڪجي جنهن جي نالي تي پنن ٿا اهو ئي انهن جي مدد ڪندو هڪڙا ته گرمي ۾ ڏينهن جو گهر جي گهنٽي اچي وڄائيندا ماڻهو گهري ننڊ ۾ ستو پيو آهي ٻاهر نڪري ته فقير بيٺو آهي. خدارا هن ملڪ کي خوشحال ڪر ۽ هنن هٿ وڍيل نقلي لنگڙن فقيرن کان نجات ڏي.

# Queens

نيويارڪ جي پنجن بورو مان هڪ ايراضيءَ ۾ سڀ کان وڏو لانگ آئليند جي مغرب تي واقع ايسٽ ندي جي ڪناري تي آهي ايسٽ ندي ڪئنس ۽ مئن هٽن کي ورهائي ٿي بلڪ وچ ۾ هڪ ننڍڙو جزيرو روزويلٽ به اچي ٿو. ساڳيءَ طرح اتر کان ايسٽ ندي ڪئينس ۽ بروتر کي الڳ ڪري ٿي. ائين ڪٿي چئجي ته ايسٽ ندي ڪئينس کي وڪوڙي ويئي آهي انڪري ڪئيس طرف ويندڙ شاندار پلون نهيل آهن جن مان چار اهم آهن.

1. The Queens Boro, 2. Triborough, 3. Bronxwhite Stone 4. Throgs neck.

اسين بروڪلن مان اڪثر ڪئينس ويندا هئاسين. ڪئينس ايڪسپريس وي تان ٿيندا ليفٽ سائيڊ ۾ هڪ سيميٽري ڪراس ڪندا ته ڪئينس جو علائقو اچي ٿو ان کان پهرين بروڪلن ۾ Watch Towers جون عمارتون اچن ٿيون جيڪي ڪرسچين جون فلاحي ڪمن لاءِ مشنري عمارتون آهن هي بي گهر ماڻهن کي رهڻ لاءِ جڳهه ڏين ٿا نوڪري وني ڏين ٿا.

ڪئينس گهڻو جلد آباد ٿيو ۽ ترقي ڪئي آهي اڄ کان سو سال

پهرين 1899ع ۾ ڪئينس جي آبادي هئي 142999 هئي پوءِ جڏهن پلون ٺهيون واپار وڌيو. 1909ع ۾ ايسٽ ندي هينان ٽنل ٺهيو. Queens Boro Bridg جيڪا لانگ آئلينڊ ۽ مئن هٽن وچ ۾ ٺهي 1909ع ۾ Long Island Rail Road ٺهيو تڏهن پسگردائيءَ جا گهڻا ڳوٺ ۽ آباديون اچي ڪئينس ۾ رهڻ لڳيون. ڪئينس نيويارڪ جو هڪ اهم بورو ٿيڻ لڳو جو دنيا مان ڪٿان به ماڻهو نيويارڪ ايندو ته پهرين ڪئينس ۾ ايندو نيويارڪ ۾ به هوائي اڏا آهن ٻئي ڪئينس ۾ آهن. لوگارڊيا ۽ جان ايف ڪينڊي.

ڪئينس هڪ زرخيز رهائشي ۽ ڪمرشل علائقو آهي. هتي وڏيون وڏيون بازاريون. دڪان شاپنگ مال ۽ هوٽلون آهن. مان ۽ امتياز به ٽي ڪلاڪ پيدل ڪئينس جي بازارن ۾ گهميا سين تڏهن به پوري طرح ڏسي نه سگهيا سين.

هتي انڊين ۽ پاڪستاني گهڻي تعداد ۾ آباد آهن بلڪ انهن جا وڏا وڏا ڪاروبار آهن جيڪي گهڻو ڪري دڪان هوٽلون ۽ گروسري اسٽور آهن.

هتي پاڪستاني مارڪيٽ، انڊين مارڪيٽ جنهن ۾ سڪ گهڻا آهن. اسپينش مارڪيٽ، چائنا مارڪيٽ، رشين مارڪيٽ وغيره آهن جتي انهن ئي ملڪن جا ماڻهو سيلز مئن آهن. هڪ شاپنگ سينٽرن جو سلسلو آهي. مان ۽ امتياز هڪ هنڌ دڪان اڳيان گند ڪچرو مطلب ڪاغذ، فروٽ جا ڇلڪا ڏٺا اهو پاڪستانين جو علائقو هو. گاربيج جا ڊرم به رکيل آهن پر انهن ۾ ڪچرو اڇلڻ جي زحمت ڪير ڪري.

هتي شاپنگ سينٽرن جو علائقو بلڪل ڪراچي جي صدر وانگر آهي مصروف ماڻهن سان ڀريل گاڏين، موٽرن جي رش دنيا جي مختلف ملڪن جا ماڻهو ملن ٿا.

اسين ڪئينس اڪثر ويندا هئاسين جو امتياز جي هڪ دوست انڊين سنگر مس جهرنامڪر جي اُتي رهي ٿي بلڪل لتا جهڙو آواز

# محفل

Indian Resturant. BAR Queens, 0305 Broadway Elmhuvst N.X.11373

نيويارڪ ۾ منهنجو رهڻ امتياز فاروقي جي گهر بروڪلين هو هر روز اسين ڪٿي نہ ڪٿي گهمندا هئاسين. ڪئينس اسين گهڻو ويندا هئاسين، امتياز جا ڪجهہ دوست اتي رهندا هئا خاص ڪري انڊين ڇوڪري جهرنا مڪرجي جيڪا سٺي سنگر هئي جنهن وٽ لنچ ڪئي سين ۽ غزل ٻڌاسين بلڪل لتا جي ڪاپي ڳائي ٿي. ڪئينس ۾ محفل بار نالي ريسٽورنٽ آهي. جنهن کي پيڻ ۽ پائر هلائين ٿا. هن بار ۾ شراب بيئر ۽ ميوزڪ هلي ٿو رات جو ڊانس بہ ٿئي ٿي ڪاڏي جو بہ بندوبست آهي.

امتياز سان گڏ بہ ٽي دفعا وڃڻ ٿيو گهڻو ڪري پاڪستان،ي آمريڪن ۽ انڊين اچن ٿا.

بار جي ڪائونٽر تي بني ٺني پروين ويهي ٿي ۽ گلاسن ۾ پئگ ناهي ڏي ٿي هوءَ هڪ تجربيڪار ۽ سمارٽ بندي آهي سندس پاءُ جاويد بہ هجي ٿو. پهرين هي سڀ دبئي ۾ هوٽل ۽ بار هلائيندا هئا اصل ۾ لاهور جا آهن ۽ هاڻ نيويارڪ ۾ رهن ٿا.

پروين ٻڌايو تہ مان ڇام صادق ڇام معشوق مخدوم شڪيل ۽

ڪيترن سنڌين کي دبئي کان سجاڻي ٽي چار وارا هن کي سانگهڙ مان انب دبئي موڪليندا هئا. بار مين هڪ چائنيز ڇوڪري رکيل هئي. ڪيترائي نرڪي هٿ اچن ٿا ۽ سرور ۾ رهن ٿا.

هڪ دفعي امتياز منهنجي لاءِ غزل شو ڪيو جنهن ۾ شاه جهان سومرو، محمود قريشي لاهور وارو مسٽر اظهر حسين ناظم آباد وارو ۽ ٻيا انڊين آمريڪن دوست هئا.

گهڻو لطف آيو امتياز فاسٽ ميوزڪ تي غزل ۽ Songs ٻڌايا. مون به جوش ۾ غزل ڳايو.

"بيوفا سي بهي پيار هوتا هئي، يار ڪچھ بهي هو يار هوتا هئي."

سيني ڊانس ڪئي شاھ جهان چيني ڇوڪري کي گهڻو ئي ڊانس لاءِ چيو پر ڇوري نہ آئي بار جي مالڪن کي برو پلو بہ چيائين تہ ڇو نٿي ڊانس ڪري هنن اهو چئي جان ڇڏائي تہ نئين نئين آهي شرمائي ٿي.

اسان بار ۾ سنئڪس کاڌا وري آخر ۾ رات جو ٽين لڳي هڪ بنگالي جي هوٽل ۾ ماني کاڌي جيڪا پاڪستاني هوٽل وانگر ڪڙهائي گوشت، قورمہ، دال فرائي، سبزي، برياني ۽ سلاد رائتو.

محفل بار جي دعوت ياد رهندي، گهڻو مزو آيو.

# Vigara

نيويارڪ ۾ امتياز فاروقي سان گڏ گهڻن دوستن وٽ ڪچهري تي دعوتن ۾ ميوزڪ ڊانس، ڊنر پروگرامن ۾ وياسين بروڪ لين، ڪئيس ڪوني آئليند، لانگ آئليند، مين هٽن وڃڻ ٿيو، ديس جون پرديس جون خبرون مختلف موضوعن تي ڳالهيون جڏهن پاڪستان ايٽمي ڌماڪو ڪيو تہ مان آتي هئس اهو خاص موضوع رهيو پر هڪ ڳالهہ جنهنجو هر هنڌ چرچو هو جتي وڃ اها ڳالهہ جو هر ڪنهن انسان ۾ اها عارضو ۽ ضرورت آهي مطلب جنسي طلب اهو قصو هڪ دوا، گولي، ڪيپسول راڪٽ ۽ ڊرگ هئي جنهن کي وائگرا چون پيا مون بہ خبر چار ورتي تہ آخر ڇا ماجرا آهي جو پوڙهي مان جوان ۽ جوان مان حيوان ڪيو ڇڏي.

وائگرا هڪ دوا (ڪيپسول) جيڪو فائزر ڪمپني يورپ ۾ ايجاد ڪيو ۽ هاڻ چند مهينن کان آمريڪا ۾ بہ ان جو چرچو آهي. هن دوا جي استعمال سان سٺ سترسالن جو پوڙهو، جي جنسي قوت ۾ طاقت اچي ٿي هو بلڪل ڪوري نوجوان کان بہ وڌيڪ وقت ڏيئي سگهي ٿو. اهڙي طرح عورتن لاءِ بہ اهڙا اثرات آهن.

ڪيترين عورتن جا مرد هن دوا جي استعمال ڪرڻ بعد گهر کان ٻاهر ٻين عورتن جي تلاش ۾ رهن ٿا گهٽائي گهر ڦٽي ويا آهن. چون ٿا هڪ ٻن عورتن ڪمپني تي ڪيس داخل ڪيو آهي تہ هن دوا جي

# Newyork To Washington By Road

جڏهن مان نيويارڪ پهتس ته ڪجهه ڏينهن بعد منهنجي هڪ پراڻي دوست ميان فياض احمد جو فون آيو. اڄڪلهه هو فلاڊلفيا پنسلوانيه ۾ رهي ٿو ڪيس منهنجي اچڻ جي خبر ڪراچي مان هڪ دوست رضوان احمد ٻڌائي جيڪو اڄڪلهه اسڪائي ويو هوٽلز ڪراچي ايئرپورٽ جو مينيجر آهي. ٻارنهن سال پهرين فياض ۽ رضوان ٻئي مهراڻ هوٽل ڪراچي ۾ مينجر هئا فياض ڇيو سائين آمريڪا آيا آهيو اسان کي به ڪجهه وقت ڏيو ۽ مان ڪڏهن توهان کي ونڻ اچان مون سوچيو ته هن جي وڏي مهرباني جو فون ڪيو اٿس ۽ ايتري پرجوش دعوت به ڏيئي رهيو آهي هن سان به ملنداسين. ٽن ڏينهن بعد وري فون آيو مان ڪيس پنهنجي آئڊريس سمجهائي ۽ هن ٻئي ڏينهن صبح جو نڪاءُ اچي ڪيو.

اسان ناشتو ڪيو امتياز کان موڪلائي بروڪلن مان نڪتاسين، ڪنهن نامعلوم منزل ڏانهن روانه ٿياسين جو مونکي اها خبرر نه هئي ته ڪٿي هلڻو آهي. موسم جهڙالو هو هلڪي بوند پئي وسي فياض پنهنجي نئين ڪار فورڊ ٽارس ۾ آيو هو. اسان مختلف رستن تان ٿيندا ٽريفڪ

جي ريلن مان نڪرندا واشنگٽن برج ڪراس ڪئي سين جيڪا ڏيڍ ميل جي ڊگھي آهي هالينڊ ٽنل ڪراس ڪيوسين هاڻ اسين نيوجرسي جي حد ۾ اچي وياسين.

نيوجرسي هڪ وڏي صنعتي رياست آهي اسين 95 هاءِ وي تي آهيون پنهين پاسي وڏا وڏا صنعتي پلانٽ هڪ وڏي عمارت پارڪ پلازه نظر آئي. هلٽن هوٽل جي عمارت ڏٺي سين. نيويارڪ ٽائيم پريس هاءِ وي تي آهي هن هاءِ وي تي چارٽريڪ تي ٽريفڪ هلي تي رستي جي مٿان سائن بورڊ لڳل جن تي فاصلا ڪلوميٽر ۾ انهن جڳهين جا نالا جيڪي پاسي ۾ واقع آهن. لکيل آهن.

نيوجرسي رياست جو رقبو گهڻو وڏو آهي، رستن جي ٻنهي پاسي وڏا وڏا باغ ساوڪ ۾ سبزو ڪاٺ جا ٺهيل ماڊل گهر جيڪي ٿوري ٿوري فاصلي تي هن رياست کي State of Garden به چون ٿا.

رستي تي ٽريفڪ روان دوان آهي وڏا وڏا ٽرالر ٽرڪون ۾ بسون پنهنجي مخصوص ٽريڪ تي هلن ٿيون تير هلڻ وارا ليفٽ سائيڊ تي ۽ ٻيون گاڏيون وچ واري ٽريڪ تي هلن ٿيون. اسان وٽ تيز هلڻ وارا رائيٽ سائيڊ تي هلن ٿا جو هتي ليفٽ سائيڊ ٽريفڪ آهي.

ٻين بجي جو وقت هو حسين موسم اسين گهمندا ڦرندا ڏسندا 95 سائوٿ هاءِ وي جو مزو وٺندا وڃون. ٻنهي پاسي باغ ۾ گهاٽا جهنگ هئڻ ڪري هتي جانور گهڻا ٿين ٿا ۽ خاص ڪري هتي هرڻ گهڻو ٿئي ٿو جيڪو ڪڏهن جهنگ مان ٻاهر رستي تي به اچي سگهي ٿو ان لاءِ ڪٿي هرڻ جي تصوير لڳل سائن بورڊ هوندو آهي ته جيئن ڊرائيونگ احتياط سان ڪجي جو ايڪسيڊنٽ نه ٿئي هرڻ مارڻ تي 500 کان 900 ڊالر جرمانو آهي رستي جي ٻاسن کان خاص وڏا ڊگها وڻ لڳل جن تي گهاٽي ولهه چڙهيل جيئن ڪو پهاڙ هجي ۽ ڪجهه نظر نه اچي ته جيئن ڊرائيور جي نگاهه ٻئي پاسي هجي ۽ ڊرائيونگ دوران ڪو حادثو نه ٿئي.

هاءِ وي تي مون ڏٺو تہ وڏا ٽرالر ۽ ٽرڪون هيون جن ڪي عورتون هلائي رهيون هيون، هيوي ٽريفڪ ڪي هلائڻ اسان جي عورتن جو ڪم ناهي، هتي عورتون بہ ڊرائيونگ ڪن ٿيون. رياست بدلجي ٿي تہ ٽول پلازه ٺهيل آهن جتي ٽريفڪ سگنل لڳل آهي ٽول ٽيڪس ادا ڪرڻو پوي ٿو جيڪو هڪ ڊالر يا ٻہ ڊالر آهي هي ٽيڪس ڪنهن کي بہ معاف ڪونهي هر هڪ گاڏي وارو ٽول ٽيڪس پرچي وٺي ٿو ۽ اتي بہ گهڻو ڪري عورتون رکيل آهن ڪي ماڻهو انهن کي ٽپ بہ ڏين ٿا پرچي ڏيڻ وقت هو چون ٿيون Have a good day or Have a good Jurney

اسان وٽ سنڌ ۾ هڪ ٽول پلازه سپر هاءِ وي تي آهي جتي ڪوبہ پوليس وارو ۽ سرڪاري ملازم صرف ڪارڊ ڏيکاري جلدي جلدي نڪري ٿو وڃي ڪير بہ ٽول ٽيڪس نٿو ڏي بلڪ گهٽا ئي اهڙا استاد آهن جو نقلي ڪارڊ ڏيکاري ڪراس ڪن ٿا. دراصل ٽول پلازه وارا ايترو گهٽو ٿا ڪمائين جو هنن کي فرصت ئي ڪانهي جو ڪنهن جو اصل يا نقلي ڪارڊ چيڪ ڪن.

اسين هاڻ ائٽلانٽڪ سٽي ۾ داخل ٿياسين ان وقت شام جا چار ٿيا هئا گاڏي تاج محل ڪيسنو ۾ پارڪ ڪئيسين خوب گهمياسين اهو ذڪر ائٽلانٽڪ سٽي ۾ آهي. رات جو ٻارهين ٻارهين لڳي اتان نڪري هاءِ وي ورتوسين جيئن تہ آسمان تي بادل هئا رات ڪاري اونده ڪٿي ڪٿي آبادي اچي تہ لائٽ نظر اچي ۽ سائن بورڊ پرن ٿا.

اسين آڌي رات جو فلاڊ الفيا شهر پهتاسين رات جي وقت فلا ڊلفيا ٻتين سان ٻري رهيو هو خاص ڪري ڊائون ٽائون جيڪو پري کان ڪجهہ ڪجهہ مئن هتن جو نقشو ڏي پيو ڪيترين ئي پلون ڪراس ڪيونسين ميان فياض جي فليٽ آياسين ماني کائي آرام ڪيوسين. ٻئي ڏينهن اسان ناشو ڪيو فلاڊ لفيا گهميوسين وري شام جو هاءِ وي 95 ورتوسين. فياض جيڪو فوڊ ۽ بيوريج منيجر رهي چڪو آهي اهڙي لذيذ

چڪن ڪارايائين جو مزو اچي ويو.

فلاڊ لغيا مان نڪري رياست ڊليور اچي ٿي هي ننڍڙي رياست آهي وڏو شهر فلمنگو آهي جيڪو مين هاءِ وي تان نظر راچي ٿو. رستي تي Wellcome to Flemingo Delever State جو سائن بورڊ اچي ٿو جيڪو آڌر ياءُ ڪري ٿو رات جي وقت اسان جي اسپيڊ ڪنٽرول ۾ هئي رستي جي قانون مطابق جو اهڙا سائن بورڊ لڳل آهن ته هتي ڪيتري اسپيڊ ۾ هلڻو آهي 70 يا 80 هر وقت پوليس واري جو ڊپ رهي ٿو. فياض سنو ڊرائيور آهي اسان هر وقت اسپيڊ ڏسندا هئاسين جو گاڏي ڳالهين ۾ تيز هليو ٿي وڃي. هاڻ اسين ميري لينڊ رياست ۾ داخل ٿي بالٽي مورر شهر گهمياسين نهايت خوبصورت شهر آهي خاص ڪري پورٽ ايريا جو علائقو ڏسڻ وٽان آهي سفر جاري آهي 95 سائوٿ هاءِ وي اسين هاڻ واشنگٽن وڃي رهيا آهيون مان حيران ته پرديس ۾ خاص ڪري آمريڪا ۾ ماڻهو ڪنهن سان مشڪل وقت ڪڍي ملن ٿا هن دوست ته حيران ڪري ڇڏيو ڇئي سائين پورا هفتا گهومي گي.

رات جي وقت هاءِ وي تي گاڏي هلائڻ ۽ سفر ڪرڻ جو وڏيڪ مزو اچي ٿو.

ٽريفڪ ڪجهه گهٽ هوندي آهي موسم سٺي گاڏي پنهنجي ٽريڪ تي بلڪل سڌي رڪٽي آهي حالانڪ اسپيڊ روڊ جي حساب سان رڪٽي آهي جيڪا رستن تي سائن بورڊ مٿان لکيل هوندي آهي پر رات جي وقت تيز هلائي منزل تي جلد پهچجي ٿو.

اسين رات جو هڪ لڳي واشنگٽن پهتاسين هن دوست کي سين رستن جي خبر هئي واشنگٽن رات جي وقت خاموش ۽ پرسڪون هيو. نيويارڪ وانگر رش ۽ گهما گهمي ڪانه هئي هي همراه سڌو ڪنهن ڪلب ۾ وٺي ويو جتي غير مهذبانا ڊانس هلي رهيو هو اهڙو ڊانس مون ۽ اينٽريون حسين ڊانسرون پهرين ڪونه ڏٺيون.

رات جو ٽين لڳي ٻاهر چائينز هوٽل تي ڊنر ڪيوسين. جتي گهٽي

رش هئي تو ڪن ونِٽو پيو ماني به لذيذ هئي هڪ هند وچي هوٽل ۾ 70 ڊالر ۾ ڊبل بيڊ ڪمرو مليو صبح جو فياض چاءِ جو هڪ وڏو گلاس ۽ بيگل وٺي آيو اهو هڪ مـنـو ۽ لذيذ بن هي ان ســان ناشـتــو ڪري واشنگٽن گهمياسين.

شام پنجين لڳي واشنگٽن مان نڪتاسين. ساڳيو هاءِ وي شهر مان نڪرڻ سان ريل جو پٽو رستي سان گڏ هلي ٿو رستو نهايت خوبصورت منظر پيش ڪري ٿو. شهر مٿي آهي جڏهن ٻاهر نڪرجي ٿو ته رستو هيٺ لهي ٿو ٻنهي پاسي وڻن جون قطارون مان پنيان ڏنو سبحان الله عجيب منظر هو رنگا رنگ ڏڪـهيون ڪارون ساوا وڻ ڪارو رستـو ۽ حسين ماٿـو ان سان گڏ ساوٽي جي مند وارو موسم. مالڪ تنهنجا ڪيڏا وڏا احسان جو هي منظر ۽ سفر نصيب ڪيو اٿس.

هاءِ وي تي جتي پاسي ۾ ڪو شهر يا آبادي اچي ٿي ته ڪاٺ جي تختن سان وڏي بائونڊري وال نظر آئي ته جيئن آبادي کي ڪا ڊسترب نه ٿئي هاءِ وي جي گاڏين يا ڊرائيورن جي ڪري.

هاءِ وي تي گاڏي کي بيهاري نٿو سگهجي. اگر ڪا ايمرجنسي آهي ته فورن پوليس مدد لاءِ اچي ويندي. هاءِ وي تي جتي پٽرول پمپ آهي اتي هڪ جنرل اسٽور بار ۽ هوٽل به آهي جيئن مسافر پنهنجو ٿڪ لاهڻ لاءِ آرام ڪن ۽ وري سفر جاري رکن. هتي پراڻي گاڏي جو ڪم ناهي گاڏي نئين ۽ آرڊر ۾ هجي. نيويارڪ کان وشنگ ٽن جو ڪار رستي سفر ياد رهندو. مونکي ورجنييا جيڪو واشنگٽن کان اڳيان آهي به وڃڻو هو جو محترم قاضي جاويد اتي يونيورسٽي ۾ آهي پر بارش جي ڪري نه وڃي سگهيس. حالانڪ اقبال پنهور صاحب سان گڏ قاضي جاويد سان ڪچهري ٿي هئي ۽ قاضي صاحب پنهنجو فون نمبر ڏنو هو. پاڻ هڪ آمريڪن سان شادي ڪري وري ڇڏي ڏنائين ۽ ورجينيا ۾ رهي ٿو.

# Hydro Plane Suttle Service

آمريڪا جو شهر نيويارڪ هڪ اهم ۽ وڏو شهر آهي هن شهر ۾ تي وڏا هوائي اڏا آهن هڪ جان ايف ڪينيڊي ۽ ٻيو لوگارڊيا ٽيون نيواڪ نيو جرسي ۾ آهي هتان هوائي جهاز دنيان جي مختلف ملڪن ۾ وڃن ٿا ۽ اچن ٿا.

خاص ڪري هتي اقوام متحده جو ادارو مين هتن ۾ واقع آهي جتي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ مان غيرملڪي سربراه سفارتڪار ۽ سفير اچن ٿا.

آمريڪا جي گاديءَ جي هنڌ واشنگٽن مان بہ وڏن آفيسرن جي نيويارڪ وزٽ ٿئي تي جيئن تہ مين هتن مان هوائي اڏي تي ڪار رستي پهچڻ ۾ گهڻو وقت لڳي ٿو ۽ فلائيٽ جي موجود هئڻ ۽ نہ هئڻ جي ڪري انهن ضـــرورتن ڪي پورو ڪرڻ لاءِ وقت ڪي بچـــائڻ لاءِ هتي Hydro Plane Shttle Service آهي جنهن ۾ فوڪر ٽائپ جا جهاز جيڪي پاڻيءَ مٿان هلي هوا ۾ پرواز ڪن ٿا اهڙا سفارتڪار واپاري ۽ آفيسر جيڪي روزانہ واشنگٽن ۽ آمريڪا جي ٻين شهرن مان اچن وڃن ٿا اهي هائڊرو پلين ۾ سفر ڪن ٿا اهڙن جهازن ڪي رن وي جي ضرورت نہ آهي هتي ڪيترن ماڻهن جا ذاتي جهاز ۽ هيليڪاپٽر آهن.

# Pryant Park

پريانٽ پارڪ 42nd اسٽريٽ مئن هٽن ۾ آهي. جتان مان نيويارڪ پبلڪ لائبريري ڏسڻ ويو هئس ته لائبرريري جو سير ڪري ٻاهر نڪتس ته ڏينهن جا ٻه لڳا هئا موسم جهڙالو هو بلڪه ٿورو ٿورو مينهن پئجي رهيو هو.

لائبريري جي ڪريم ڪلر جي شاهي عمارت جي ٻن پاسن کان هي ننڍڙو پر خوبصررت پارڪ ٺهيل آهي جيڪو 18781994 William Cullen Bryant جي نالي ٺهيل آهي لائبريري جي گيٽ سان گڏ ڪاري ميٽل سان ٺهيل ابراهم لنڪن جي شڪل جو هڪ پوڙهو ڪرسي تي ويٺل آهي جنهن جي نالي سان هي پارڪ آهي ڪارن ڏکهن وٽن جي ٽڙن سائي رنگ جي ولهه چڙهيل سائي رنگ جي سئين سڌي چپر جا لان ٻنهين پاسي گلن جي ٻاري لان جي وچ مان ننڍڙو سيمينٽيڊ پاٿ.

رنگ برنگي گل جون قطارون پارڪ ۾ ٻه هوٽلون آهن هڪ جو نالو Focaccai Fortina Newyork هڪ ڪافي شاپ جتي چئن ڪرسين ۽ هڪ ٽيبل جي مٿان بلورنگ جي ڇتي رکيل چند جوڙا ويٺل جيڪي ڪافي پي رهيا هئا. Lavazza italy Coffi خوبصورت بار

ڪنڊيريندي آهي ڇورو وري ڪيس ڇهٽي ويو پر جلد ئي هٽي ويو شايد هي لنچ ٽائم تي ٽڪ پيڻ آيا هئا ۽ آفيس جو وقت ٿي ويو هو انڪري واپس هليا ويا اسان ٻه هنن سان توڙ نڀايو اڪين جي لست ورتي سين. پريانت پارڪ پيار جي پارڪ مان نڪري وقت ڏنم ساڍا چار ٿيا هئا سڀ وي طرف هليس هوش نڪاٽي تي اچي ويا.

# Washing of Cloths

امتياز وٽ بروڪلن نيويارڪ ۾ رهيس مختلف جڳهين تان گهمي ڦري وري مونکي نيويارڪ ۾ اچڻو پيو ٿي هڪ مهينو ٿي ويو مان ٿي چار دفعا پنهنجو انڊر ويئر ڪجهه شرٽون ۽ پتلون ڌوتيون ۽ استري ڪري پاتم پر هن گهر جي ڀاتين ڪي هڪ دفعو به مون ڪپڙا ڌوئيندي نه ڏٺو روزانه زارا ڌوتل ڪپڙا پائيندي هئي امتياز به صبح شام ڪپڙا بدلائيندو هو حالانڪ باٿ روم ۾ واشنگ پائوڊر پيل هو جيڪو مونکي ڪم ايندو هو.

مان امتياز کان پڇيو يار ڪر خبر هتي ڪپڙا ڌوئڻ جو رواج ڪونهي ڇا طريقو آهي.

امتياز چيو ته هتي وزن جي حساب سان ڪپڙا ڌوپجن ٿا ۽ استري ٿين ٿا. مان حيران ته هي ڇا ماجرا آهي.

هڪ ڏينهن اسين بروڪلين ۾ گهمي رهيا هئاسين ته هڪ وڏي هال ۾ ڏٺم ته ڪيترائي مرد عورتون واشنگ مشين تي ڪپڙا ڌوئي رهيا هئا هال ۾ اصل رش لڳل هئي. هرڪو مصروف هو. امتياز ٻڌايو ته اڄ Sunday آهي ماڻهو پنهنجا ميرا ڪپڙا ڪٺي اچن ٿا اهڙن هالن ۾ واشنگ مشينون لڳل آهن هي هال پرائيويٽ ماڻهن جا آهن جتي وزن جي

حساب سان ڪپڙا ڌوپجن تا ۽ استري ٿين ٿا. اگر ڪير استري نٿو ڪرائي تہ ٺيڪ آهي.

امتياز ٻڌايو تہ هتي هر ڪنهن علائقي ۾ واشنگ هائوس آهن جتي موڪل واري ڏينهن مرد ۽ عورتون پنهنجا ڪپڙا ڪٺي ايندا آهن ۽ هو خود ڌوئيندا آهن. گهٽا استري گهرن ۾ ڪن ۽ ٻاهر ان بہ ڪرائيندا آهن.

نيويارڪ ۾ هر هڪ ماڻهو ڪم ڪري ٿو. ڪنهن کي ڪپڙا ڌوئڻ جي فرصت ڪانهي ان لاءِ هفتي يا پندرنهن ڏينهن ۾ هرڪو ٻاهر واشنگ لاءِ ويندو آهي هتي پنهنجو ڪم ڪرڻ ۾ شرم حياءَ ڪونهي وڏا وڏا سرمائيدار بہ پنهنجو ڪم خود ڪندا آهن. هتي پهرين تہ ڪپڙا ميرا ٿين ئي ڪونہ جو رستا صاف پوليوشن ڪانهي متي ڏسڻ ۾ نٿي اچي. وڏيون وڏيون ڊرائي ڪلينرز بہ آهن جتي عمدي طريقي سان ڪپڙا ڌوپجن تا پر نوڪري پيش ماڻهن لاءِ مهانگا آهن.

ڪپڙن جي ڌلائي ڪڏهن ڪڏهن ڪپڙن جي قيمت کان بہ چڙهيو وڃي.

هنن ملڪن ۾ ليبر مهانگو آهي ان لاءِ ماڻهن ۾ خود انحساري ۽ خوداعتمادي گهٽي آهي پنهنجو ڪم پاڻ ڪرڻ کي ترجيح ڏجي ٿي.

نيويارڪ ۾ قانون جي بالادستي آهي نظم و نسق ۽ اصول جي اهميت آهي.

ڪنهن بہ استور ۾ بس يا ٽرين جي ٽڪٽ لاءِ ماڻهن جي هڪ قطار هوندي آهي جنهن ۾ هر نسل ذات ۽ طبقي جو ماڻهو اصول مطابق قطار ۾ بيهي ٿو جيڪو پهرين ايندو اهو پهرين جيڪو پوءِ ايندو اهو پوءِ اهڙي طرح ماڻهن ۾ هڪ Understanding ۽ صبر آهي.

ڪپڙا ڌوئڻ وقت بہ جڏهن هڪ هال ۾ پنجاه سو مرد عورتون گڏجي پنهنجا پنهنجا ڪپڙا ڌوئين ٿا هڪ محبت مساوات ۽ ڊسپلين رهي ٿو اهي عنصر جنهن قوم ۾ آهن اها ترقي ڪري ٿي.

بروڪلين ۾ يهودي گهٽا رهن ٿا انهن جي ڪپڙن سڪائڻ جو طريقو وري عجيب آهي.

گهرن تي پٺيان جيڪا گهٽي يا مطلب بئڪ يارڊ آهي اتي ننڍڙو گارڊن يا گرائونڊ رکن ٿا هڪ ڏينهن مان ڏٺو ته پٺيان هڪ گهر کان ٻئي گهر تائين رسي لڳل هئي ۽ مٿي وچ ۾ ڪپڙا سڪي رهيا هئا مون سوچيو ته ايترو مٿي هي ڪپڙا ڪنهن سڪايا جو ڏاڪڻ ڪان به مٿي هئا.

جانچ ڪرڻ سان خبر پئي ته مٿين منزل جي هڪ گهر کان ٻئي گهر تائين رسي بدل آهي ان ۾ هڪ چرخي لڳل آهي جو ڪپڙا سڪائي چرڪي هلائيبي ته وچ ۾ ٿي ويندا ۽ جلد ئي سڪي ويندا. اهو طريقو ڪامياب آهي.

# Fire Hydrant

انسان جي زندگي لاءِ ٻين شين سان گڏ ٽي شيون تمام اهم ۽ ضروري آهن بلڪ انهن کانسواءِ سندس جيئڻ مشڪل آهي پاڻي، باه ۽ هوا.

باهه جيتري ضروري آهي اوتري خطرناڪ به آهي، جنهن وقت لڳي ٿي ته گهڙين ۾ تباهي ڪري ڇڏي ٿي ۽ ڳوٺن جا ڳوٺ ساڙيو ڇڏي. اسان وٽ باهه وسائڻ لاءِ Fire Stations آهن جتي ميونسپل جون ڳاڙهيون ڳاڏيون آهن جن ۾ پاڻيءَ جو ٽينڪر ۽ ڏاڪڻ لڳل هوندي آهي. جڏهن به ڪنهن حادثي جو اطلاع ڪبو ته سائرن وڄائيندي ٽريفڪ مان تيز تيز نڪري گاڏي پهچي ٿي.

ڪڏهن ڪڏهن شهر ۾ پاڻيءَ جي قلت هوندي آهي ۽ فائر برگيڊ جي گاڏين لاءِ پاڻي نه هوندو آهي ان وقت جي حالات تي غور ڪجي.

ڪراچي جهڙي آدم شماري سان ڀريل شهر ۾ چند فائر برگيڊ اسٽيشن آهن جڏهن ڪا باهه لڳي ٿي پوءِ خدا خير ڪري اسان جا پراڻا مدخار ۽ ناتجربيڪار فائرمين امتحان ۾ پئجي ٿا وڃن. سڄو ڏينهن باهه وسائڻ ۾ لڳيو وڃي.

نيويارڪ جو سسٽم ۽ قانون نرالو آهي ڪنهن به فائر برگيڊ جي

گاڏي کي پاڻيءَ جي ٽنڪي يا ڏاڪڻ گڏ رکڻ جي ضرورت ڪانهي.

نيويارڪ ۾ هر ڪنهن گهر جي اڳيان فٽ باٿ تي روڊ سان گڏ هڪ Fire Hydrant ڇهن انچن جو لوهي پائپ زمين کان ٻه فٽ مٿي نڪتل مٿان لاڪ ٿيل ڍڪڻ لڳل آهي، هر ڪنهن کي خبر آهي ته هي فائر هائڊرنٽ آهي.

حادثي جي وقت فائرر برگيڊ جي گاڏي پاڻ سان گڏ پائپ کڻي ايندي جيڪي ان هائيڊرنٽ ۾ لڳائي باهه وسائڻ لاءِ ستعمال ڪري سگهي ٿي هائڊرنٽ ۾ هر وقت پاڻي موجود رهي ٿو.

اهڙي طرح هتي هر ڪنهن گهر جي پٺيان لوهي ڏاڪڻ ٺهيل يا فڪس ٿيل هوندي آهي ته باهه لڳڻ جي صورت ۾ مٿين منزلن تي وڃڻ ۾ آساني ٿئي جي ڪنهن گهر جا ڀاتي موجود نه آهن ۽ باهه جو حادثو پيش اچي ٿو ته اهڙي صورت ۾ هي ٻاهر لڳل ڏاڪڻون ڪم اچن ٿيون. ڪنهن به گهر جو نقشو پاس نه ٿيندو اگر ان ۾ ڏاڪڻ لڳل نه آهي.

مون ڪيترن گهرن ۾ ڏٺو جيڪي ننڍا وڏا ۽ پڻ وڏيون وڏيون عمارتون هيون انهن جي ٻئڪ سائيڊ کان لوهي ڏاڪڻ لڳل هئي.

جتي به هائڊرنٽ لڳل هوندو ان جي اڳيان روڊ تي گاڏي پارڪ ڪرڻ سخت منع آهي بلڪ جرمانو لڳي سگهي ٿو.

امتياز اڪثر روڊ تي گاڏي پارڪ ڪندو هو سندس گاڏي ڏکي آهي اسين پارڪنگ ڳوليندا رهندا هئاسين پر امتياز کي فائر هاڊرنٽ جو گهٽو خيال هوندو هو مان چوندو هئس هتي گهٽي جڳهه آهي وري فائر هائڊرنٽ جي پائپ تي نظر پوندي هئي.

امتياز ٻڌايو ته اگر فائر هائڊرنٽ وٽ ڪا گاڏي بيٺل هجي ۽ ان وقت باهه لڳي وڃي ته فائر برگيڊ وارا ڪنهن به صورت ۾ ان گاڏي واري جو انتظار نه ڪندا ته اچي گاڏي هٽائي هو اوڏي مهل گاڏي کي ڪٽي ٻئي پاسي اڇلائيندا پوءِ ڀلي گاڏي کي نقصان پهچي.

اهڙن سخت قانونن ۽ ماڻهن ۾ شعور جي ڪري ڪير به فائر

هائبڊرنٽ وٽ گاڏي نٿو بيهاري.

اصل ۾ نيويارڪ ۾ هرگهر دڪان دفتر ۽ ڪاروبار ۾ بجلي جو گهڻو استعمال ٿئي ٿو ڪڏهن به بجلي فيل نٿي ٿئي. گهرن ۾ نلڪن اندر جو پاڻي اچي ٿو اهو پريشر جي ڪري اچي ٿو اهو پريشر بجلي مان پيدا ٿئي ٿو هتي مون ڪٿي به انڊر گرائونڊ يا اور هيڊ واٽر ٽينڪ يا پاڻي ڇڪڻ جي مشين نه ڏٺي ڊائريڪٽ نلڪن ۾ پاڻي اچي ٿو اهو سڀ بجلي جي ڪري آهي.

هتي گهڻو ڪري هر ڪنهن گهر ۾ Boiler Room ٺهيل آهي جنهن ۾ تمام بجلي جا ڪنيڪشن هجن ٿا.

سخت سردي ۾ بجلي جا هيٽر به هلن ٿا بجلي جو استعمال گهڻو آهي باوجود لڳڻ ۽ شارٽ سرڪٽ جا گهٽا امڪان آهن.

ان لاءِ حڪومت باوجود وسائڻ جو بندوبست هميشه لاءِ پڪو ڪري ڇڏيو آهي.

# United Nation Organisation

اڄ روز ويلٽ آئليڊ ڏسڻ جو پروگرام ناهيم گهران يارهين لڳي
نڪتس B ٽرين ۾ ليگرشن ايونيو لٿس هتان پنڌ هلي 60 اسٽريٽ II
ايونيو تان روزويلٽ جزيرو ڏٺم ان بعد جڏهن ٽرالي واپس اچي پئي ته
UNO جي عمارت نظر آئي بلڪل ويجهي لڳي ٿي مون چيو هتي آيا
آهيون ته هن عمارت جو دورو به ڪنداسين.

60 اسٽريٽ تا هلندو ملڪ مولا جو ڏسندو 46 اسٽريٽ تي
پهتس UNO جي عمارت جنهنجو فوٽو نندي هوندي ڇهين ڪلاس جي
نقشو ڏٺو هئم اڄ ان عمارت جي اڳيان هئس. هيءَ عمارت 48
اسٽريٽ مٿان هتن ۾ ايسٽ دريا جي پر ۾ آهي عمارت جي سامهون بلور
رنگ جي شيشي جي هڪ وڏي عمارت آهي جيڪا United
Nation Development Programe جي آهي عمارت جي اڳيان
هڪ خوبصورت وسيع لان آهي جنهن اندر گهوڙي تي سوار هڪ نوجوان
ڏيکاريو ويو آهي هي مجسمو ڪنهن ميٽل جو ٺهيل آهي هڪ پاسي
هڪ نوجوان عورت جو مجسمو آهي جنهن جا ٻئي هٿ مٿي تي آهن
هڪ طرح لان وسيع سڌو سنئو سائي رنگ جو آهي پاسي ۾ ايسٽ دريا

هڪ ڪافي شاپ پڻ هو. جيڪٽن، شرٽون، ٽوپيون، مگس گلاس، جهنڊا، بيج، ٻيا گفٽ ائٽم جن تي UNO جا نالا لکل هئا ڪيترائي ماڻهو خريداري ۾ لڳي ويا. ٻاهر نڪتاسين آسمان تي ڌنڌ هئي بارش اصل پوڻ واري هئي، ان بين الاقوامي عمارت ڪان موڪلائي گيٽ تي بيٺل پوليس واري سان هٿ ملائي ڪڙين تي زور رکيوسين. سب وي پنهنجي شاهي سواري ۾ چڙهياسين جنهن ۾ اڪثر اجنبي معشوقن جو بس ديدار ٿيندو هو ۽ جلد اچي گهر پيڙو ٿيندا هئاسين. بحرحال U.N.O جي عمارت جو دورو ياد رهندو.

# Janeeva

مسز تمڪين اسان جي فيملي فرينڊ پرڪشش ۽ موهيندڙ ليڊي هميشہ ڪلندي ۽ زور سان ڳالهائيندي ڪيس پيار سان گلو چون ٿا. گهڻو عرصو پهرين ڪان آمريڪا ۾ رهي ٿي سندس مڙس آمريڪن حڪومت ۾ سائنسدان مطلب پروفيسر هو سندس هڪ پٽ مسٽر ڪريم ٽيڪسٽائل ۾ پڙهي پيو ڌيءَ زيبا واشنگٽن ۾ ڪنهن رسالي جي ايڊيٽر آهي.

مان سير ڪيو پهتس هڪ ننڍڙي ريلوي اسٽيشن هئي اتان جنيوسٽ سٽر ڪلوميٽر پري هو بس جي پڇا ڪيم خبر پئي تہ ٻن ڪلاڪن بعد ٻندي. ٽيڪس واري هڪ سو ويهہ ڊالر ڪرايو ڏيو هڪ ٻئي ٽيڪسي واري جيڪو گورو هو وينس شورليٽ ڪار هئي جنهن ۾ اڳين ۽ پٺين سيٽ جي وچ ۾ پردي وانگر ٽرانس پيرنٽ پلاسٽڪ لڳل هئي جيئن ڊرئيور پٺين جي گفتگو نہ ٻڌي سگهي. سرسبز رستا سڄي واٽ ٻتيون باغ ۽ ساوڪ هئي جنيوا شهر ۾ داخل ٿياسين، حسين علائقو هو، رستي جو رنگ ڪارو وڏا ويڪرا گهر اڇا. ميرون پيلا ڳاڙها ۽ ڪارا محل وانگر ماڊل گهر جهڙا ڪاٺ جا ٺهيل گهرن اڳيان شاهي ساوا لان ۽ وڻ گلڪاري هي علائقو لانگ آئلينڊ وانگر ٿي

# Niagara Falls

گهڻي عرصي کان نائگرا فالس جو نالو ٻڌندا اچون اها خبر هئي ته آمريڪا يا ڪيناڊا جي ڪنهن ڪنڊ ۾ آهي ڪڏهن اتي وڃڻ جو تصور به ڪونه ڪيو هو. جڏهن آمريڪا نيويارڪ پهتاسين ته ڪجهه ڏينهن بعد پنهنجي دوست امتياز کي چيم مونکي هڪ عزيز مسز تمڪين خان سان ملڻ جنيوا وڃڻو آهي جيڪا روچيسٽر طرف رهي ٿي. مسز تمڪين جڏهن ڪراچي آئي هئي گذريل سال تڏهن ٻڌايو هئائين ته روچيسٽر کان بفلو ۽ اتان نائگرافال گهڻو ويجهو آهي اهي تصور دل ۾ رکي مان بئگ تيار ڪئي ۽ امتياز فون ڪري ٽرين ۾ سيٽ بڪ ڪرائي ڇڏي.

ٻئي ڏينهن صبح جو ڇهين بجي چاءِ پي بروڪلين مان سب وي ٽرين ذريعي مئن هٽن پهتس جتان Penn ريلوي اسٽيسن پهچي 60 ڊالر جي هڪ ٽڪٽ ورتم سيراڪيو لاءِ روچسٽرر وڃڻ واري ٽرين پوري ستين وڳي هلي. ستن ڪلاڪن ۾ روچيسٽر پهچي سيراڪيو اسٽيشين تي مان لٿس هي ننڍڙي اسٽيشن هئي خبر پئي ته بس ٻن ڪلاڪن بعد ايندي ۽ جنيوا اڍائي ڪلاڪن ۾ پهچائيندي مان سوچيو گهڻو وقت ضايع ٿيندو چو نه ٽيڪسي ۾ هلجي ايٽري ۾ هڪ ڊگهو، ٿلهي نڪ ۽ وڏين اکين وارو ٽيڪسي ڊرائيورر مونکي ٽاٽيو بيٺو هو پڇا ڪئي مانس

هڪ سو ويهه ڊالر جنيوا تائين ڀاڙو ڀڌايائين ريٽ لسٽ ڪڍي ڏيکاريائين. هڪ ٻئي گوري سان ڳالهايم جيڪو سو ڊالرن ۾ راضي ٿيو ٻئگ ڪٽي سوار ٿياسين هڪ ڪلاڪ اندر جنيوا پهتس سچو رستو سرسبز باغن سان ڀريل هيو.

ٽرين ۾ ايندي مون گارڊ کي چيو هو ته مونکي سيراڪيو تي لهڻو آهي هو گارڊ مونکي چار پنج دفعا ٻڌائڻ آيو ته سيراڪيو اچڻ وارو آهي مان تيار ويٺو هئس. ڪيڏو نه مخلص شخص هو.

جنيوا ۾ مسز تمڪين جنهن کي مون اڳ ۾ فون ڪري ڇڏيو هو منهنجو آڌرڀاءُ ڪيو هڪ رات رهي ٻئي ڏينهن صبح جو ستين لڳي Grey Hounds بس سروس ۾ سوار ٿي روچيٽسر پهتس جتان بس بدلي ڪرڻي پوي ٿي بفلو پهتاسين جنيوا کان بفلو تائين واپسي جي ٽڪٽ ورتل هئي. روچيسٽر ۾ بس جي اڏي تي هڪ انڊين ملي ويو جنهن سان گفتگو ۾ دوستي ٿي سندس نالو وشال گپتا هو ممبئي مان آمريڪا گهمڻ آيو هو هن سان سٺي ڪمپني ٿي.

نائگرافال پهچڻ جو سچو نقشو مونکي ڀرين مسز تمڪين ۽ سندس سهيلي ايلزبيٿ سمجهائي ڇڏيو هو وري جو وشال ملي ويو ته سفر سٺو گذريو.

اسين بفلو ۾ Grey Hound بس مان لهي نائگرا شهر لاءِ هڪ لوڪو بس ۾ چڙهياسين جيڪا اتان ئي ملي ٿي بفلو کان مني ڪلاڪ ۾ نائگرا پهتاسين. شهر پراڻو نهيل لڳي ٿو رستي جي ٻنهين پاسي ڪارخانا هئا. وڏيون هوٽلون هيون.

Holiday Hotel نظر آئي ٻيون ڪيتريون lodging ۽ Boardng هوٽلون. پڪنڪ لاءِ ڪيمپنگ سائيٽ اچي ٿي ناگرا ندي تي نهيل نائگر برج ڪراس ڪئي سين هي ندي لاهور جي راوي جيتري ويڪري هئي.

جڏهن بس مان ٻاهر نڪتاسين ته موسم جو نقشو ئي ٻيو هو ٿڌي

برفاني هوا جهڙالو موسم ڇڻ بارش ٿيندي، اها تہ مهرباني مسز تمڪين خان جي جنهن مونکي سندس مڙس جو اور ڪوٽ ۽ جاگر شو پائڻ لاءِ ڏنو هو مان تہ نيويارڪ مان چمڙي جو بوٽ ۽ فل سوٽ پائي ويو هئس.

مان ۽ وشال پڇائيندا پيدل هلندا ميڪڊونلڊ جي شاپ ۾ داخل ٿياسين، واش روم جو چڪر ڏئي شاپ مان اندران هڪ دروازو آهي جيڪو گارڊن طرف کلي ٿو هتان ٻہ فرلانگ پيدل هلي آبشار اچي ٿو.

هي وسيع لان طرح طرح جا رنگين حسين گل ڦوهارا لان جي پاسن کان اڇن پيلن نارنگي ۽ ڳاڙها گلن جون قطارون ٻارن لاءِ جهولا سلائيڊز ڪار پارڪنگ پري پري تائين گهرا ساوا لان آهن. انهن جي وچ ۾ پاٿ ٺهيل. هڪ جڳهہ تي لان اندر گلن سان گڏ اڇي رنگ جا باز جهڙا سيمنٽ يا پٿر جا ٺهيل پکي پر کولي رکيل گهٽي تعدد ۾ هئا. شايد آبشار جو ڪو خاص پکي جو ماڊل هوندو.

اسين هڪ گئلري ۾ آياسين جتي ڪيترائي سياح هئا لوهي پائيپن سان ٺهيل مضبوط ريلنگ اڇو رنگ گئلري گهٽو مٿي آهي هيٺان نائگرا ندي هئي جيڪا فال جي پاڻي مان شروع ٿئي ٿي.

گئلري جي پاسي ۾ هڪ وڏو ڪمرو ٺهيل هو جنهن جي مٿان فيري جي ٽڪٽ جا ريٽ لکيل هئا.ا ن ڪمري مان لفٽ هيٺ وڃي ٿي اسان ٽڪٽ ورتي جيڪا اٺ ڊالرن جي هئي لفٽ ۾ ويهہ ماڻهو سوار ٿين ٿا لفٽ هيٺ ندي جي ڪناري تي ڇڏي ٿي جتان فيري ۾ چڙهي آبشار طرف وڃڻو هو ڪناري تان آبشار پري کان نظر اچي رهيو هو بلڪ آواز بہ اچي رهيو هو ڇڻ ڪو برف جو پهاڙ هيٺ ڪري رهيو هجي.

ٿڌو سهڻو. خوبصورت ۽ فرحت ڏيندڙ ماحول چارو طرف ڏند ڇانيل جهڙو سياري جو فجر هجي ان وقت ڏينهن جا ٻارنهن ٿيا هئا اسين فيري جي انتظار ۾ بيٺا آهيون اسان سان گڏ اٽالين، ڊين مارڪ،

جپان، جرمني، آمريڪن، برطانيہ، ڪينيا، هنگري جا نوجوان جوڙا ڪجهہ پوڙها پوڙهيون هڪ انڊين فيملي بہ هئي جنهن ۾ بہ جوان ڇوڪريون هڪ جا وار ڊگها جيتر جي پتلون پاتل جنهن تي ڪاري شرٽ ۽ اور ڪوٽ پاتل هئي ٻيون بہ ڪيتريون ڳاڙهيون اڇيون، گلابي ڦڪيون پيليون پوپٽيون هيون پر هي ٻئي انڊين نمبر کنيون بيٺيون هيون، اصل هڻ ڪڻ هيون ڇڻ فارمي ڪڪڙين ۾ پرديسي ڪڪڙيون هجن.

هي نائگرا نديءَ جو ڪنارو آهي جتان سامهون نديءَ جي ٻئي طرف ڪيناڊا آهي ڪيناڊا جو ڪناري تي ٺهيل ڊگهو Skylon Tower جيڪو نئگرا کان 775 فٽ مٿي حسين منظر ڏسڻ لاءِ مشهور جنهن جي مٿان هوٽل ۽ ڪيسنو آهي نظر اچي پيو ڪيناڊا جي ماٿهن ڪي نائگرا فال ڏانهن ڪٽي ويندڙ فيري جنهن تي هيٺ مٿي مسافر پيلي رنگ جا رين ڪوٽ پاتل نظر اچن پيا. ڪيناڊا ۽ نيويارڪ کي ڌار ڪندڙ نائگرا ندي مٿان ٺهيل مضبوط لوهي پل Rainbow Bridge نظر اچي پيئي ان پل تان اگر ڪيناڊا جي ويزا هجي تہ ماڻهو ڪيناڊا بہ وڃي سگهي ٿو جي ويزا نہ هجي تہ ڇون ٿا پاسپورٽ جمع ڪرائي ڪيناڊا مان چڪر ڏئي سگهجي ٿو پوءِ ڪسٽم وارن سان ڪجهہ جوڙ توڙ ڪرڻو پوندو.

هتي اهو منظر ڏاڍو عجيب ۽ مزيدار لڳندو آهي هڪ طرف ڪيناڊا مان فيري مسافرن کي ڪٽي نڪري ٿي ٻئي طرف کان نائگرا مطلب نيويارڪ مان فيري نڪري ٿي ٻنهين فيرين جا مسافر دنيا جي مختلف ملڪن جي سياحن سان ڀريل قدرت جي هن شاهڪار کي ويجهو وڃي ڏسڻ لاءِ منتظر ۽ بيتاب رهن ٿا ٻئي ملڪ هن عظيم شاهڪار مان فائدو وٺن ٿا اڄ تائين ڪروڙين ماڻهو هتي اچي چڪا هوندا ۽ عربين ڊالر ڪمائي ٿي هوندي.

هاڻ فيري اچي رهي آهي اسين هڪ طرف بيٺا آهيون هي ماڻهو نہ

پر فرشتا آهن چپ چاپ خاموش. فيري اچي ڪناري سان لڳي آهي، ماڻهو هيٺ لهي رهيا آهن ڪنهن ڪي ڪا تڪڙ ناهي ايتري ۾ هڪ ويل چيئر تي وينل اپاهج فيري مان نڪري ٿو. مان سوچيو ته لفٽ تي پهچڻ لاءِ چڱي خاص ڏاڪڻ مٿي آهي هي همراه ڪيئن مٿي چڙهيو هوندو. ايتري ۾ ڏاڪڻ سان گڏ ٻه لوهي پائپ مٿي لفٽ طرف لڳل هئا هن همراه ويل چيئر ڪي پائپن سان لڳائي ويل چيئر ۾ لڳل بٽڻ دٻايو ته بيٽري جي زور تي ويل چيئر مٿي چڙهي ويئي مان حيران ٿي ويس ۽ هن قوم کي سلام جنهن اپاهجن کي تندرستن جهڙو ڪري ڇڏيو.

جڏهن سڀ ماڻهو لهي ويا ته پوءِ اسان چڙهڻ لڳاسين فيري تي چڙهڻ وقت هر ڪنهن مسافر کي بلورنگ جو پلاسٽڪ جو ٿهيل رين ڪوٽ ڏين ٿا جيڪو پاتو پوي ٿو جو جڏهن آبشار جي ويجهو ويجبو ته زوردار ڇنڊا ڪپڙا پسايو ڇڏين.

فيرري آهستي آهستي هلڻ لڳي اچي رنگ جي ڊبل اسٽوري خوبصورت بلڪل اهڙي ساڳي فيري مجسمي آزادي تي وڃڻ لاءِ مئن هٽن بيٽري پارڪ مان هلي ٿي.

جيئين جيئن فيري آبشار جي ويجهو ٿئي ٿي پاڻيءَ ۾ موج مستي نائگرا فال جو گجگوڙ وارو آواز ويجهو ايندو وڃي ٿو موسم ڏاڍي وٺندڙ ماحول مطابق سردي آهي فيري لهرن ۾ لڏي ٿي.

جڏهن فيري آبشار جي گهڻو ويجهو وڃي ٿي ان وقت مسافرن جي ڪيفيت عجيب ٿئي ٿي سامهون شاهي ڊگهو پاڻيءَ جو وهڪرو 193 فٽ اوچائي کان مٿان هيٺ ڪري ٿو ڄڻ ڪو برف جو گليشر هيٺ ڪري رهيو هجي هي منظر هميشه لاءِ دل تي نقش ٿي وڃي ٿو.

ٻارنهن ملين ڪيوبڪ فٽ پاڻي هڪ منٽ ۾ ڪري ٿو هي ٻه ٽهاڻ گهٽ ڪيو ويو آهي جو ڇهه ملين Hydro Electric Power لاءِ Divert ڪيو ويو آهي جنهن لاءِ ڪينيڊا ۽ آمريڪا جو معاهدو آهي. ٽورسٽن جي مطالبي تي هاڻ گهٽ ۾ گهٽ ٽي ملين ڪيوبڪ فٽ پاڻي

هڪ وقت ۾ پاس ٿيندو آهي.

جنهن وقت اسين آبشار جي ويجهو پهتاسين تہ سيني جا ڪپڙا پسي پٽ ٿي ويا سڀ رين ڪوٽ سنڀالڻ ۾ لڳي ويا عورتن جي واتان رڙيون ڪوڪون مون بہ وني سبحان الله سبحان الله ڪئي ان وقت هي غير ملڪي مونکي ڏسڻ لڳا تہ هي شخص ڇا چئي رهيو آهي. هڪ فيري جو آواز ٻيو آبشار جو زوردار آواز فيري بہ لهرن ۾ لڏي رهي هئي ان وقت ڏاڍو لطف اچي ٿو جو ايترو ٻري ڪان جنهن مقصد لاءِ ماڻهو اچي ٿو اهو حاصل ٿئي ٿو هڪ ڊپ بہ ٿئي ٿو تہ جي رب سائين رسي پئي ۽ اهو آبشار حڪم الاهي سان ٿوري اڳتي ڪري تہ جيڪر سڀ ٻڏي پورا ٿي وڃو پر مالڪ وڏو مهربان ۽ رحيم آهي. هن پنهنجي بندن لاءِ ڇا ڇا نہ نعمتون آسائشون ۽ لذتون بنايون آهن. گهڻا محبوب هن ڊپ. لطف ۽ لذت جو فائدو وني هڪ ٻئي کي ڇهتي ويا.

هاڻ ڏهن پندره منٽ فيري هن طوفان ۾ ٻيهڻ بعد واپس ٿئي ٿي مسافرن ۾ ڳالهيون تبصرا ۽ کلڻ خوشيءَ جو اظهار جيئن اسان وڏو ڪو معرڪو فتح ڪري آيا هجون.

نائگر فال ڪان وڏا ٻيا بہ فال آهن پر پاڻيءَ جو مقدار آبشار مان گهٽ آهي نائگرا فال مان گهٽو آهي. نائگرا شهر هوئڻ ڪري نائگرا جو نالو مشهور آهي حالانڪ چار وڏا فال آهن.

1. American folls, 2. Bridalveil folls, 3. Niagra Folls, 4. Horse Shoe Falls

نائگرا فال ۾ جيڪو پاڻي اچيَ ٿو اهو چئن وڏين ندين مان اچي ٿو جنهن وقت پاڻي جو وهڪرو تيز وهي ٿو پاڻ سان گڏ وڏا وڏا وڻ پٿر لوڙهيو ڇڏي. فال ڪيناڊا مان اچي آمريڪا ۾ ڪر ينو. جتان نائگرا ندي وهي ٿي نائگرا ندي سفر ڪندي Lakeontario ۾ ڪري ٿي پوءِ Lawrence River آخر ۾ اهو پاڻي باغن ٻنين. جهڳن جبلن ۽ شهرن کي سيراب ڪندو ائٽلانٽڪ سمنڊ ۾ ڪري ٿو.

دنيا جو مشهورر تورست مقام ۽ تفريح جي جڳهه نائگرا فالز جي ڪري نائگرا شهر جي قسمت بدلجي ويئي آهي Hydro Electric Power پاڻيءَ مان بجلي پئدا ڪرڻ جو وڏو بجلي گهر جنهن مان ڪيناڊا نيويارڪ ۾ بجلي سپلائي ٿئي ٿي.

نائگرا وڏو صنعتي شهر پڻ آهي هتي ڪيميڪل، ڪاغذ نقشا، بيٽري، سيول پئدا ٿين ٿا.

هتي Tourism ۽ هوٽلون ڀ جام آهن، فيري سروس هلن ٿيون هيليڪاپٽر ۾ نائگرا جو سير ڪرائين ٿا اهو تہ هڪ نہ وسرڻ جهڙو ۽ يادگار تفريح آهي هيليڪاپٽر مان فالز نديون، باغ ۽ تفريح جا مقام نظر اچن ٿا.

ڪيناڊا جي طرف ڪان فالز ڪي ڏسڻ جو مزو ئي ٻيو آهي خاص ڪري رات جي وقت فالز تي بجلي جو چمڪڻ پاڻيءَ ۾ بجلي جو عڪس سهڻو منظر پيش ڪري ٿو.

نائگرا فالز تي پهچڻ بعد ڪيترن قسمن جون تفريح آهن ماڻهو وڃي تہ گهٽ ۾ گهٽ هڪ هفتي رهڻ جو پروگرام رکي وڃي ۽ ڪوشش ڪري ڪيناڊا جي ويزا وٺي وڃي.

فال جي تفريح ڪانسواءِ ڪيترائي Tour، پڪنڪ ۽ ڏسڻ جا منظر آهن جن مان ڪجهہ هيٺ ڏجن ٿا.

Winter Garden Site of Devils Hale Aquarum- Wax musium- Rainbow Center, Niagare Splash water Park. Goat Island Lune Island.

. نائگرا فال ۽ ٻين فالز جي پاڻيءَ جو وهندڙ تيز وهڪرو جيڪو سالن ڪان وهي رهيو آهي زمين ۽ پاسن ڪي ڪائي ٿو ڪڏهن ڪڏهن فال سان گڏ هزارين مڻ مٽي هيٺ ڪرندي آهي 28 جولاءِ 1954ع ۾ نائگرا جي تاريخ ۾ سڀ ڪان وڏي پهاڙي 185000 هزار ٽن وزني آمريڪن آبشار جي ڪاهي ۾ ڪري هئي جنهنجو آواز ميلن تائين ٻڌو ويو هو.

ڪينيڊين آمريڪن جوائنٽ ڪميشن آبشارن جي ڪنارن جي ڪاڏ ۽ ٻيو هر طرح جي سنڀال رکن ٿا.

نائگرا تي وڏا Hydo Electric Power Robert.r. moses Niagara Hep جيڪو 2190000 ڪلو واٽ بجلي پئدا ڪري ٿو نيويارڪ سائيڊ تي آهي ۽ 1.815000 Sir Adam Beck Plants ڪلو واٽ بجلي پئدا ڪري ٿو انٽاريو ڪينيڊا سائيڊ تي آهي.

1994ع ۾ خنجراب تائين شاهراه قراقرم جو سفر ڪيم رستي تي ڪجهہ سٺا فال مطلب آبشار اچن ٿا اسان انهن ۾ وهنتاسين پر هڪڙو بہ مشهور ڪونهي اصل ۾ حڪومت توجع ڏي ۽ اهڙن قدري نعمتن ۽ نظارن کي روشناس ڪرائي ۽ تفريح جا مقام ٺاهي تہ ملڪ جي عزت ٿئي. پر واه سائين امريڪن ڏاڍي محنت ڪن ٿا مالڪ سائين جي لڪل ڳجهن نعمتن کي اسراارن کي دنيان لاءِ روشناس ڪيو اٿن. پنهنجي ۽ ملڪ جي عزت وڌائي اٿن.

# Rochester

نيويارڪ پهچي ڪجهہ ڏينهن بعد مون امتياز کي چيو تہ مونکي جنيوا وٺي آهي جيڪو روچيسٽر جي قريب آهي جينيوا ۾ مسز تمڪين سان ملڻو اٿم جو سندس خاوند انوار احمد خان گذريل سال فوت ٿي ويو آهي فاتح ڪندس. انوار احمد خان آمريڪن حڪومت ۾ ايگريڪلچر سائنسدان هو ۽ هن ڪيتريون نيون شيون زراعت ۾ ايجاد ڪيون جنهن ۾ Ceed less Water melon (بغير داڻي جي ڇانئين) هڪ آهي.

انوار احمد غريب پرور ۽ نيڪ انسان هو روچيسٽر ۾ پڙهندڙ غريب شاگردن جي مدد ڪندو هو. تمڪين خان بہ اسلامي تعليم ۽ غريب شاگردن جي گهڻي مدد ڪري ٿي.

امتياز چيو تہ روچيٽس ۾ سندس هڪ پراڻو دوست انور بہ رهي ٿو ۽ ان جو پاءُ اڄڪلهہ روچسٽر اسلامڪ سينٽر جو انچارج آهي امتياز نيويارڪ جا نقشا ڪڍيا ۽ روچيسٽر جنيوا جو اتو پتو ڪڍيائين ان کان پهرين اسان مسز تمڪين کي فون ڪيو پر No reply امتياز پنهنجي دوست انور کي فون ڪيو تہ تون جنيوا مان خبر وٺي ڏي مسز تمڪين جي انور خان واپس فون ڪيوت ہ روچيسٽر کان سٺ ڪلوميٽر

نالي جا ڪيترائي ادارا قائم آهن هتي جي تعليم جو معيار اعلي ۽ اوچو آهي.

روچسٽر ۾ 1. Art Galary- Musuem, 2. Musuem of Photo Graphy, 3. Planitarium, 4. School of Deaf State Mental Hospital مشهور جڳهيون آهن.

هتي آمريڪا جي مشهور Kodac Company قائم آهي جنهن جا ڪيميرا Equipment Lenses ۽ فوٽوگرافري جا سامان دنيا ۾ سپلائي ٿين ٿا هتي ڪپڙو، چمڙو، ميٽل ۽ ڪاٺ جو مشهور صنعتون آهن.

ڪاڏي جا اهم پيڪنگ پلانٽس ۽ پاچيون فروٽ پيڪ ڪرڻ جا مشهورر ڪارخانا آهن.

Rochestor Metropoliton Consist of Monvoe, Livingston, Ontavio and Vayne

1980ع جي مطابق آبادي 971230 رروچسٽر ۾ مستند ۽ سند يافته يونيورسٽيون آهن جتي طرح طرح جا ڪورس ٿين ٿا.

under Graduate ڪــان Doctorat تـائين تـعليـم ملي ٿـي

نيويارڪ ڪان نائگرا فال وڃڻ وارا روچيسٽر ضرور ويندا آهن.

# Buffalo

نيويارڪ ۾ بفلو ۽ روچيسٽر وڏا ۽ حسين شهر آهن گورن سخت محنت ڪري پنهنجي ملڪ جي عزت وڌائي آهي نائگرا فال ويندي بفلو ڏسڻ جو موقعو مليو ان جو ڪجهه ذڪر.

1816 ۾ هڪ ننڍڙو ڳوٺ 1832 شهر نيويارڪ جو ٻيو وڏو شهر Erie Lake ۽ Niagra River جي ڪنارن تي مشهور ڍنڍن جي چوطرف آباد تيل خوبصورت شهر بفلو ڏسڻ وٽان آهي.

هتي ڍنڍن تي پورٽ ٺهيل آهن جتي جهاز فيريون موٽر بوٽس هلن ٿيون، آمدرفت ۽ تجارت لاءِ ڪم اچن ٿيون.

بفلو ۾ بين الاقـوامي پلن Rail Road Bridge ۽ Peace Bridge ذريعي نائگر ندي مـتـان ڪينادا سـان مليل آهي هي پلون 1927 جون ٺهيل اڄ به نيون لڳن ٿيون.

بفلو ۾ شروع کان انڊين رهن ٿا ڊائون ٽائون ۾ انڊين جا جڙي ٻوٽين ۽ گلن جا دڪان آهن هن وقت موجود آهن دنيا جو پهريون 1843ع ۾ بفلو ۾ ٺهيو جيڪو پوءِ آمريڪا جو Grain elevator سڀ کان وڏو Grain Distributor ٿيو جنگ عظيم کان پهرين هتي زير زمين ريلوي سسٽم هو جتان نائگرا جا غلام آمريڪا مان ڪينيڊا پهچندا هئا بفلو جي ٻن ميمبرن کي آمريڪا جو صدر ٿيڻ جو اعزاز حاصل آهي. Millard. Fillmore 1850. Grover Cleveland

وارا بفلو جو شهر ضرور گهمن ٿا. بلڪ ايئن چئجي ته رب سائين نائگرا فال بفلو لاءِ هڪ رحمت ۽ ڪمائي جو ذريعو بڻايو آهي.

بفلو هڪ صنعتي شهر پڻ آهي هتي جا مشهور برآمدي ذريعا.

Grainstore, Godown, Iron, Steel, Chemical Godown, Motor Vehical, air craft aero space equipments, Electric Product

انگريزي ۾ بفلو مينهن کي چون ٿا جيڪا ايشيا ۾ پالي وڃي ٿي پاڻيءَ جي بفلو به ٿئي ٿي جيڪا ڏکڻ مڙيل سڱن سان ساڍا ڇهه فٽ ڏگهي 900 ڪي جي وزن رنگ ڪارو انڊيا ۾ پالي وڃي ٿي.

نيويارڪ کان جهاز ٽرين ۽ بس ذريعي بفلو وڃي سگهجي ٿو مان جنيوا مان روچيسٽر ۽ اتان بس Greyhounds ۾ بفلو ويو هئس.

بفلو مونکي گلاسگو وانگر قديمي شهر لڳو ٿي.

نديون، ڪئنال، واه، ڍنڍون ۽ عظيم سمنڊ هي سڀ مالڪ مهربان جا مليل پنهنجن بندن لاءِ دنيا ۾ رحمت جا ذريعا آهن اها ان قوم جي محنت، جاکوڙ عقل ۽ ترقي آهي جو قدرتي نعمتن مان ۽ پاڻيءَ مان فائدو حاصل ڪري شهر کي گل گلزار بڻائين ٿا.

بفلو ۾ اهي نديون، انهن مٿان پلون، ڍنڍون ڪنارا ۽ انهن ۾ هلندڙ جهاز، فيريون، ٻيڙيون، بفلو جي خوبصورتي جو اهم سبب آهن.

آمريڪن هر طرح سان پاڻيءَ جو استعمال ۽ فائدو ورتو آهي.

حيدرآباد ۾ سنڌو دريا مان هڪ ئي وقت ٽي اهم نديون ڦليلي، پڃاري ۽ چينل نڪرن ٿيون ڪنهن به قسم جي آمدرفت، تفريحي يا تجارتي فائدو نٿو ورتو وڃي سنڌو دريا تي ڄامشورو وٽ هڪ هوٽل المنظر سا به نه هئڻ جي برابر آهي. پاڪستان جو سڀ کان وڏو ڏکو دريا مهراڻ تي هڪ به ڏسڻ وٽان ريزارٽ ۽ پڪنڪ پوائنٽ نه آهي.

هنن ندين جا ڪنارا پڳل، خطرناڪ ۽ بي ترتيب. ڪاش اسان جي حڪومت هنن نعمتن تي ڪجهه غور ڪري، ڪنارن کي ناهي آباد ڪري.

موٽر بوٽس فيريون هلايون وڃن ۽ پبلڪ لاءِ تفريح ٿئي مصروف ٿين ته اندروني جهڳڙا ختم ٿين، شهر خوبصورت ٿئي ۽ ملڪ ترقي ڪري.

# Lisa of Webster

آمريڪي گورو ظاهري سينگهار ناهہ ٺوهہ شوخائي کان ناواقف دنيا جي سوچ سمجهو. عقل نظرن ۽ تنقيد کان بي نياز پنهنجي دنيا ۾ مگن ۽ مصروف رهي ٿو.

انسان جو قدر جانورن سان پيار اپاهجن جي عزت وڻن ٻوٽن ۽ گلن جي اهميت قدرتي نظارن سان چاهہ قانون جو احترام ملڪ سان محبت نندي، وڏي پوڙهي جوان جو امتياز ڪوڙ کان پري سچ جي ويجهو زندگي جي زماني ۽ دنيا جي تمام خوبين کان مالامال ۽ ترقي جي منزلن تي روان دوان ڪنهن جو فڪر نہ ڪنهنجي خلاف پر هڪ ڳالهہ ۾ اڪتي جنهن کي خاص ڪري اسين مشرقي گهٽي اهميت ڏيون ٿا مطلب سيڪس متعلق، جنسي عمل ۾ آزادي جيئن بغير شادي جي ٻار ٿيو وڃي تہ ڇوڪري فخر سان ٻڌائيندي تہ منهنجي پيٽ ۾ فلاڻي جو ٻار آهي جيڪو هن جو دوست آهي. ٻلي شادي نہ ٿئي ٻار ڄڻڻ بعد حڪومت اهڙن ٻارن پالڻ لاءِ خرچو ڏئي ٿي اهڙا ڪيئن آمريڪي بيروزگار نوجوان ڇوڪرا ڇوڪريون جيڪي بيروزگاري الائونس تي گذارو ڪن ٿا. ڏينهن رات هتي هتي ڌڪا کائين ٿا بواءِ فرينڊ گرل

# Cave of the Winds Trip

جتان نائگرا فال تي وڃڻ لاءِ لفٽ ۾ چڙهبو اُتان فال طرف ڏسبو ته ڪبي هٽ تي ڪيترائي ماٿهو پيلارين ڪوٽ پاتل ڪاٺ جي ڏاڪڻ کي جهلي هيٺ وڃن ٿا دراصل اها به هڪ تفريح جي جڳهه آهي جيڪا ڪجهه خطرناڪ به آهي، پر هي قوم خطرن سان راند ڪيڏڻ واري آهي.

هن مقام کي تيز هوائن جي غار چون ٿا 175 فٽ ڪاٺ جي ڏاڪڻ تان هيٺ لهي نائگرا جي ڪاهي ۾ ويٺو پوي ٿو جتي برفاني ٿڌي هوا پاڻيءَ جا طوفاني ڇنڊا توهان جو مقابلو ڪندا، جيئن ته هر وقت پاڻي جيڪو آبشار مان وهي پيو پوڻ ڪري ڏاڪڻ آلي ۽ ترڪندڙ ٿي ويئي آهي جيڪا خطرناڪ آهي ان لاءِ ريلنگ کي جهلي هيٺ لهڻو پوي ٿو. هتي ننڍڙا ٻار مطلب جن کي ڪڇ تي کڻجي يا Carier Child اجازت ڪانهي.

ڪيترائي مرد عورتون هڪ جهڙا پيلارين ڪوٽ پائي پسندا ترڪندا ٿڌيون هوائون کائيندا ڏاڪڻ جهليندا هيٺ لهن ٿا وري واپسي به آتا آهي. اصل رڙيون واڪا ۽ شورر هڪ مزو لطف چارو طرف ڏنڌ آبشارن جو آواز نائگرا ندي جو ڪنارو پري پري کان ڪيناڊا جو ٽاور نظر اچي پيو پل نظر اچي پيئي هڪ تفريح ۽ زندگي جا يادگار لمحا اهڙي موقعي تي معشوق گڏ هجي ته هڪٻئي کي جهلڻ ترڪڻ چڙهڻ هيٺ لهڻ هي سڀ هن سائين جا احسان ۽ مهيا ڪيل سڪون خوشيءَ جا ذريعا جيڪي گورن ڳولي لڌا آهن

# Ferry Service

نيويارڪ ۾ سڀ کان وڏي نعمت ائٽلانٽڪ اوشين آهي جنهن جي هجڻ ڪري جزيره آهن جهاز آهن نديون ۽ نالا آهن خوبصورت ڪنارا آهن حسين مناظر آهن فيريون آهن ٻيڙيون آهن، موٽر بوٽ ۽ طرح طرح جا پرڪشش نظارا آهن. انسان گڏ نيويارڪ جي رنگين، حسين، ڀانت ڀانت جي نسل جي اچن ڳاڙهن گورن، گلابين، ڪارن ۽ ڀورن ماڻهن لاءِ هي سمنڊ موٽريون ۽ فيريون تفريح جو وڏو سامان آهن.

امتياز مون کي سڀ کان پهرين مئن هٽن مان فيري ذريعي اسٽيٽن آئلينڊ گهمايو.

مئن هٽن مان اسٽيٽن آئلينڊ لاءِ فيري سروس هلي ٿي. نارنگي رنگ جي وڏي شاهي ڊبل اسٽوري جنهن ۾ هيٺ مٿي ماڻهو گرائونڊ فلور تي گاڏيون جنهن ۾ بسون ٽرڪون، موٽرون اچن ٿيون هي فيري ماڻهن کي مئن هٽن کان ڪٽي اسٽيٽن آئلينڊ پهچائي ٿي ۽ اسٽيٽن آئلينڊ مان مئن هٽن سڄو ڏينهن هڪ فيري اچي ٿي ٻي وڃي ٿي. هن فيري ۾ هڪ هزار ماڻهو اچن ٿا. ڪابه ٽڪٽ نه آهي فيري ۾ ماڻهن جي ويهڻ لاءِ بينچون ٿهيل آهن بيهڻ لاءِ گيلري آهي جنهن مان دل فريب نظارا ٿين ٿا. رب سائين جي قدرت هتي گهڻي حسين ڏسڻ ۾ اچي ٿي. فيري جڏهن ڪناري کان پري سمنڊ ۾ پهچي ٿي ته پري پري سمنڊ ۾ ٻيون به فيريون موٽر

بوٽس هلندي نظر اچن ٿا. سائي نيري سمنڊ تي اڇون اڇون فيريون ۽ موٽر بوٽس سهڻو سمان پيش ڪن ٿيون.

فيري مان مئن هٽن جي فلڪ بوس عمارتن جو نظارو ڏاڍو وڻندڙ آهي ۽ ڪجهہ پري لبرٽي آئلينڊ ۾ سائي رنگ جو مجسمي آزادي نظر اچي ٿو اسٽيٽن آئلينڊ جا ڪارا ڍڳها وڻ ۽ عمارتون بہ سٺيون لڳن ٿيون.

ساڳئي وقت آسمان ۾ هيليڪاپٽر بہ پرواز ڪندو نظر اچي ٿو.

فيري ۾ هڪ باٿ روم جنهن کي واش روم چـون هڪ ريسٽ روم بہ آهي. مٿي ڪيپٽن جو ڪمرو آهي عورتن لاءِ ميڪ اپ روم پڻ آهي ان ۾ جهاتي پائي ڏٺم تہ هڪ عورت لپسٽڪ لڳائي رهي هئي. ننڍڙو اسنيڪ بار آهي جتي چائي، ڪافي، ٿڌو ۽ اسنيڪس ملن ٿا.

فيري جي هر هڪ سيٽ هيٺان لائيف جيڪٽ فڪس ٿيل آهي جيڪا ايمرجنسي ۾ ڪم اچي ٿي.

بيٽري پارڪ مان مجسمہ آزادي لاءِ جيڪي اڇي رنگ جون فيريون هلن ٿيون اهي بہ نظر اچن ٿيون هي فيريون خوبصورت ۽ نيون آهن فيري اندر ماڻهو بہ سهڻا، صاف، سٿرا نازڪ نوان هوندا آهن.

اسٽيٽن آئلينڊ واري فيري تي چڙهڻ لاءِ بہ رستا آهن هڪ ماڻهن لاءِ ٻيو گاڏين لاءِ ماڻهو هيٺ گاڏيون بيهاري مٿي اچي ويندا آهن. جڏهن فيري ڪناري سان لڳي ٿي اهو منظر ڏسڻ وٽان آهي هڪ آپريٽر هوندو اهي سڀ ڪم آٽوميٽڪ آهي ماڻهو فيري ۾ چڙهن ٿا ڪابہ لائن نہ هوندي آهي پر سڀ منظم طريقي سان خاموش ۽ صبر تحمل سان چڙهن ۽ لهن ٿا ڪابہ ڌڪم پيل يا بد نظمي نٿي ٿئي.

اسان وٽ بس يا ٽرين ۾ چڙهڻ وقت يادگار منظر هوندا آهن خاص ڪري موڪل جي ڏينهن ۾ ڪراچي ۽ حيدرآباد جي بس تي ڪپڙا ڦاٽيو پون مسافرن جا. سامان هيٺ مٿي نہ فيملي جو خيال نہ ٻارن جو اهو تہ نهيو پر دعوتن ۾ جڏهن ماني کائڻ لا چيو ٿو وڃي تہ

ٽيبلن تي رش ۾ تڙ تڪڙ ڏسڻ وٺان هوندي آهي حالانڪ جنهن دعوت ڏني آهي تنهن سڀني جي لاءِ ماني ٺهرائي هوندي پر بي صبري ۾ اڪيڻ جي بک اسان کي اندو ڪيو ڇڏي قاعده قانون سڀ ٽوڙي ڇڏين. هاڻ تہ وزيراعظم نواز شريف شادين ۾ ماني تي پابندي هٽي ڇڏي ۾ سڀ ٽنڌا پيا آهن.

هي فيري سروس

Amrican legion deptt merin aviation runs Ferry Service. جي تحت هلي ٿي.

نيويارڪ ۾ فيري سروس ڪيترين جڳهين تي هلي ٿي جيڪا آمدرفت تفريح ۾ تجارتي مقصد جي لاءِ بہ ڪم اچي ٿي.

بفلو جي ڊنڊن ندين ۾ بہ فيري سروس آهي، ڪي ڪي فيريون تہ گهٽيون وڏيون ٽين ٽيون جن ۾ بار ڊانس فلور ۾ سئمنگ پول، ڪمرا هوندا آهن اهڙيون فيريون پڻ ٽن ڏينهن لاءِ سمنڊ ۾ سير ڪرائيندريون آهن. امتياز مونکي چيو هو تہ بہ ٽي ڏينهن فيري ٽرپ ڪري اچو مزو اچي ويندو پارٽنر ملي وڃن ٿا يادگار لمحا ٿين ٿا.

مون چيو ادا مئن هتن ۾ بروڪلين جي فٽ پاٿن تي اهڙا حسين چهرا ۾ سين ڏنا اتم جو تاب جهلڻ مشڪل آهي جي فيري سروس ۾ وياسين اهي بہ بہ راتيون تہ پوءِ توکي اشتهار ڏيڻو پوندو.

بحرحال قسمت وارا اتي بہ گهمن ٿا.

سواءِ پاڪستان جي دنيا جي ڪيترن ملڪن ۾ فيري سروس هلي ٿي بنگلاديش، هندستان ۾ بہ فيريون هلن ٿيون فيريون سواءِ ڪنهن ٽريفڪ جي عمل دخل رش ۾ جي قدرت جي عطا ڪيل نعمت پاڻيءَ ۾ هلن ٿيون ماڻهن جي آمدرفت ۾ تفريح جي ڪم اچن ٿيون.

جڏهن سمنڊ ۾ ندين جي اندر پاڻيءَ جي سيني کي چيري هي اچيون پيليون، بلو ۾ مختلف رنگن واريون فيريون ترنديون هلن ٿيون تہ هڪ خوبصورت منظر پئدا ٿئي ٿو جيڪو ان شهر ۾ ملڪ جي

خوبصورتي ۾ اضافو ڪري ٿو.

بيٽري پارڪ مين هتن وٽان، اڇيون فيريون مجسمہ آزادي لاءِ هلن ٿيون ۽ نارنگي فيري اسٽيٽن آئلينڊ ڏانهن وڃن ٿيون. فيري مان بروڪلين مين هٽن، نيو جرسي اسٽيٽن آئلينڊ جا نظارا ٿين ٿا.

فيري هڪ ننڍڙو جهاز، سنگل يا ڊبل ۽ سو ڪان هڪ هزار ماڻهو کڻي ٿي مال اسباب علاوه. نائگرا فال تي پئسنجرن کي نائگرا ندي مان هڪ فيري خال طرف کڻي وڃي ٿي، اهو منظر ٻہ نهايت حسين آهي. ڪئناڊا ۽ آمريڪا ٻن ملڪن جون فيريون هڪ منزل ڏانهن گڏ هلن ٿيون، وري واپس ساڳئي جڳهہ تي اچن ٿيون.

اسان وٽ ڪراچي ۾ سمنڊ سنڌ ۾ مهراڻ پنجاب ۾ راوي ستلج، جهلم ۽ چناب اگر فيري سروس هلي ملڪ ترقي ڪري مسئلا حل ٿين پر ڪير سوچي هتي اسان باهمي ڪشمڪش ڇڪ تاڻ پارٽي بازي جي چڪرن ۾ پورا آهيون هڪ حڪومت گذريل حڪومت جا رڪيل ماڻهو ڪڍي پنهنجا ڀريندي آهي. انکي ملڪ جي ترقي چون ٿا

# Atlantic City

نيو جرسي اسٽيٽ جو مشهور شهر ائٽلانٽڪ سٽي، سمنڊ جي ڪناري واقع شاهي عمارتن، هوٽلن ڪسنوز جوا خانن، ڪلبن ۽ جوارين ڪان مشهور شهر آهي. مان ۽ منهنجو دوست ميان فياض احمد سندس فورڊ ٽارس ڪار ۾ گهمندا ڦرندا نيو جرسي ڪان ٽيندا ائٽلانٽڪ سٽي پهتاسين، شهر ۾ داخل ٿيڻ سان هڪ ڊالر ٽول ٽيڪس ڏيڻو پوي ٿو. پري ڪان هوٽلن ۽ ڪسينوز جون وڏيون ڊگهيون عمارتون نظر اچن ٿيون شهر اندر داخل ٿيندڙ مين روڊ تي سوين ڪارون پارڪ ٿيل هيون جيڪي پارڪنگ في بچائڻ ۽ جلدي نڪرڻ لاءِ ماڻهو اتي گاڏيون بيهارين ٿا. هڪ بس جو ٽرمينل اچي ٿو گهڻا ماڻهو بسن ۾ اچي جوا کيڏن ٿا ۽ هفتن جا هفتا رهيا پيا آهن.

وڏو ميڪڊونلڊ جو شاپ اچي ٿو اسان اتي چڪن پيس جيڪي ننڍڙا چورس ۽ ڪرپسي هئا چيز برگر ۽ ڪوڪا ڪولا جي وڏي گلاس سان لنچ ڪئي سين. ان وقت چار ٿيا هئا پارڪنگ مشڪل هئي آخر ۾ فياض تاج محل ڪسينو ۾ گاڏي پارڪنگ ڪئي جيڪا ڏهين فلور تي هئي هتي هر ڪنهن عمارت سان گڏ ڪار پارڪنگ ٺهيل آهي.

ميان فياض چيو امريڪا جا مشهور ڪسينوز ڏسنداسين جتي

ڪري پر هي آرٽ آهي اهڙي طرح هڪ ڪار ڪنهن دڪان ۾ ايڪسڊنٽ ڪيو آهي بلڪل ايئن لڳندو ته هاڻ گاڏي لڳي آهي پر اهو به آرٽ آهي. تفريح جا گهڻا نئي طريقا ڳولي ڪڍيا تان.

اسان هڪ هوٽل ڪيفي شاه جهان نظر آئي جتي ڪليل هو انڊين پاڪستاني ۽ بنگلاديشي کهاني ملتي هين. خوب گهميا سين ياد رهندا اهي ڏينهن ۽ ميان فياض جون مهربانيون.

ائٽلانٽڪ سٽي جو شهر گهڻو صنعتي تجارتي ۽ مصروف نظر آيو.

ائٽلانٽڪ سٽي جو شهر 1790ع ۾ سيٽل ٿيو ڪليل ريت جو ڪنارو گرمين ۾ سٽي موسم ۽ هوٽلن جي ٺهڻ ڪري 1845ع ۾ آباد ٿيو. 1970ع ۾ هوٽلن سان گڏ ڪسينو جوا خانه ٺهيا جن سڄي امريڪا کي متوجه ڪيو. هتي جي سڀ کان پراڻي ۽ مشهور هوٽل "The Claridge Hotel" کي نئون ڪري ناهيو ويو هي هوٽل ڏکهي پنجاه منزلن کان وڌي آهي.

هتي جي مشهور ڍنڍ Swardswood Lake جتي Bathing - Boating ۽ Fishing ٿئي ٿي. ائٽلانٽڪ سٽي جو شهر سمنڊ جي ڪناري هجڻ ڪري گهڻو مشهور آهي جو هتي جي سمنڊ جي ڪناري واري ريت نرم ۽ اڇي رنگ جي آهي جيڪا امريڪن گهڻو پسند ڪن ٿا.

# Philadel Phia

نيويارڪ ۾ رهندي هڪ ڏينهن منهنجي پراڻي دوست ميان فياض جو فون آيو جيڪو اسرار ڪري رهيو هو تہ توهان تيار ٿيو مان وٺڻ اچان ٿو. فياض اڄڪلهہ فلاڊلفيا ۾ ايئرپورٽ سيڪورٽي ۾ آفيسر آهي، ڏهہ پندرهن سال پهرين مهراڻ هوٽل ڪراچي ۾ ڪيٽرنگ مئنيجر هو ٻاهر وڃڻ جي چڪر ۾ رهندو هو سو آمريڪا هليو ويو هاڻ اتي چڱو سکيو آهي، مون سمجهو تہ فياض سان نيويارڪ جو چڪر ڏئي موٽي ايندا سين پر هي همراه تيار ٿي آيو هو تہ مان هن سان گڏ هلان مان بہ گهمڻ جي شوق ۾ چند ڪپڙا بئگ ۾ وجهي پنهنجو سفري ٿيلهو ڪٽي تيار ٿي ويس.

فياض صبح جو اٺين لڳي بروڪلن پهچي ويو اهو ڏينهن جهڙالو بادلن سان ڀريل هو. امتياز وٽ چاءِ ناشتو ڪري مان ۽ فياض سندس نئي ڪار Ford Tarus ۾ روانا ٿياسين.

فياض سان گڏ زندگي جو پهريون سفر نهايت پرخلوص مئو مانهو يار ويس مون کي ڪا خبر نہ هئي تہ ڪٿي هلڻو آهي ڪيڏانهن ٿا وڃون.

ٻہ ٽي ڪلاڪ تہ اسين بروڪلن ۾ گهمندا رهياسين شايد فياض

رستو پلجي پيو هو جڏهن هللينڊ ٽنل مان نڪري واشنگٽن برج ڪراس ڪئي سين ته نيوجرس ۾ آياسين، هاڻ اسين نيوجرسي جو علائقو عبور ڪري رهيا آهيون، چارو طرف صنعتي مرڪز وڏا ڏا ڪارخانه رهائشي علائقو، فاصلي تي وڏا وڏا سٺا گهر ٺهيل وري چاروطرف باغ بغيچا، نيوجرسي کي City of Gardens به چون ٿا.اسان South 95 هاءِ وي تان وڃي رهيا آهيون، اچڻ لاءِ الڳ ۽ وڃڻ لاءِ الڳ پنج ٽريڪ گاڏين لاءِ ڪٽي چار . هن وقت اسين نيو اڪ ايئرپورٽ جي پرسان لنگهي رهيا آهيون شاهي ڪارپارڪنگ نظر اچي پئي هوائي اڏي جون ڏکيون ڏکيون سرچ لائيٽون نظر اچن پيون. اسان جي گاڏي 65.km.pm هلي رهي آهي. جو رستي تي اسپيڊ بورڊ لڳل آهي جنهن تي لکيل آهي ته گاڏي 65mph کان مٿي نه هلي. رستي تان Htilton Hotel ۽ Park Plaza جون عمارتون نظر اچن ٿيون، گهمندا ڦرندا اسين نيو جرسي جي شهر ائٽلانٽڪ سٽي پهتاسين جنهن جو ذڪر علحده آهي، ان بعد ميري لينڊ بالٽيمور ، ڊليور مان ٿيندا فياض جي گهر فلاڊلفيا پهتاسين.

رات جو وقت هو پري کان فلاڊلفيا ڊائون ٽائون جون عمارتون بتين سان چمڪي رهيون هيون خاص ڪري نمايان آزاديءَ جي هال جي چانديءَ جي گنبذ واري عمارت چمڪي رهي هئي. فلاڊلفيا ٽائون ڊائون ڏسي خوشي ٿي ته مالڪ مهربان جون وڏيون مهربانيون جو هي تاريخي شهر جتي آمريڪا جو بنياد پيو ڏسڻ جو موقعو مليو.

اسين هاڻ فياض جي گهر پهتاسين هڪ طرف گرائونڊ ۽ فرسٽ فلور ننڍڙا ننڍڙا گهر لائن سان ٺهيل، جنهن ۾ وچ وارو فرسٽ فلور فياض جو هو هڪ بيڊ روم هڪ ڊرائنگ روم ۽ هڪ ڪچن جنهن ۾ چئن ڄڻن جي ماني کائڻ واري ٽيبل پيل هئي.

مين 95 سائوٿ روڊ کان جڏهن اندر مڙيو ته پنسلوونيا اسٽيٽ جي فلاڊلغا شهر ۾ داخل ٿيڻ White Menbridge ڪراس ڪرڻي

پوي تي اهڙي طرح ٽن چئن پلن کي ڪراس ڪري فلاڊلفيا شهر ۾ داخل ٿجي ٿو.

فلاڊلفيا شهر ۾ هڪ German Town آهي هتي ڪنهن زماني ۾ جرمن رهندا هئا هاڻ آمريڪن به رهن ٿا. هتي Bvord Street جي علائقي ۾ ڪارا شيدي رهن ٿا. جيڪي شهر جي اندر ڪرائم ۾ گهڻا ملوس آهن. شهر جي هڪ وڏي يونيورسٽي ۽ اسپتال آهي اهڙي طرح Asalle يونيورسٽي به گهڻي علائقي ۾ ڦهليل آهي.

فلاڊلفيا شهر ۾ شراب جا دڪان ۽ بارٻين شهرن جي مقابلي ۾ گهٽ آهن.

هتي تعليمي ادارا گهڻا آهن. رات جي وقت مان ۽ فياض مختلف رستن تان گهمي رهيا هئاسين جيڪا گهڻي ڪاروبار تجارت ۽ شاپنگ سينٽرن جي رونق پبلڪ جي چهل پهل ۽ بتين جي عمارتن مٿان جهرمر صرف ڊائون ٽائون ۾ ڏسڻ ۾ آئي. باقي رهائشي علائقن ۾ صرف اسٽريٽ لائٽ ٻري ٿي.

ڊائون ٽائون ۾ گهمندي گهڻن ئي اسٽورن ۾ وياسين پر هڪ اسٽور جنهنجو نالو Sex House هو تعجب خيز هو. هتي فرينچ ليدر مختلف سائيزن ۾ ٻن انچن کان اٺن انچن تائين وري ڪتاب، جن ۾ تصويرون لٽريچر دوائون لوشن ڪريمون ۽ مساج ننڍن وڏن هر عمر جي مرد عورتن لاءِ لذت، خوشي ۽ سڪون حاصل ڪرڻ جا هٿرادو ذريعا.

ڪيترائي نوجوان پوڙها وڏي غور ۽ شوق سان خريداري ڪري رهيا هئا. اسان ته مردن لاءِ فرنچ ليدر ٻڌا ۽ ڏٺا هئا پر هتي عورتن لاءِ به فرينچ ليدر رکيل هئا.

هڪ تفريحي ۽ تجسس جو اسٽور هو هتي اهي شيون عام آهن، هتي شخصي آزادي آهي ۽ اهو حق پوري طرح ڏنل آهي.

گهر پهتاسين رات جا ٻه لڳا هئا سخت بک لڳي هئي جو رستي ۾

چڪن برگر ۽ سئنڊوچ تي گذارو هو.

فياض پاڻ ڪئٽرنگ جو ماسٽر آهي جلد ئي ٽماٽن ۾ چڪن جا پيس وجهي اهڙو لذيذ چڪن مسالو تيار ڪيائين جو ڪائي دل خوش ٿي ويئي، هاڻ اچي ننڊ جو نشو ٿيو خوب سمهي ننڊ ڪئي سين. سڄو ٿڪ لهي ويو.

ٻئي ڏينهن فلاڊلفيا جو شهر ڏسڻ لاءِ نڪتاسين Philadilphia گريڪ زبان ۾ ٻن لفظن جو جوڙ آهي جنهنجو مطلب آهي Birth day love جنم ڏينهن ۽ محبت تاريخي لحاظ کان هتي شهر آمريڪا جي جنم جي ڏينهن کان مشهور آهي. آمريڪا جو Declaration هتي منظور ٿيو قانون هتي منظور ٿيو هي شهر 1790ع کان 1800ع آمريڪا جي گاديءَ جو هنڌ رهيو.

هن شهر جو خالق William Penn جنهن جو مجسمو وچ شهر ۾ 113 فٽ اوچو سٽي هال جي هٿان پري کان نظر اچي ٿو جيڪو 1894ع کان قائم آهي سٽي هال کان اڳتي Independanthall جي ڳاڙهين سرن سان ٺهيل قديمي بئنڪن جي روائتي عمارت جنهنجو اڇو گنبذ چاندي وانگر چمڪي ٿو ۽ فلاڊلفيا شهر ۾ داخل ٿيڻ وقت پري کان نظر اچي ٿو.

مان ۽ فياض گاڏي پارڪ ڪري ڊائون ٽائون ۾ خوب گهمياسين فلاڊلفيا ۾ پٿر جي ٺهيل عمارتن تي آرڪيٽڪٽ (Archetect) جي فن جو ڪمال آهي.

سٽي هال عمارت جي اندر وياسين شيشم جون ڏاڪڻون سنگ مرمر پوري پٿر جا ٺهيل فرش ڊگها دروازا ۽ دريون شيشم جا ٺهيل ڪشاده ڪمره ڪاٺ جي لفٽ عمارت جي مٿان وڏو شاهي گهنڊ لٽڪيل جيڪو 1976ع ۾ وڄايو ويو هو هيءَ عمارت شهر جي مرڪزي نگاهه هئي. Pennsylwania صوبي جو سڀ کان وڏو شهر 1982ع جي سروي مطابق آمريڪا جو پنجو وڏو شهر فلاڊلفيا ڊليور ۽

Schuylkill ندين جي سنگم تي هڪ وڏو ڪمرشل، صنعتي، ثقافتي، تعليمي ۽ تاريخي شهر.

ڊائون ٽائون ۾ عمارتون ڏسڻ وٽان هيون جيڪي قديمي ۽ تاريخي هيون انگريز ۽ گورا پراڻن عمارتن جي حفاظت ڪري انهن کي قائم رکن ٿا، اهوئي انهن جو سرمايو آهي. هتي قومون پنهنجي ماضيءَ تي نازڪ ٿيون.

أتي گهمندي سٽي هال جي عمارت اندر رسپشن تي هڪ جهور پوڙهي ويٺي هئي رنگ اڇو ورا پورا ميڪ اپ ۾ پريل هڪ گڏي ٿي لڳي.

مونکي اشتياق ٿيو ان سان خبر چار ڪيم ۽ ڪائنس سندس عمر پڇي ونيس هوءَ ڊيسڪ مان ٻاهر آئي ۽ مونکي چيائين تہ منهنجا پٽ ٻن ڳالهين جو خاص خيال رکج مرد ڪان بئنڪ بيلينس ۽ عورت کان ان جي عمر نہ پڇجي مان هن پرڪشش پوڙهيءَ جا لفظ ٻڌي چپ ٿي ويس ۽ فياض سان گڏ اڳتي وڌيس فلاڊلفيا قديمي ملڪ آهي هتي آمريڪا جا پراڻا ماڻهو رهن ٿا هاڻ تہ مختلف ملڪن جا باشندا هجرت ڪري هت اچي ويا آهن. پر هر هڪ ماڻهو هتي جي رسم رواجن قانون ۽ نظم ونسق تي سختيءَ سان عمل ڪري ٿو.

# Hudson River

هي قدرت جو نرالو نظام آهي هر ملڪ ۾ نديون، ڍنڍون ۽ آبشار هوندا آهن ۽ اڪثر وڏي شهرن ۾ ڪانہ ڪا ندي مشهور هوندي آهي. جيئن لنڊن ۾ دريا ٿيمس جرمني ۾.......... ڪينڊا ۾.......... پاڪستان سنڌ ۾ مهراڻ، ڪراچي ۾ لياري ندي، هندستان ۾ گنگا، ڍاڪا برهمہ پتر، فرانس ۾..........

اهڙي طرح نيويارڪ ۾ ايسٽ رور ڪانپوءِ هڊس رور چڱو خاصو وڏو دريا آهي جيڪو نيويارڪ جي باغن ٻنين، ۽ زرعي نظام کي سيراب ڪري ٿو.

هڊسن رور کي 1609ع ۾ Hennry Hudson دريافت ڪيو هو مونکي نيويارڪ جو سير ڪنهن هڊسن روڊ کي گهٽو ويجهو ڏسڻ جو موقعو مليو جڏهن مان مئن هٽن پين اسٽيسن تان سيراڪيو وڃڻ لاءِ ٽرين ۾ سوار ٿيس اهو ستن ڪلاڪن جو سفر هو A.M Track ٽرين مختلف اسٽيشن تان ٿيندو دريائي هڊسن جون من مستيون، پاسا پلون، ٻيٽ جزيره، ڪنارا ۽ نظارا ڏسندو سيراڪيو پهتو هئس.

هڊسن رور سان گڏ ريل جو پٽو هلي ٿو، ڪجهہ فاصلي تي رستو بہ آهي.

ترين جي دريءَ مان دريا هڊسن جا حسين نظآرا ڏسندي دل کي فرحت اچي رهي هئي. هن دريا جي ڪري زراعت کي گهڻي ترقي آهي جو سڄو علائقو سرسبز آباد ۽ زرخيز هو. انسان گندريا مان مڇي بہ بي حساب مري ٿي. دريا هڊسن جو پيٽ ڪٿي ننڊو تہ ڪٿي راوي ۽ ستلج جيترو آهي. دريا جي ٻني پاسي جهنگلات ۽ گهاٽا ٻيلا پڻ آهن انڪري ڪاٺ بہ گهڻو ملي ٿو.

هن دريا رستي فيريون لانچون موٽر بوٽس ننڍا ننڍا ڪمرشل جهاز جيڪي ساحل جي ماڻهن جي آمد رفت ۾ ڪم اچن ٿا. هلن ٿا. هڪ هند دريا جي وچ ۾ ننڍڙو ٻيٽ هو جنهن ۾ هڪ قلعو نما وڏو گهر ٺهيل هو ۽ وڻ بہ هئا. دريا جي پاسن کان فيڪٽريون ۽ ڪارخانا بہ جام آهن. دريا ۾ موٽر بوٽس تي ماڻهو خوب سير ڪن ٿا. دريا جو پاڻي سنڌو جهڙو ميرانجهڙو هو.

هي دريا وڏين ڍنڍين سان مليل آهي. جيڪو Mohawk River ۽ نيويارڪ اسٽيٽ جي Barge Conal سان ملي ٿو. هن ندي جي ڪري مشهور شهر جيڪي هڊسن جي ڪناري تي آباد آهن.

Glens Falls, Cohoes, Troy, Albany, Hudson, kingston, poughke psie, New Burgh, Peekskill, Yonkers and Weehawken.

هڊسن ندي سان گڏ ريلوي Parallel هلي ٿي. هڊسن ندي مٿان ڪيترين پلون اڏيل آهن جن مان ڪجهہ هي آهن. Albany, Toppanzee, George Washington, Pough keepsie bridge, Bear Montain لنڪن ۽ هالينڊ ٽنل هن ندي هيٺان گذرن ٿا. پن سلوانيا هڊسن مسئن هٽن ريلوي ٽنل ۽ هڊسن ندي هيٺان گذرن ٿا. نيويارڪ جي ترقي ۾ هڊسن رور جو گهڻو ڪردار آهي.

# ورلڊ ٽريڊ سينٽر W.T.C

مين هٽن گهمڻ مهل ورلڊ ٽريڊ سينٽر ڏسڻ جو گهڻو شوق هو. اڪثر پري پري کان اها عمارت چوڪندي نظر ايندي هئي. هڪ ڏينهن ارادو ڪري نڪتس هڪ ئي قسم جون ست عمارتون آهن جن کي دنيا جو تجارتي مرڪز چئجي ٿو. هن عمارت جي اوچائي فٽ پاٿ کان ميل جو چوٿون حصو آهي. ميز نائين فلور تان ڊگهي قطار ۾ بيهي ٽڪٽ وٺڻ بعد تيز رفتار لفٽ ۾ چڙهي 58 سيڪنڊن ۾ هڪ سو ست منزل تي پهچجي ٿو.

مان زندگي ۾ پهريون دفعو ايترو مٿي وڃي پهتس هيٺ ڏسڻ سان هر هڪ شئي رانديڪي وانگر لڳي ٿي. ائٽلانٽڪ سمنڊ ۾ بيٺل جهاز هٿ ۾ جهلڻ وارا رانديڪا لڳا ٿي. ديو هيڪل پلون بروڪلن برج، واشنگٽن برج ۽ ويروزانو برج ننڍڙيون هٿ جون ٺهيل لڳن ٿيون.

مير هٽن ۾ ٺهيل عظيم الشان عمارتون ۽ ڪجهه عرصو پهرين تائين دنيا جي سڀ کان ڊگهي عمارت امپائر اسٽيٽ هن عظيم عمارت مٿان فليٽن جيان لڳن ٿيون.

مان ايترو مٿي وڃي عجيب و غريب نظارا ڏسي رب سائين جو شڪر ادا ڪيو ۽ ان سان گڏ آمريڪن ماهرن جي فن ڪمال ۽ عظمت

کي سلام ڪيو جن محنت ڪري بهترين آرڪيٽيڪٽ سان هي ڪجهه جو نـاهي نـه صرف ملڪ آمريڪا ۾ نيويارڪ جو نالو روشن ڪيو پر هميشہ لاءِ هزارن ماڻهن جي روزگار جو بندوبست ڪيو پر اسٽيٽ لاءِ مستقل آمدني جو ذريعو ٺاهي ڇڏيو.

ورلڊ ٽريڊ سينٽر ۾ پنجاهہ هزار ماڻهو ڪم ڪن ٿا پنج لک ماڻهوروزانہ وزٽ ڪن ٿـا. اصل ۾ W.T.C جـون ست هڪ جـهڙيون ٺهيل عمارتون آهن جيڪي ٻارنهن ميلن اسڪوائر فٽ تي ٺهيل آهن. هن عمارت ۾ 43600 دريون آهن ڇهہ لک (600000) اسڪوائر فٽ شيشو لڳل آهي W.T.C جي اندروني ڪار پارڪنگ ۾ ٻہ هزار (2000) ڪارون بيهي سگهن ٿيون.

W.T.C نيويارڪ نيو جرسي جي پورٽ اٿارٽي طرفان بين الاقوامي واپار جي لاءِ ٺاهيو ويو هو. هن عمارت جي تعمير 1966ع ۾ شروع ٿي 1973ع ۾ مڪمل ٿي. W.T.C کان پهرين دنيا جي وڏي عمارت امپائر اسٽيٽ هئي جيڪا 1934ع ۾ ٺهي هئي.

W.T.C ۾ ڪيترن قسمن جو ڪئين هوٽلون آهن جتي برگر، پيزا، اسنيڪس ۽ طرح طرح جا کاڌا ملن ٿا پر 107 فلور تي هڪ عاليشان هوٽل آهي جنهن ۾ بهتر طعام ملن ٿا ان هوٽل جي هر هڪ ٽيبل جي دري مان 55 ميلن تائين نظارو ڪري سگهجي ٿو.هتي 600 قسمن جو شراب ملي ٿو. هت اچڻ کان پهرين بڪنگ ضروري آهي.

W.T.C جي عمارت هڪ شهر آهي هن ملڪ ۾ اهڙا ننڍڙا ننڍڙا شهر ڪيترائي آهن جتي ننڍڙي ايراضي تي هزارين انسان روزي ڪمائين ٿا.

جتي روزانہ پنج لک وزيٽر اچن اٺ ڊالر ٽڪٽ هڪ ڏينهن ۾ چاليهہ لک ڊالر هڪ مهيني ۽ سال جو حساب ڪروڙين ڊالرن ۾ ٿئي ٿو. ڪاش ايتري نہ تہ ان جي اڌجيتري عمارت هن ملڪ ۾ ٺهي. گهٽي عرصي کان ٻاويهہ منزل حبيب بئنڪ پلازه جي عمارت ٺهيل آهي ان بعد

دنيا ڪٿي وڃي پهتي آهي پاڪستان ۾ ٻي ڪا عمارت نہ ٿي.

مان اڪيلو گهمندو رهيس هن خدا جي رنگينيءَ حسين مخلوق سان گڏ ماڻهن جي گهڻي رش هئي جيئن ٻوهري بازار ۾ ٿيندي آهي پر هتي نظم،ضبط، اخلاق، شرافت هلندي هلندي ڪنهن کي ڪٿي ڪو هٿ لڳي وڃي تہ هڪدم Sorry جو جملو اصل ڪا ڳالهہ ئي نہ آهي هٿ لڳائڻ وارو شرمسار وري Excuse me تہ هتي جو ميجڪ ورڊ آهي.

ڏنم تہ ڪيترا مرد عورتون هڪ ڪوريڊور ۾ وڃي رهيا هئا مان انهن جي پٺيان لڳي ويس هڪ سينما حال ۾ گهڙي ويا جتي ڊاڪومينٽري فلم ڏسي رهيا هئا مان بہ ٿوري دير ويهي ٻاهر نڪري ويس ڪيترائي فوٽو ڪڍيم چارو طرف شيشا لڳل آهن هيٺ رستن تي ڪارون موٽرون ائين نظر اچن ٿيون جيئن ڪنهن سنهڙي گهٽيءَ ۾ ڊنڪيون رکيل هجن. هر هڪ شئي مختصر ۽ باريڪ نظر اچي ٿي.


انسانن جو تاهيل هي جادو جو پهاڙ جنهنجو هر هڪ نظام ڪمپيوٽرائيز، بجلي، پاڻي، گئس جو نہ ختم ٿيندڙ نظام W.T.C جي مثال هڪ ڪتاب لکي سگهجي ٿو. نيويارڪ شهر کي اهو اعزاز حاصل آهي تہ امپائر اسٽيٽ ڪانپوءِ ورلڊ ٽريڊ سينٽر کي اهو اعزاز حاصل آهي تہ دنيا جي وڏي ۾ وڏي عمارت آهي. ان بعد شڪاگو ۾سيزر ٽاور ٿيو آهي ۽ ملائيشيا ۾ بہ ٻہ بلند عمارتون ٿيون آهن.



امتياز، مسز امتياز ۽ ڌيءَ زارا ڪوني آئلينڊ بيچ




مصنف جو دوست امتياز فاروقي لنڪن ٽائون (بروڪلن) ۾ پنهنجي گهر وٽ ڪار اڳيان



مجسمہء آزادي جي اڳيان، ايلوس جزيري ۾




آمريڪا جي هڪ ليڊي فقير فلاڊيلفيا ۾



مصنف ۽ سندس دوست ميان تاج محمد ڪينسو ائٽلانٽڪ سٽي نيوجرسي




پوٹریکن پریڈ جون حسینائون



برائیٹن بیچ نیویارک



مصنف نائگرافال تي بيٺل



مصنف جو دوست ميان فياض ۽ هڪ همسفر بالٽي مور ۾